ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) خميس 11 ڊسمبر 2025ع 19 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (118)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پارليامينٽ ۾ وڌيڪ آئيني ترميم نٿا چاهيون، اهو نٿو ٿي سگهي ته اوهان فوج کي گاريون ڏيو ۽ اسان ماٺ رهون: بلاول ڀٽو

سياسي تنقيد لاءِ اسان موجود آهيون، پاڪستان ۾ هر هڪ جي ذميواري آهي ته متحد ٿي پنهنجي فوج سان گڏ بيهن، دهشتگردن کي اسان جي پاڙيسري ملڪن مان مدد ملي رهي آهي

دهشتگرد اسان جي فوج، پوليس ۽ عوام کي شهيد ڪري افغانستان پهچي ويندا آهن، اهي فوج ۽ عوام ۾ ويڇوٽي وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر اسان انهن کي ائين ڪرڻ نه ڏينداسين

ڪجهه سياسي قوتون سوشل ميڊيا ذريعي ادارن کي نشانو بڻائي رهيون آهن جيڪو ملڪ لاءِ نقصان جو سبب آهي، پاڪستان ڀارتي اڳرائيءَ جو ڀرپور جواب ڏيندي 6 ڀارتي جنگي جهاز ڪيرايا

دهشتگرد افغانستان مان پاڪستان اچن ٿا ڪارروائيون ڪري واپس هليا وڃن ٿا جيڪو پاڪستان لاءِ سنگين سيڪيورٽي چئلينج آهي، پاڪستان جي بهادر فوج انهن خطرن جو مقابلو ڪري رهي آهي

هڪ سياسي پارٽي سياسي دجال جو ڪردار ادا ڪندي عوام ۽ فوج وچ ۾ ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جيڪڏهن ڪا سياسي پارٽي انتهاپسند تنظيم جو ڪردار ادا ڪندي ته سوال اٿندا

”وزيراعليٰ پنجاب چڱو ڪم ڪري رهي آهي“ هڪ پارليامينٽ ڪان ٻه آئيني ترميمون ڪافي آهن، وڌيڪ جي گنجائش ناهي، آئين اهڙو دستاويز ناهي جو بار بار تبديل ڪيو وڃي

پنجاب ۾ اتحادي گروپن کي به اسپيس وٺڻي پوندي ۽ اسان صوبي ۾ وزارتون نه وٺنداسين، گڏيل حڪومتون ڏنڊي جي زور تي معيشت هلائينديون هيون، مان سمجهان ٿو ته معيشت کي پيار سان هلائڻ گهرجي: ميڊيا سان ڳالهيون

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سياسي تنقيد لاءِ اسان موجود آهن پر اهو ڪهڙو عمل آهي ته توهان رات ڏينهن فوج کي گاريون ڏيو ۽ اسان چپ رهون لاهور ۾ ڪارڪنن سان ملاقات ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان وري هڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي هر هڪ جي ذميواري آهي ته متحد ٿي پنهنجي فوج سان گڏ بيهي هن چيو ته گهڻي وقت کان چئي رهيو آهيان ته دهشتگردن کي اسان جي پاڙيسري ملڪن مان مدد ملي رهي آهي، دهشتگرد اسان جي فوج، پوليس ۽ عوام کي شهيد ڪري افغانستان پهچي ويندا آهن بلاول ڀٽو زرداري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

عدليا قانون جي حڪمراني مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

عدالتي سڌارن جو مقصد عدالتي نظام کي جديد رُخن تي اڏڻ، شفافيت کي هٿي ڏيڻ لاءِ آهي

عدالتن جي طريقيڪار ۾ بهتري، ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال، ججن جي تربيت ۾ واڌ ضروري آهي

انساني حقن جو تحفظ صرف عدالتن جي ذميداري ناهي پر اها پوري معاشري جي گڏيل ذميداري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته انساني حقن جو تحفظ هڪ قومي ذميداري آهي جيڪو اسان جي آئيني ويزن ۾ جڙيل اسان جي ثقافتي قدرن سان مضبوط ۽ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير امير مقام تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

وزيراعظم پاران سوار محمد حسين شهيد (نشان حيدر) کي شهادت جي 54هين ڏهاڙي تي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

انساني حق ڪنهن حڪومت جو تحفو نه پر هر انسان جو فطري حق آهي: طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي اجلاس ۾ پ پ جي حڪومت تي تنقيد، پي ٽي آءِ ميمبرن جو عمران خان جون تصويرون کڻي احتجاج، نعريبازي

وقتي اسپيڪر علي زاهد آغا رفيع الله ۽ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري کي لابي ۾ ويهي معاملا حل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

پي ٽي آءِ ميمبر ايوان ۾ پهچي ويا، ميمبرن پي ٽي آءِ باني جون تصويرون کڻي احتجاج ڪيو، اپوزيشن ميمبرن ايوان ۾ نعريبازي پڻ ڪئي

اها ڪهڙي سازش آهي؟ پيپلز پارٽي هميشه هر شيءِ جو جمهوري مقابلو ڪيو ۽ گڏجاڻي ۾ طئي ڪري فيصلو ڪندي ته اڳيان جو لائحه عمل ڇا هوندو

اسلام آباد (م د) قومي اسيمبلي جي وقتي اسپيڪر علي زاهد جي صدارت هيٺ قومي اسيمبلي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پيپلز پارٽي ميمبرن طرفان گوڙ ڪيو ويو جڏهن ته پي ٽي آءِ ميمبرن ايوان ۾ پي ٽي آءِ باني بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

حڪومت جو عمران خان کي اڊيالا جيل مان منتقل ڪرڻ تي غور

ان حد تائين پهچي چڪا آهن جتان واپسي ممڪن ناهي: وفاقي حڪومت

احتجاج جي نالي تي وڳوڙن ۽ فسادن جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان قومي اسيمبلي ميمبر علي زاهد جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان قومي اسيمبلي ميمبر بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

انساني حقن جو تحفظ هر رياست ۽ معاشري جي بنيادي ذميواري آهي : صوبائي گهرو وزير

سنڌ حڪومت شهرين جي بنيادي حقن جي سلامتي لاءِ سنجيده، مؤثر ۽ عملي قدم کنيا آهن

انساني حقن جي ڀڃڪڙي برداشت نه ڪئي ويندي هن معاملي تي ڪو به سمجهوتو ممڪن ناهي

انصاف جي فراهمي ۽ شهرين جي حقن جو تحفظ ترقي يافته معاشري جي بنياد هوندو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انساني حقن جي عالمي ڏينهن تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو آهي ته انساني حقن جو تحفظ هر رياست ۽ معاشري جي بنيادي ذميواري آهي ۽ هن معاملي تي ڪو به بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

بدعنواني خلاف پوري قوم کي متحد ٿيڻو پوندو: اسپيڪر قومي اسيمبلي

نيب جي سڌارن وارين پاليسين جي نتيجي ۾ اداري بابت خوف ختم ٿيو آهي

شفاف معاشي ۽ سماجي نظام جي جوڙجڪ ادارن جي گڏيل سهڪار سان ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق ۽ نيب چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) نذير احمد چيو آهي ته بدعنواني جو خاتمو فرض آهي ان ناسور خلاف پوري قوم کي متحد ٿيڻو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

او جي ڊي سي خيبر پختونخواهه ۾ نشپا بلاڪ ۾ تيل ۽ گئس جي وڏي دريافت جو اعلان

باراڳزئي ايڪس-1 کوهه مان روزانو 2280 بيرل تيل ۽ 5.6 ملين مڪعب فٽ گئس جي پيداوار حاصل ٿي رهي آهي: ترجمان

اسلام آباد (پ ر) — آئل اينڊ گيس ڊوليپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) اعلان ڪيو آهي ته خيبرپختونخوا جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪرپشن جي خاتمي لاءِ پورو نظام بدلائڻو پوندو: رياض پيرزاده

گهٽ عرصي ۾ عوام جو اعتماد حاصل ڪيو آهي: هائوسنگ وارو وزير

نيب جي نوجوان آفيسرن کي هر ڇهين مهيني ڪانپوءِ پرڏيهه جديد تربيت لاءِ اماڻيو وڃي

ملتان (اي پي پي) هائوسنگ واري وفاقي وزير رياض حسين پيرزاده چيو آهي ته ڪرپشن جهڙي لعنت جي خاتمي لاءِ پاڪستان سنجيدگيءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. نيب ڪجهه ئي وقت ۾ بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ صوبائي وزير عذرا پيچوهو جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

ميئر حيدرآباد، ڊي سي، ايس ايس پي، ڊي جي هيلٿ ۽ مختلف سرڪاري کاتن جي عملدارن جي شرڪت

حيدرآباد جي عوام وڏي تعداد ۾ ڪچهري ۾ شرڪت ڪري صوبائي وزير کي پنهنجين شڪايتن کان آگاهه ڪيو

حيسڪو ۽ سوئي گئس خلاف گهڻيون شڪايتون آهن، لاڳاپيل اختيارين سان ڳالهائي مسئلا حل ڪرايا ويندا: عذرا پيچوهو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي، صوبي جي ٻين شهرن وانگر حيدرآباد ۾ به عوامي مسئلن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

KHULI KACHERI
ERABAD DIST

حيدرآباد: صوبائي وزير عذره فضل پيچوهو ۽ ٻيا کلي ڪچهري ۾ عوامي مسئلا ٻڌي رهيا آهن

پي ٽي آءِ ان فوج تي حملي آور ٿي، جنهن پوري دنيا ۾ پاڪستان جو ڳاٽ فخر سان بلند ڪيو: اختيار ولي خان

پي ٽي آءِ باني سان ڳالهين جا سمورا دروازا بند ٿي چڪا، ملڪ ۾ عشق پاڪستان ۽ عشق عمران ۾ واضح لڪير ڪڍي وئي آهي

ايندڙ ڏينهن پي ٽي آءِ فوج ۽ عدليه تي حملي آور ٿئي ٿي ۽ ان جي خواهش آهي ته پي ٽي آءِ کي اڄ به پاناما بينچ واري عدالت گهرجي

پي ٽي آءِ جا سوشل ميڊيا اڪائونٽس ڀارت ۽ اسرائيل مان آپريٽ ڪيا پيا وڃن ۽ ڀارتي ميڊيا وڏائي چڙهائي پيش ڪري رهي آهي: مملڪتي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي ڪي پي ڪي جي سنڌ سماءِ بابت ڪوآرڊينيٽر اختيار ولي خان چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني سان ڳالهين جا سمورا دروازا بند ٿي چڪا آهن، ملڪ ۾ عشق پاڪستان ۽ عشق بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي صحافين کي نوٽيس جاري ڪرڻ آزادي صحافت تي حملي برابر آهن: فاضل جميلي

ڪمشنر افضل زيدي پاران ڪيس داخل ڪرڻ جي ڌمڪين جي سخت مذمت ڪريون ٿا

سرڪاري عملدارن پاران صحافين کي ديڄارڻ ۽ دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ناقابل قبول عمل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي، سيڪريٽري سهيل افضل خان ۽ ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڪراچي ميونسپل ڪمشنر افضل زيدي پاران اڳوڻي گورننگ باڊي ميمبر رانا جاويد، سينئر بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي ۾ پيريڊيڪل ڪميٽي لاءِ مهتاب سهام چيئرپرسن ۽ محمود عالم نائب چيئرمين مقرر

ڪميٽي جي رڪنيت ۾ قاضي اسد عابد، اڪرام سهگل سميت سينئر صحافي شامل

جرائد جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ ايڊيٽرز ۾ رابطي لاءِ جامع حڪمت عملي تي زور، ورڪشاپس جو اعلان

ڪراچي (پ ر) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (CPNE) پاران سال 2025-26 لاءِ پيريڊيڪل ڪميٽي جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

آمريڪي شهر ڊيلاس ۾ سنڌ ثقافتي تقريب، ٽيڪساس اسيمبلي ميمبرن جي شرڪت

سنڌ جي ثقافت امن، محبت ۽ برداشت جي علامت آهي: اسيمبلي ميمبر سلمان ڀوڄاڻي

سنڌ رڳو هڪ خطو نه پر هزارين ورهين جي تهذيب، محبت ۽ انساني قدرن جي سڃاڻپ آهي: فرحان احمد

ڊيلاس (م د) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا سانا ڊيلاس پاران سنڌ ڪلچرل ڊي وڏي شان سان ملهايو ويو بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ گهربل اشتهاري جوابدار کي ايف آءِ اي سعودي عرب مان گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) ايف آءِ اي اين سي بي انٽرپول قتل جي ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار کي سعودي عرب مان گرفتار ڪري ورتو جوابدار تيمور حسن کي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڊيلاس: ٽيڪساس اسيمبلي جو ميمبر سلمان ڀوڄاڻي پاڪستاني قونصل جنرل فرحان احمد ۽ راجا زاهد ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ۾ شريڪ آهن

ڪراچي ۾ ٽن عورتن جي موت جا ذميوار گهر ڌڻي ۽ سندس پٽ قرار، قرض سبب زهر پيارڻ جو انڪشاف

پوليس جي پڇا ڳاڇا دوران گهر مان زهريلي ۽ ڪوئي مار دوائون محلول صورت ۾ مليون آهن

خاندان تي ڏيڍ ڪروڙ روپين کان وڌيڪ قرض هو، گهر ڌڻي اقبال ۽ سندس پٽ ياسين عورتن کي زهر پيارايو

جوابدار ياسين جي زال ماها کي پهرين زهر ڏنو ويو هو ۽ سندس لاش ڪمري ۾ بند ڪيو ويو هو: انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن اقبال بلاڪ ون ۾ هڪ رهائشي فليٽ مان عورتن جي لاشن جي ملڻ جي جاچ ۾ پوليس اهم اڳڀرائي ڪئي آهي جاچ عملدارن موجب گهر جو سربراهه اقبال ۽ سندس پٽ ياسين بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

افغانستان مان ماڻهو هتي اچي دهشتگردي ڪن ٿا، ملڪ جادو ٽوڻي سان نه پر ڏينهن رات محنت ڪرڻ سان ترقي ڪندو: وزيراعظم شهباز

دهشتگردي ڀارت جي عادت بڻجي چڪي آهي، اسان دشمن کي لڪي نه پر للڪاري مارينداآهيون: سي ڊي ايف

رياست طيبه ۽ رياست پاڪستان جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، الله تعاليٰ سمورن اسلامي ملڪن مان حرمين جو محافظ جو شرف پاڪستان کي عطا ڪيو، اهو تاريخي معاهدو آهي

جنهن قوم، علم ۽ قلم کي ڇڏيو، اتي انتشار، فتني ۽ فساد جڳهه ناهي آهي، عزت ۽ طاقت تقسيم ۽ نفرت سان نه پر محنت، علم ۽ اتحاد سان حاصل ٿيندي آهي، الله اسان جي مدد ڪئي

اسلامي رياست ۾ رياست کان علاوه فرد يا گروهه جهاد جو حڪم نه ٿو ڏئي سگهي، اهو اختيار صرف رياست وٽ هوندو آهي، حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان کي الله تعاليٰ جي نصرت سان ڪاميابي ملي

عالم ۽ مشائخ قوم کي متحد رکن، عوام جي سوچ ۾ وسعت پيدا ڪن ۽ فرقي واريت، نفرت ۽ انتشار جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: پاڪ فوج جي سربراهه جو ڪانفرنس کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته رياست طيبه ۽ رياست پاڪستان جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي الله تعاليٰ سمورن اسلامي ملڪن مان حرمين جو محافظ جو شرف پاڪستان کي عطا ڪيو پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ دفاعي معاهدو تاريخي اهميت وارو آهي اربع ڏينهن هتي اسلام آباد ۾ منعقد قومي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

International Anti-Corruption Day 2025
OUR STRUGGLE IS FOR
PROSPEROUS PAKISTAN

اسلام آباد: نيب پاران ڪرپشن خلاف نڪتل واڪ ۾ چونڊيل نمائندا ۽ اسڪولي ٻارڙا شامل آهن

سرحدن جي محافظن لاءِ مخالفن واري زبان استعمال ڪئي وئي: اياز صادق

مان ڪيترائي ڀيرا چئي چڪا آهيون ته ڳالهين لاءِ اسان جا دروازا هر وقت کُليل آهن

پارليامينٽ جي فلور کي فوج ۽ عدليه مخالف بيان لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته سرحدن جي محافظن لاءِ مخالفن واري زبان بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ٻوڏ باوجود پاڪستان جي معيشت اهم ترقي ڪئي آهي: ايشيائي ترقياتي بئنڪ

اها ڳالهه ايشيائي ترقياتي بئنڪ طرفان ايشيئن ڊولپمينٽ آئوٽ لڪ نالي جاري رپورٽ ۾ چئي وئي

مالي سال 2026ع جي شروعاتي 4 مهينن ۾ عمومي مهانگائيءَ جي شرح 4.7 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) ايشيائي ترقياتي بئنڪ چيو آهي ته گرمي جي موسم دوران ٻوڏ باوجود پاڪستان جي معيشت اهم بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

غزه ۾ جنگ بندي باوجود هزارين ٻار غذائي کوٽ جو شڪار آهن: يونيسيف

اها صورتحال 10 آڪٽوبر کان شروع ٿيل جنگ بندي کان پوءِ پهرين مرحلي ۾ ڏٺي وئي

جنيوا (اي پي پي) گڏيل قومن جي ٻارن بابت اداري (يونيسيف) چيو آهي ته غزه ۾ جنگ بندي جي 2 مهينن کان پوءِ به هزارين بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ ملڪ ۾ افراتفري ۽ ڏڦير ڦهلائڻ چاهي ٿي: عون چوڌري

حق جي ويڙهه ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي تعريف ٿي: مملڪتي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) اوورسيز پاڪستانين واري مملڪتي وزير عون چوڌري چيو آهي ته پي ٽي آءِ ملڪ ۾ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: زرعي يونيورسٽي ۾ شاگردياڻيون تصويرون ٺاهي رهيون آهن

وزيراعظم پاران ملڪي ترقي ۽ استحڪام لاءِ اتحاد، يڪجهتي ۽ دهشتگردي جو خاتمو لازمي

پاڪ فوج خلاف پروپيگنڊه ناقابل برداشت آهي، شهيدن جي قربانين جي توهين نه ڪرڻ ڏينداسين

الله تعاليٰ جي وڏي فضل ڪرم سان معرڪه حق ۾ پاڪستان کي وڏي ڪاميابي ملي، هٿياربند فوج جي

دنيا معرڪه حق ۾ پاڪستان جي ڪاميابي جي معترف آهي، دشمن حيرت ۾ آهي ۽ پائر ملڪ تمام گهڻو خوش آهن: علماءِ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪي ترقي ۽ استحڪام جي لاءِ اتحاد ۽ يڪجهتي ۽ دهشتگردي جي خاتمي کي لازمي قرار ڏيندي چيو آهي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

آمريڪي ويڙهاڪ جهاز جي وينزويلا جي هوائي حدن جي ڀڃڪڙي، 40 منٽن تائين اڏام

ڪراڪس (اي پي پي) آمريڪا جي ٻن ايف-18 ويڙهاڪ جهازن گڏيل ڏينهن وينزويلا جي هوائي حدن جي ڀڃڪڙي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير رانا تنوير سان ڪئنيڊا جي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات

زرعي شعبي ۾ ٻه طرفي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ ۽ فني سهڪار تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) قومي غذائي تحقيق ۽ تحفظ واري وفاقي وزير رانا تنوير حسين سان پاڪستان بابت ڪئنيڊا جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

موسمياتي تبديلي اسان لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج آهي: مصدق ملڪ

موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪوشش ڪرڻي پوندي

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عمران خان انهن خلاف ڳالهائي پيو جن جي ڪلهن تي هو اقتدار ۾ آيو هو: شرجيل ميمڻ

پي ٽي آءِ جي ساڍا ٽي سال حڪومت هڪ ڪارو باب هو، ڪو به ميگا پروجيڪٽ شروع نه ٿيو

ادارن جو غلط استعمال ڪيو ويو، سياستدانن تي هيروئن جا جعلي ڪيس ٺاهيا ويندا هئا

صرف هڪ شخص جي آزادي لاءِ اڄ جيڪو محاذ کوليو ويو آهي اهو غير اصولي آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته جن جي ڪلهن تي پي ٽي آءِ آئي هئي انهن خلاف سازش شروع بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وفاقي محتسب پاران اي ايس ايف کان امتيازي اشتهار تي وضاحت طلب

عورتن کي حراساني کان روڪڻ بابت محتسب اي ايس ايف جو اشتهار امتيازي قرار ڏنو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) ڪم جي جاين تي عورتن کي حراسان ڪرڻ کان تحفظ ڏيندڙ وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ پاران بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌي ڪلچر ڊي جي نالي تي ڪراچي ۾ رياست اندر رياست قائم ڪئي وئي: فاروق ستار

سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو ۽ ملڪ دشمني جو اظهار ڪيو ويو

هڪ ڀيرو ٻيهر پاڻ کي پاڻ سان وڙهائڻ جي سازش ٿي رهي آهي: علي خورشيدي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي اڳواڻ فاروق ستار چيو آهي ته سنڌي ڪلچر بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

فريال ٽالپر سان پ پ ٽنڊوالهيار جي ضلعي ڪائونسل چيئرمين جي ملاقات

پ پ ليبرز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان مير شير ٽالپر ۽ مير مراد ٽالپر ملاقات ڪئي

پ پ جي مک قيادت سڌائين عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ جاکوڙيندي رهي آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجا ساجد) پ پ ليبرز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان ٽنڊوالهيار جي نوجوان ضلعي ڪائونسل چيئرمين مير شير ٽالپر پاءِ مير مراد ٽالپر سان گڏ زرداري هائوس ڪراچي ۾ ملاقات بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان آمريڪي ناظر الامور نٽالي بيڪر جي ملاقات، پاڪ آمريڪا لاڳاپن تي ڳالهيون

آمريڪا جو پاڪستان ۾ 1.25 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري جو اعلان، هزارين ماڻهن کي روزگار ملندو

ايگزم بينڪ ٻه طرفي ڀائيواري تحت بلوچستان ۾ ريڪوڊڪ منصوبي تي 1.25 ارب ڊالر سيڙپڪاري ڪندي، جنهن سان آمريڪا ۽ پاڪستان ۾ هزارين ماڻهن کي روزگار جا موقعا ملي سگهندا: آمريڪي سفير

آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بينڪ ڊائرو ٿي پاڪستان ۾ ريڪوڊڪ منصوبي ۾ کاڻ کڻڻ ۽ اهم معدنيات جي سهڪار لاءِ 1.25 ارب ڊالر مالي سرمائي جي فراهمي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

ايندڙ سالن دوران ايگزم بينڪ جي مالي سهڪار هيٺ ريڪوڊڪ کاڻ جي اڏاوت ۽ انتظام لاءِ ٻه ارب ڊالر جي اعليٰ معيار واري آمريڪي معدنيات جو سامان ۽ ضروري خدمتون پاڪستان کي فراهم ڪيون وينديون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۾ آمريڪي ناظر الامور نٽالي بيڪر چيو آهي ته ايگزم بينڪ ٻه طرفي ڀائيواري تحت بلوچستان ۾ ريڪوڊڪ منصوبي تي 1.25 ارب ڊالر سيڙپڪاري ڪندي، جنهن سان آمريڪا ۽ پاڪستان ۾ هزارين ماڻهن کي روزگار جا موقعا ملي سگهندا. اسلام بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ٽائون ڪارپوريشنز کي بااختيار بڻائڻ لاءِ سڌارا آڻي پئي: ناصر شاهه

بلدياتي نظام مڪمل خودمختياري ۽ جديد مالي ماڊل بڻائڻ بنا شهري مسئلن جو حل ممڪن ناهي

جيڪي بهتر ريونيو رڪوري ڏيکاريندا، تن کي خاص ترقياتي گرانٽون ڏنيون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ بلدياتي نظام کي مڪمل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: نامور واپاري سيد آل صادقين نقوي برطانوي واپاري اڳواڻ ڪلايو نولس کي سنڌي ٽوپي پارائي رهيو آهي

انڊونيشيا جي صدر پرابو ووسوبيانٽو جو پاڪستان جو دورو ڪاميابي سان مڪمل

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم جي صنعت ۽ پيداوار بابت خاص مددگار هارون اختر خان اسلام آباد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي انڊونيشيا جي صدر پرابو ووسوبيانٽو کي الوداع ڪيو صنعت ۽ پيداوار واري وزارت طرفان جاري بيان موجب پاڪستان بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سکر: ڊاڪوئن سان مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڊي ايس پي جوڙي جي شادي جي ٻئي سالگرهه اسپتال ۾ ملهائي پئي وڃي

انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي تي به متحده لسانيتي سياست کان باز نه آئي: سعديه جاويد

سنڌي ڪلچرل ڊي مجموعي طور تي پرامن رهيو، سمورا حالتون مڪمل ڪنٽرول ۾ هيون

سڀ کان پهرين پاڪستان“ نعري جي سڀ کان وڏي وڪيل پيپلز پارٽي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد، ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ فاروق ستار جي پريس ڪانفرنس تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته اڄ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي تي به متحده قومي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ اي-چالان سسٽم لاڳو، ٽرئفڪ ڀڃڪڙين تي ڳرا ڏنڊ مقرر

ميرپورخاص روڊ کان شروعات، چند ڏينهن ۾ سڄي شهر تائين توسيع جو اعلان

اوور اسپيڊنگ، ون وي ٽوڙڻ ۽ هيلمٽ بنا هلائڻ تي 5 هزار کان 30 هزار تائين چالان

غلط چالان جي شڪايتن لاءِ ڪميٽي قائم، پهريون چالان معاف، پوءِ ڪا رعايت نه ملندي: ڪمشنر حيدرآباد

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي، ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ACS SYSTEM
HYDERABAD RANGE

حيدرآباد: ڊي آءِ جي حيدرآباد اي چالان سسٽم جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

هر شهري کي برابر موقعا، آزادي ۽ بنيادي حق فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي: گورنر

”اميد جي گهڙي“ هن مقصد سان لڳائي وئي آهي ته جيئن ماڻهن جي آواز کي ٻڌو وڃي

انساني حقن جو عالمي ڏينهن هر قسم جي امتيازي روين کي ختم ڪرڻ جي عزم جو ڏينهن آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته انساني حقن جو مڪمل تحفظ ڪنهن به مهذب سماج جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اسٽيل ملز مان قيمتي ڌاتو جي چوري ۾ ملوث چار جوابدار گرفتار

ملير بن قاسم پوليس پاران لوهه چورن خلاف ڪريڪ ڊائون جي دعويٰ ڪئي وئي

پوليس چئن چورن محمد علي، شهزاد، عامر ۽ جنيد کي ڪاپر وائرز هٿ ڪئي آهي: عملدار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مالي بحران جي ور چڙهيل ملڪ جي سڀ کان وڏي قومي صنعتي اداري پاڪستان اسٽيل مل جي گدامن ۽ اسڪورن ۾ پيل قيمتي ڌاتو ڪاسو پتل ۽ اسٽيل سميت اسپيئر پارٽس جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر يونين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ جتوئي شخص جي فائرنگ، ٻن عورتن، معصوم نينگر سميت چار ڄڻا قتل

ڳوٺ گلاب بنگوار ۾ چاچي جي گهر آيل جتوئي بنگوار گهر ۾ پيل ڪلاشنڪوف کڻي فائرنگ شروع ڪري ڏني

گوليون لڳڻ مهمان ٿي آيل رحيم بخش بنگوار، نينگر علي گل ۽ ضميران خاتون، توڏي خاتون قتل ٿي ويا

علائقي واسين ڪار ۾ زخمي کي ڪنڌڪوٽ سول اسپتال آندو، نازڪ حالت هجڻ ڪري سکر منتقل ڪيو

جوابدار موقعي تان فرار، واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا، ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ لڳ ڪچي واري علائقي پوليس ٿاڻي گبلو جي حد ۾ ڳوٺ گلاب بنگوار ۾ چاچي جي گهر آيل جتوئي بنگوار گهر ۾ پيل ڪلاشنڪوف کڻي اوچتو برسٽ هلائي ڇڏيو ڪلاشنڪوف بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪنڌڪوٽ: جتوئي شخص جي فائرنگ ۾ مارجي ويلن جا لاش

نيب جي اثرائتي ڪارروائي سان لٽيل قومي دولت جي واپسي ٿي آهي: آباد اڳواڻ

هائوسنگ اسڪيمن جي متاثرين کي 207 ارب جي واپسي غير جانبدار احتساب جو ثبوت آهي

قومي خزاني ۾ واپس ڪيل وڏي رقم ملڪي معيشت مستحڪم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊوليپرز (آباد) جي چيئرمين محمد حسن بخشي قومي احتساب بيورو (نيب) جي گذريل 2 سالن ۽ 9 مهينن ۾ 11,440 ارب روپين جي وصولي کي ملڪ ۾ شفاف احتساب جي هڪ مضبوط مثال قرار ڏنو آهي هن چيو ته نيب جي اثرائتي ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

عورتن لاءِ اي وي اسڪوٽرن جي ورڇ جو ٻيو مرحلو فوري طور شروع ڪرڻ جو حڪم

سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

پنڪ اسڪوٽر اسڪيم تحت عورتن کي جديد ۽ ماحول دوست سفري سهولتون فراهم ڪيون وينديون

خيرپور، شڪارپور ۽ حيدرآباد جي چئن نون روٽس تي جلد پيپلز بسون هلايون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ عورتن لاءِ اي وي اسڪوٽرن جي ورڇ جو ٻيو مرحلو فوري طور تي شروع ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو هڪ بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي اشرافيه ملڪ ۾ سمورن انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي ذميوار آهي: ايڇ آر سي پي

رياستي سطح تي مذهبي قوتن جي پٺڀرائي ڪرڻ ڪري ملڪ دهشتگردي جو شڪار ٿيو آهي: اقبال بٽ

سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ حاڪم طبقا انساني حقن جي ڀڃڪڙين ڪرڻ ۾ ملوث آهن: سهيل سانگي

سرڪاري نصاب کي سيڪيولر بڻائي، مذهبي توهين جو قانون تبديل ڪيو وڃي: توصيف احمد، شازيه نظاماڻي ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان انساني حقن جي ڪميشن (ايڇ آر سي پي) طرفان ڪالهه ڪراچي پريس ڪلب ۾ 10 ڊسمبر عالمي انساني حقن جي ڏينهن جي موقعي تي هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. ان بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 سي ڊي ايف

عالمن ۽ مشائخن واري ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو. فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو ته الله تعاليٰ سمورن مسلمان ملڪن مان حرمين جي محافظ جو شرف پاڪستان کي عطا ڪيو آهي جيڪو سڄي قوم لاءِ فخر جو سبب آهي هن چيو ته جنهن قوم علم ۽ قلم کي ڇڏيو اتي انتشار فتني ۽ فساد جڳهه ناهي آهي، عزت ۽ طاقت تقسيم ۽ نفرت سان نه پر محنت، علم ۽ اتحاد سان حاصل ٿيندي آهي قومي سلامتي جي حوالي سان ڳالهائيندي فيلڊ مارشل واضح ڪيو ته دهشتگردي پاڪستان جو نه پر ڀارت جو وطيرو آهي، اسان دشمن جو لڪي نه پر سامهون ٿي مقابلو ڪندا آهيون هن چيو ته اسلامي رياست ۾ رياست کان علاوه فرد يا گروهه جهاد جو حڪم نه ٿو ڏئي سگهي، اهو اختيار صرف رياست وٽ هوندو آهي هن چيو ته حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان کي الله تعاليٰ جي نصرت سان ڪاميابي ملي ۽ دشمن جي ناپاڪ عزمن کي ناڪام بڻايو ويو. هن عالمن ۽ مشائخن تي زور ڀريو ته هو قوم کي متحد رکن.

بقايا 2 اياز صادق

استعمال ڪئي وئي، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ مان ڪيترائي ڀيرا چئي چڪا آهيون ته ڳالهين لاءِ دروازا کليل آهن ڪالهه پارليامينٽ هائوس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته مون ۽ وزيراعظم ڪيترائي ڀيرا مخالفن کي چيو ته ڳالهين لاءِ دروازا کليل آهن جنهن جي جواب ۾ چيو ويو ته اسان آرمي چيف فيلڊ مارشل سان ڳالهيون ڪرڻ چاهيون ٿا. هن چيو ته جنهن فوج ڀارت کان جنگ کٽي انهن خلاف زبان استعمال ڪئي وئي، پارليامينٽ جي فلور کي عدليه مخالف زبان لاءِ استعمال ڪيو ويو.

بقايا 3 ايشيائي ترقياتي بئنڪ

ڪردار ادا ڪيو آهي اها ڳالهه ايشيائي ترقياتي بئنڪ طرفان ايشيئن ڊولپمينٽ آئوٽ لڪ نالي جاري رپورٽ ۾ چئي وئي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته هلندڙ سال ٻوڏ سبب پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ چئلينجز باوجود مالي سال 2025ع جي آخري ٽه ماهيءَ ۾ پاڪستان جي معيشت 5.7 سيڪڙو جي شرح سان اڳتي وڌي مالي سال 2026ع جي شروعاتي مهينن ۾ ملڪ ۾ وڏين صنعتن جي پيداوار ۾ نمايان واڌ ڏسڻ ۾ آئي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته مالي سال 2026ع جي شروعاتي 4 مهينن ۾ عمومي مهانگائي جي شرح 4.7 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا گذريل مالي سال جي ساڳئي مدي ۾ 8.7 سيڪڙو هئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته گرمين جي موسم ۾ ٻوڏ کان پوءِ ضروري شين جي قيمتن ۾ واڌ جو عمومي رجحان ڏسڻ ۾ آيو هو جڏهن ته هاڻ قيمتن ۾ ترتيبوار استحڪام اچي رهيو آهي ۽ ڪُڪ شين جون قيمتون مستحڪم ٿي رهيون آهن

بقايا 4 يونيسيف

فلسطيني ٻار بدترين غذائي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب يونيسيف گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو ته غزه ۾ 10 آڪٽوبر کان جاري جنگ بندي باوجود هن وقت تائين غزه ۾ انساني بنيادن تي خوراڪ ۽ امداد آساني سان فلسطينين سان گڏوگڏ ٻارن تائين پهچڻ ۾ ممڪن نه ٿي سگهي آهي جنهن سبب هزارين فلسطيني ٻارن کي بدترين غذائي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. يونيسيف موجب هن وقت تائين 9300 اهڙين فلسطيني ٻارن کي علاج جي سهولت فراهم ڪئي آهي جيڪي غذائي کوٽ سبب سنگين بيمارين ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن ۽ اها صورتحال 10 آڪٽوبر کان شروع ٿيل جنگ بندي کان پوءِ ٻيهرين مرحلي ۾ ڏٺي وئي آهي جڏهن ته آگسٽ تائين اهو تعداد 14 هزار تائين پهچي چڪو هو. واضح رهي ته آگسٽ ۾ گڏيل قومن جي هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو هو ته غزه ۾ اٽڪل پنج لک ماڻهو ڏڪار کي منهن ڏئي رهيا آهن جنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ عورتون ۽ ٻار ان بک ۽ ڏڪار جو شڪار آهن

بقايا 5 عون چوڌري

افراتفري ۽ ڏيڍ ڦهلائڻ چاهي ٿي عوام آڏو ڪوڙ تي ٻڌل مظلوميت جو لباس پائي ملڪ ۽ پاڪ فوج جو اميج تباهه ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. پي ٽي آءِ جو بيانيو ملڪ ۽ فوج خلاف آهي، جنهن ذريعي نفرت جو ٻج پوکيو پيو وڃي حق جي ويڙهه ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جي تعريف ٿي آهي اهو ٽولو نه ٿو چاهي ته ملڪ ۾ استحڪام اچي ۽ ملڪ ترقي ڪري، اسان انهن جو مقابلو ۽ انهن کي بي نقاب ڪنداسين اهڙن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن هتي نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد ۾ قومي اسيمبلي ميمبر منزه حسن سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪيو عون چوڌري چيو ته پي ٽي آءِ ملڪ دشمن بيانيو اختيار ڪيو آهي.

بقايا 6 خاتمو لازمي

ته ان ڪانسواءِ معاشي بحالي جو خواب تعبير نٿو ٿي سگهي پاڪ فوج جي خلاف پروپيگنڊا ناقابل برداشت آهي، شهيدن جي قربانين جي توهين نه ڪرڻ ڏينداسين عسڪري ۽ سياسي قيادت گڏجي ڪم ڪيو ۽ ڊيفالٽ جي ويجهو پهتل معيشت ٻيهر پٽڙي تي آئي هو ڪالهه اربع ڏينهن قومي علماءِ ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سميت وفاقي وزير، اعليٰ سرڪاري عملدارن ڪانسواءِ عالمن جو وڏو انگ موجود هو وزيراعظم چيو ته الله تعاليٰ جي وڏي فضل ۽ ڪرم ۽ عالمن ۽ قوم جي دعائن جي ڪري معرڪہ حق ۾ پاڪستان کي وڏي ڪاميابي ملي، هٿياربند فوج جي جرئت ۽ بهادري سان دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج جرئت ۽ بهادري سان دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو ان ڪاميابي ۾ هٿياربند، سامونڊي ۽ فضائيه سميت سموري فوج جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي وزيراعظم فرقي پرستي جي خاتمي کي وقت جي ضرورت قرار ڏيندي چيو ته عالمن کي تفرقه بازي جو خاتمو ڪرڻو پوندو ملڪي ترقي ۽ استحڪام جي لاءِ اتحاد ۽ يڪجهتي لازمي آهي ان ڪانسواءِ ملڪ ترقي نه ٿو ڪري سگهي وزيراعظم چيو ته بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ روزانو بيگناهه عوام فتنه الخوارج جي دهشتگردي جو نشانو بڻجي رهيا آهن سيڪيورٽي فورسز جا جوان ملڪي دفاع جي لاءِ بي پناهه قربانيون ڏئي رهيا آهن هن شهيدن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته انهن جون قربانيون رائيگان نه وينديون، انهن شهيدن جي گهروارن سان جڏهن اسان ملون ٿا ته اهي پنهنجي شهيدن تي فخر ڪن ٿا ۽ انهن جا چهرا اطمينان سان لبريز هوندا آهن. اسان پنهنجي شهيدن جي توهين جي اجازت نه ڏينداسين وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته ملڪ معاشي استحڪام ۽ ترقي طرف تيزي سان گامزن آهي، عسڪري ۽ سياسي قيادت گڏجي ڪم ڪري ڊيفالٽ جي ويجهو پهتل معيشت کي ٻيهر پٽڙي تي آندو معرڪہ حق ڪانپوءِ پاڪستان تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي.

بقايا 7 اڏام

ڪئي ۽ اٽڪل 40 منٽن تائين وينزويلا جي هوائي حدن ۾ اڏام ڪئي پرڏيهي ميڊيا موجب اخبار ميامي هيرالڊ جي حوالي سان ٻڌايو ته جهازن جي اها سرگرمي فلائيٽ ٽريڪنگ پليٽ فارمز تي واضح طور ڏٺي وئي. رپورٽ موجب فلائيٽ ريڊار 24 ٻنهي جهازن کي ماراڪيبو ڍنڍ جي اترين حصي ۽ اتر وينزويلا جي مٿان اڏام ڪندي رڪارڊ ڪيو آهي اهو رستو زيوليا جي شهر لاگوا جيرر ۽ رياست فالڪون جي ڳادي واري هنڌ ڪورو وچ ۾ آهي ٻنهي علائقن کي وينزويلا جي توانائي واري شعبي جو اهم هنڌ تصور ڪيو ويندو آهي. وينزويلا جي هزارين شهرين آن لائين ٽريڪنگ ويب سائيٽس ذريعي انهن جهازن جي مڪمل رستي کي مانيٽر ڪيو.

بقايا 8 ملاقات

هاءِ ڪمشنر طارق علي خان گذريل ڏينهن ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان ۽ ڪئنيڊا وچ ۾ زرعي شعبي ۾ ٻه طرفي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ، اهم زرعي جنسن جي منڊين تائين پهچ ۾ بهتري ۽ جاري فائٽو سينيٽري ۽ فني سهڪار کي اڳتي وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفاقي وزير هاءِ ڪمشنر جي آجيان ڪندي پاڪستان طرفان ڪئنيڊا سان زرعي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو هن اعتراف ڪيو ته پائيدار زراعت، جديد فوڊ پروڊڪشن سسٽمز ۽ سائنسي بنيادن تي ٻڌل ريگيوليٽري ڍانچي جي حوالي سان ڪئنيڊا عالمي سطح تي خاص حيثيت رکي ٿو ۽ پاڪستان ڪئنيڊا جي تجربن مان فائدو کڻڻ چاهي ٿو. رانا تنوير حسين مارڪيٽ تائين پهچ جي مسئلن جي حل جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته ڪئنيڊا مان ڪينو جو آمدني واپار پاڪستان جي زرعي ضرورتن جو اهم حصو آهي، ٿهنڪري ان سلسلي ۾ وقت سر سرٽيفڪيشن ۽ رجسٽريشن جي عمل کي يقيني بنائڻ ضروري آهي هن اهو به واضح ڪيو ته پاڪستان پنهنجي زرعي روانگي واپار کي ڪئنيڊين مارڪيٽ تائين هٿي ڏيڻ چاهي ٿو جنهن ۾ اٻن چانورن ڪينو کجون حلال گوشت، جيليٽن رڍن جا آنڊا ۽ پروسيس ٿيل ڪڪڙ جو گوشت شامل آهي. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ڪئنيڊا سان پنهنجي حلال شين جي روانگي واپار کي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ ان سلسلي ۾ حلال جيليٽن آنڊن ۽ ويليو ايڊڊ پولٽري شين لاءِ سي ايف آءِ اي جي سرٽيفڪيشن عمل ۾ تيزيءَ جي ضرورت آهي وفاقي وزير زرعي شعبي جي جديد ڪاري ۽ عالمي گهرجن جي تڪميل لاءِ ڪئنيڊا فني معاونت جي ضرورت تي پڻ زور ڀريو هن ٻڌايو ته پاڪستان کي ايمبريو ٽرانسفر ٽيڪنالاجي، امپورٽ رسڪ اسيسمينٽ جي تربيت ۽ جانورن جي صحت بابت جديد جاچ واري نظام جي قيام لاءِ مدد گهربل آهي هن ڪئنيڊا کان درخواست ڪئي ته پاڪستان کي BSE negligible risk درجي جي تڪميل ۽ ايف ايم ڊي ڪنٽرول پروگرام کي هٿي وٺرائڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪئي وڃي ته جيئن پاڪستان کي عالمي مارڪيٽن ۾ بهتر رسائي ملي سگهي.

بقايا 9 مصدق ملڪ

واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته موسمياتي تبديلي هن وقت اسان لاءِ سڀ کان وڏو چيلينج آهي ان کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪوشش ڪرڻي پوندي اهڙن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن هتي يو ڪي پاڪستان گرين ڪمپيڪٽ لانچ جي افتتاحي تقريب دوران خطاب ڪندي ڪيو تقريب جو بندوبست اسلام آباد جي مقامي هوٽل ۾ ڪيو ويو

بقايا 10 شرجيل ميمڻ

ڪئي وئي پي ٽي آءِ جي باني کي 2018 ۾ ٻين پارٽين جي اميدوارن کي لُٽي ۽ انهن جي مينڊيٽ کي چوري ڪري اقتدار ۾ آندو ويو ۽ اڄ هو انهن ئي ماڻهن خلاف ڳالهائي رهيو آهي جن جي ڪلهن تي هو اقتدار ۾ آيو هو اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي ساڍا ٽي سال حڪومت هڪ ڪارو باب هو ان دوران ڪو به ميگا پروجيڪٽ شروع نه ٿيو ۽ نه ئي عوام لاءِ ڪو وڏو ڪم ڪيو ويو لنگرخانن کان علاوه ڪجهه به نه ڏنو ويو ۽ جن اسپتالن ۽ يونيورسٽين جي تعريف ڪئي ويندي آهي اهي به عطيو ڪيل پئسن سان ٺاهيون ويون پي ٽي آءِ سياست ۾ بداخلاقي جو ڪلچر متعارف ڪرايو اڄ جيڪو محاذ کوليو ويو آهي اهو غير اصولي آهي ۽ صرف هڪ شخص جي آزادي لاءِ آهي پي ٽي آءِ ڪڏهن به عام ماڻهو لاءِ روڊن تي ناهي نڪتي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام جي يادداشت ڪمزور آهي اڄ ڪجهه ماڻهو پي ٽي آءِ جي باني کي اسٽيبلشمينٽ خلاف ڳالهائڻ تي هيرو سمجهن ٿا، پر نوجوانن کي سندس ساڍا ٽي سال ياد رکڻ گهرجن ان عرصي دوران پي ٽي آءِ جو باني جنرل باجوه ۽ اسٽيبلشمينٽ سان مثالي لاڳاپن جي ڳالهه ڪندو هو ۽ پاڻ چوندو هو ته مون ادارن کي بل پاس ڪرائڻ لاءِ انگ پورو ڪرڻ لاءِ چيو هو هن چيو ته جڏهن عدم اعتماد جو وقت آيو ته پي ٽي آءِ جو باني جنرل باجوه کي تاحيات واڌ ڏيڻ لاءِ تيار هو اهي سڀ ڪليپس اڄ به موجود آهن جيڪڏهن انهن جي جنگ اصولي هجي ها ته اها اقتدار ڇڏڻ کان پوءِ نه پر اڳ شروع ٿئي ها. جڏهن ادارا غير جانبدار ٿيا ته پي ٽي آءِ جي باني چيو ته جانور غير جانبدار آهن هن چيو ته عمران خان جي سڄي سياست انا ۽ غرور جي راند هئي جيڪو به ٽاڪ شوز ۾ سندس خلاف ڳالهائيندو هو نيب ٻئي ڏينهن سندس گهر پهچي ويندو هو سياسي مخالفن کي چونڊيل طور تي گرفتار ڪيو ويندو هو ادارن جو غلط استعمال ڪيو ويو ميڊيا ٽرائل ڪيا ويندا هئا، سياستدانن تي هيروئن جا جعلي ڪيس ٺاهيا ويندا هئا. فريال ٽالپر کي عيد جي رات اسپتال مان جيل موڪليو ويو هو خورشيد شاهه، آغا سراج دراني ۽ ٻيا پي پي پي اڳواڻ به ساڳئي سياست جو شڪار ٿيا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن اڄ عمران خان جي ڀيڻ سان ڪا به زيادتي ڪئي وڃي ٿي ته اسان کي ڏک آهي پر اها به هڪ حقيقت آهي ته پي ٽي آءِ جي باني جو دور سياسي آمريت جو دور هو هو آمريڪا ويندو رهيو ۽ سياسي مخالفن خلاف تقريرون ڪندو رهيو جڏهن ته بلاول ڀٽو چيو هو ته مان پنهنجي وزيراعظم بابت پنهنجي ملڪ ۾ ڳالهائيندس، پرڏيهه ۾ نه. هن چيو ته پي ٽي آءِ جي باني دنيا جي هر ملڪ ۾ پروپيگنڊا ڪئي يروشلم پوسٽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ لکيس اسرائيل هڪ بيان ڏنو ته پاڪستان ۾ حالتون خراب آهن جڏهن ته هو پاڻ انساني قدرن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو هو هن نوجوان نسل کي سوشل ميڊيا ذريعي زباني بدسلوڪي ڏانهن ڌڪيو عمران خان اسٽيبلشمينٽ پاران پوکيل ٻوٽو هو هر ڪو ڄاڻي ٿو ته ريليون ۽ ڌرڻا ڪنهن منظم ڪيا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان جا سمورا انٽرويو موجود آهن هو اسٽيبلشمينٽ جي مدد سان اقتدار ۾ آيو سياسي انتقام لاءِ نيب کي استعمال ڪيس عدليه تي اثر انداز ٿيو ۽ قوم اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار جي ڪردار کي وساري نٿي سگهي.

بقايا 11 وضاحت طلب

ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس ۾ ڀرتي لاءِ آيل اشتهار ۾ عورتن سان امتيازي سلوڪ ڪندڙ شرط لڳائڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. محتسب پاران چيو ويو آهي ته پاڪستان عالمي سطح تي صنفي بنياد تي امتياز کي روڪڻ جي خاطري ڪرائي آهي، عورتن ۾ ويم سان لاڳاپيل صورتحال عارضي هوندي آهي ان کي نوڪري نه ڏيڻ جو سبب ڪنهن به صورت ۾ نٿو ڄاڻائي سگهجي، محتسب پاران اي ايس ايف انتظاميا کان ان اشتهار جي حوالي سان وضاحت طلب ڪئي وئي آهي

بقايا 12 فاروق ستار

ڊي جي نالي تي ڪراچي جي شاهراهن ۽ مختلف هنڌن تي رياست اندر رياست قائم ڪئي وئي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي فاروق ستار چيو ته سرڪاري ۽ نجي ملڪيتن کي نقصان پهچايو ويو ملڪ دشمني جو اظهار ڪيو ويو هٿيارن جي نمائش ڪئي وئي هن چيو ته 7 ڊسمبر تي ڪلچر ڊي جي نالي تي رياستي قانون کي پامال ڪيو ويو ڪيترن ئي ماڻهن کي زخمي ڪيو ويو اتي پوليس مقابلو ٿيو اهو خوفناڪ ۽ خطرناڪ عمل هو سندس چوڻ هو ته مين اسٽريم ميڊيا تي سڀ ڪجهه رڪارڊ ٿيل آهي جيڪو ڪيس ٺاهيو ويو ان ۾ دهشتگردي، قتل جي قدمن سميت ٻيا قلم شامل آهن ان وقت ڪو به ماڻهو اُتان گذري ٿي نه سگهيو ڇا وڏو جاني نقصان ٿيڻ بعد ئي ان کي دهشتگردي چيو ويندو؟ جنهن نموني نقصان پهچايو ويو

بقايا 13 ملاقات

ڪئي جنهن ۾ ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن جي حوالي سان بريفنگ ڏني ان موقعي تي ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسل ۾ ترقياتي ڪم هلي رهيا آهن، 27 ڊسمبر تي ورسي جي موقعي تي علائقي جي چونڊيل نمائندا عوام سان رابطا ڪري وڏ ۾ وڏ شرڪت ڪن پ پ پ جي قيادت سدائين عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ جاکوڙيندي رهي آهي اهو ئي سبب آهي جو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو هميشه جمهوريت جي استحڪام ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي اولين ترجيح ڏني آهي پ پ پ جي مڪ قيادت سدائين عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ جاکوڙيندي رهي آهي

بقايا 14 مڪمل

جي دوري دوران صدر پرابو ووسوبيانتو صدر مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون جن ۾ ٻه طرفا لاڳاپا، خطي جي صورتحال ۽ مستقبل جي تعاون جي مختلف رخن تي ڳالهيون ٿيون اسلام آباد ۾ منعقد تقريب ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري انڊونيشيا جي صدر پرابو ووسوبيانتو کي پاڪستان جي اعليٰ ترين سول اعزاز نشان پاڪستان سان نوازيو جيڪو ٻنهي ملڪن جي پراڻي حصيداري ۽ گڏيل اعتماد جو اظهار آهي دوري دوران پاڪستان ۽ انڊونيشيا واپار ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ان سلسلي ۾ مختلف معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي به صحيحيون ٿيون جيڪي مستقبل ۾ ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندا. پاڪستان حڪومت انڊونيشيا جي صدر جي ڪامياب دوري کي ٻه طرفه سهڪار ۾ اڳڀرائي جو هڪ اهم قدم قرار ڏنو آهي

بقايا 15 قتل

جون گوليون لڳڻ سبب گهر ۾ موجود مهمان ٿي آيل مائٽ رحيم بخش ٻنگوار هڪ معصوم نينگر علي گل ۽ ٻه عورتون ضميران خاتون، توڏي خاتون قتل ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو حيوت عرف ڏاڏو ٻنگوار زخمي ٿي پيو واقعي جي اطلاع باوجود حد ٿاڻي جي پوليس روايتي انداز موجب واقعي واري هنڌ نه پهتي علائقي واسين ڪار ۾ زخمي کي ڪٿائي ڪنڌڪوٽ سول اسپتال آندو جتان زخمي جي نازڪ حالت هجڻ ڪري کين سکر منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ڊاٽسن ذريعي فوتين جا لاش بخشاپور اسپتال آندا ويا جتي قانوني ۽ ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو واقعي تي علائقي ۾ خوف هراس پيدا ٿي ويو علائقي واسين جو چوڻ آهي ته واقعو ڪو ذاتي دشمني نه پر هڪ جنوني شخص سبب پيش آيو آهي واقعي جا اصل ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيا ۽ نه هي پوليس واقعي بابت ڪجهه ٻڌائي رهي آهي خبر فائيل ٿيڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه هي پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري سگهي.

بقايا 16 آباد اڳواڻ

مسلسل ڪارروائي نه رڳو لٽيل قومي دولت جي واپسي جو ذريعو بڻجي چڪي آهي پر سيڙپڪارن ۽ عام شهرين جي اعتماد ۾ به نمايان اضافو ڪيو آهي. چيئرمين آباد چيو ته هائوسنگ اسڪيمن جي متاثرين کي 207 ارب رپين جي واپسي نيب جي شفاف ۽ غير جانبدار احتساب جو عملي ثبوت آهي هن چيو ته گذريل ڪيترن سالن کان مختلف هائوسنگ منصوبن ۾ عوامي بچت ڊاڙ تي لڳل هئي گذريل ڪيترن سالن کان مختلف هائوسنگ منصوبن ۾ عوامي بچت ڊاڙ تي لڳل هئي، اهڙي صورتحال ۾ نيب جي بروقت ڪارروائي هزارين خاندانن کي وڏو رليف فراهم ڪيو آهي محمد حسن بخشي چيو ته قومي خزاني ۾ واپس ڪيل وڏي رقم نه رڳو رياستي ادارن جي ساک ۾ اضافو ڪندي پر ملڪ جي معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪندي ملڪ ۾ ترقي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن ايمانداري سان ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن کي سهولت ڏني وڃي ۽ لٽ مار ڪندڙ ماڻهن کي سخت احتساب جو منهن ڏنو وڃي شفاف احتساب جو عمل ملڪ جي معيشت ۽ سيڙپڪاري کي فروغ ڏئي ٿو حسن بخشي چيو ته اميد آهي ته نيب طرفان مستقبل ۾ به ساڳي رفتار ۽ غير جانبداري برقرار رکي ويندي هن چيو ته جڏهن رياستي ادارا مضبوط هوندا ۽ احتساب جو عمل شفاف هوندو ته ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري وڌندي آهي جيڪا معيشت جي ترقي لاءِ ضروري آهي چيئرمين آباد اميد ظاهر ڪئي ته نيب مستقبل ۾ به ساڳي رفتار سان سنجيدگي ۽ غير جانبداري سان پنهنجا فرض ادا ڪندو رهندو ته جيئن ملڪ ۾ اعتماد، شفافيت ۽ ترقي جو سفر جاري رهي سگهي

بقايا 17 حڪم

اهم اجلاس سندس آفيس ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪنول نظام ڀٽو ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ صوبي ۾ جاري ۽ ايندڙ ٽرانسپورٽ موبليٽي منصوبن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي اجلاس ۾ ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پنڪ اسڪوٽر اسڪيم تحت وڏي تعداد ۾ عورتن کي جديد ۽ ماحول دوست سفري سهولتون فراهم ڪيون وينديون پنڪ اسڪوٽرن جي سهولت عورتن جي اچڻ وڃڻ ۾ آساني ۽ آزادي کي هٿي ڏيندي هن چيو ته نيون اليڪٽرڪ بسون ڪراچي پهچي ويون آهن جيڪي جلد ئي شهر جي مختلف روٽس تي هلايون وينديون، خيرپور شڪارپور ۽ حيدرآباد جي چئن نون روٽس تي سروي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ جلد ئي انهن روٽس تي بسون هلايون وينديون سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هن مهيني سمورا نوان روٽ شروع ڪيا ويندا ته جيئن انهن ضلعن جا شهري به جديد سفري سهولتن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. شهر جي اهم شاهراهن تي وڌيڪ ڊبل ڊيڪر بسون شامل ڪيون وڃن ته جيئن ٽريفڪ جو دٻاءُ گهٽجي سگهي هن چيو ته سنڌ حڪومت جديد، ماحول دوست ۽ پائيدار ٽرانسپورٽ سسٽم کي فروغ ڏيڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي اي وي بسون، اي وي اسڪوٽر ڊبل ڊيڪر بسون ۽ اي وي ٽيڪسي سروس ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿينديون سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ اختيارين کي هدايت ڪئي ته سمورا منصوبا سڌو سنئون عوامي سهولت سان لاڳاپيل آهن انهن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي.

بقايا 18 اي ايڇ آر سي پي

موقعي تي اي ايڇ آر سي پي جي چيئرمين اقبال ٻٽ ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان جي اشرافيه ملڪ ۾ سمورن انساني حقن جي ڀڃڪڙين جي ذميوار آهي، جن کي عالمي ماليات سامراجي قوتن جي پٺڀرائي آهي، هن چيو ته رياستي سطح تي مذهبي قوتن جي پشڀرائي ڪرڻ ڪري ملڪ دهشتگردي جو شڪار ٿيو آهي امن جي قيام لاءِ رياست کي اها پاليسي ختم ڪرڻ گهرجي، سينئر صحافي ۽ انساني حقن جي اڳواڻ سهيل سانگي چيو ته سنڌ سميت سموري ملڪ ۾ عالمي انساني حقن جي چارٽر تي صحيحون ڪرڻ جي باوجود حاڪم طبقا انساني حقن جي ڀڃڪڙين ڪرڻ ۾ ملوث آهن ليکڪ ۽ انساني حقن جي اڳواڻ پروفيسر توصيف احمد چيو ته تازو جوڙيل مناريٽي ڪميشن ڪمزور ۽ غير مسلم شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ اثر انداز نه ٿيندي، پارليامينٽ ۾ احمدي ۽ ٻين اقليتن جي حقن تي جمعيت علماء اسلام سان پيپلزپارٽي جو رهنما قادر پٽيل به هم خيال آهي 800 ڄڻا مذهب جي توهين جي ڪيسن ۾ بند آهن. مناريٽي ڪميشن کي جسٽس مصدق جي جاري ڪيل فيصلي جي آڌار تي نئين سر جوڙيو وڃي. جنيد حفيظ نالي نوجوان 12 سالن کان بي گناهه جيل ۾ بند آهي جنهن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ ملڪ جي سرڪاري نصاب کي سيڪيولر بڻايو وڃي، مذهبي توهين جو قانون تبديل ڪيو وڃي. سنڌ ويمن لائيرس الائنس جي چيئرمين شازيه نظاماڻي چيو ته عورتن تي صنفي بنياد تي تشدد هڪ عالمي مسئلو آهي دنيا ۾ گذريل سال 50 عورتن کي پنهنجي گهر جي ڀاتين قتل ڪيو هو، جيڪو هن سال وڌي 80 هزار ٿي ويو آهي، ملڪ ۾ گذريل 6 مهينن ۾ 21 هزار عورتن کي گهريلو تشدد جو شڪار بڻايو ويو آهي، جنهن ۾ پنجاب جو تعداد وڌيڪ آهي اسان وٽ پوليس عملدارن کان وٺي ٻيا رياستي ادارا عورتن جي انساني حقن ۽ ملڪي آئين ۾ مليل تحفظ کان بي خبر آهن ترقي ٿيل بلند عمارتن جي شهرن جي گهرن ۾ به عورتن تي تشدد ٿي رهيو آهي ليکڪ ڊاڪٽر رياض شيخ چيو ته انساني حقن جو مسئلو گلوبل مسئلو آهي 03 ارب شهري غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. ميڊيا جي حقن جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي ميڊيا سميت ڪنهن به اداري ۾ ملازمن کي نوڪرين جو تحفظ مليل نه آهي عورت اڳواڻ مهناز رحمان چيو ته ملڪ ۾ عورتن جي حقن ۽ تحفظ جو مسئلو خراب حالت ۾ آهي. عورتن جي تحفظ لاءِ ڪو فعال ادارو موجود نه آهي عورت اڳواڻ عائشه ڌاريجو چيو ته سنڌ ۾ جرڳن وسيلي عورتن جي حقن جي پائمالي ٿي رهي آهي جرڳن ڪري فاطمه ڦرڙو جو خون وڪرو ٿي رهيو آهي 27 ترميم وسيلي صوبن جي حقن کي ڦٻائڻ جي سازش ٿي رهي آهي اسان وٽ عورتن جي حقن جي خلاف ورزي ڪندڙ اسيمبلين ۾ موڪليا وڃن ٿا

بقايا 19 گرفتار

مسلسل ٿيندڙ چوري خلاف ضلعي ملير جي بن قاسم پوليس پاران لوهه چورن خلاف ڪريڪ ڊائون جي دعويٰ ڪئي آهي ان ڏس ۾ پوليس چئن چورن کي گرفتار ڪيو آهي جن ۾ محمد علي شهزاد، عامر ۽ جنيد شامل آهن ۽ سندن قبضي مان ڪاپر وائر برآمد ٿي آهي چوري بابت جڏهن ايس ايڇ او بن قاسم فيصل رفيق ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڪستان اسٽيل اسان جو قومي ادارو آهي جتان آئي ڏينهن هڪ منظم گروهه قيمتي ڌاتو چوري ڪندو رهيو هو تنهن خلاف اسان انتهائي ٽيڪنيڪل طريقي سان گروهه کي گرفت ۾ آندو آهي ۽ چورن وٽان ڪاپر وائر پڻ هٿ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ پوليس وڌيڪ جاچ جي دائري هيٺ پنهنجي حڪمت عملي تحت چورن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪري رهي آهي

بقايا 20 گورنر

بنيادي سڃاڻپ آهي هن چيو ته رياست جي آئيني ذميواري آهي ته هر شهري کي برابر موقعا، آزادي ۽ بنيادي حق فراهم ڪري، سنڌ جي گورنر چيو ته سماجي انصاف کان سواءِ پائيدار ترقي ممڪن ناهي پر هڪ مضبوط، منصفانه ۽ متوازن سماج جي قيام انساني وقار ۽ حقن جي عملي تحفظ تي منحصر آهي هن وڌيڪ چيو ته گورنر هائوس جي گيٽ تي "اميد جي گهنٽي" هن مقصد سان نصب ڪئي وئي آهي ته جيئن انهن ماڻهن جي آوازن کي ٻڌو وڃي جيڪي ڊگهي عرصي کان نظرانداز ڪيا ويا آهن ۽ انهن جا مسئلا فوري طور تي حل ڪيا وڃن.

بقايا 21 ڏنڊ مقرر

ڊاريجو ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو ۽ لاڳاپيل ضلعن جي ايس ايس پيز سان گڏ آٽو ڀان روڊ تي واقع پوليس فيسليٽيشن سينٽر تي گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اعلان ڪيو آهي ته ڪراچي ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ ٽريفڪ قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي اي چالان جي شروعات حيدرآباد- ميرپورخاص روڊ کان شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته چئن پنجن ڏينهن جي اندر مرحليوار آٽو ڀان روڊ، شهباز چوڪ ۽ قاسم چوڪ کان جامشورو روڊن تي اي چالان شروع ڪيا ويندا، هن چيو ته پهريون چالان معاف هوندو ان کان پوءِ ڪنهن سان به رعايت نه ڪئي ويندي، مقرر رفتار کان تيز رفتاري سان هلڻ تي موٽر سائيڪل واري جو 5 هزار رپين جو چالان ٿيندو ۽ ڪار واري جو 10 هزار رپين جو ان کان وڏين گاڏين جو 15 کان 20 هزار رپين جو چالان ٿيندو اهڙي ريت ون وي ٽوڙڻ تي موٽر سائيڪل سوار جو 25 هزار رپين جو چالان ٿيندو ۽ ڪار واري جو 30 هزار هيلمٽ کان بنا موٽر سائيڪل هلائڻ تي 5 هزار رپين جو چالان ٿيندو

بقايا 22 سعديه جاويد

موومينٽ لسانيت جي سياست کان باز نه آئي آهي. سعديه جاويد چيو ته متحدا جو اصل مسئلو صبح يارهين وڳي واري پريس ڪانفرنس جو ڪائيم سلاٽ آهي بغير ڪنهن ايشو جي به ميڊيا تي اچڻ چاهين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ڪلچرل ڊي مجموعي طور تي پرامن رهيو سمورا حالتون مڪمل ڪنٽرول ۾ هيون ۽ سنڌ حڪومت امن امان برقرار رکڻ لاءِ اڳواٽ قدم کنيا، قانون ٽوڙيندڙن کي روڪيو ۽ شرپسند عنصرن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي سعديه جاويد موجب سنڌ پوليس ۽ سنڌ حڪومت شرپسندن خلاف فوري ايڪشن وٺي قانوني قدم کنيا، جڏهن ته امن امان جي مجموعي صورتحال کي حڪومت بهتر نموني سنڀالي رهي آهي. هن چيو ته ايف آءِ آر کان پوءِ معاملو عدالت ۾ هليو ويندو آهي جتي فاضل عدالت قانون جي مطابق ڪارروائي ڪندي آهي ٿهنڪري ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت جو ڪو به عمل دخل ناهي. ترجمان زور ڏنو ته چند شرپسند عنصرن سبب پوري ڪميونٽي کي ذميوار نٿو ٺهرايو وڃي ۽ ڪراچي سميت سموري سنڌ ۾ ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه آهي، خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم شايد پنهنجو ماضي وساري ويٺي آهي، 12 مئي جا واقعا سڀني جي سامهون آهن ۽ ان ڏينهن جيڪي ڪارروايون ٿيون اهي به ڪنهن کان لڪل ناهن. هن وڌيڪ چيو ته علي خورشيدي پريس ڪانفرنس دوران جيڪا زبان استعمال ڪري ٿو اها اپوزيشن ليڊر جي نه پر ڪنهن يونٽ ورڪر جي لڳندي آهي. آخر ۾ سعديه جاويد چيو ته "سڀ کان پهرين پاڪستان" هن نعري جي سڀ کان وڏي وڪيل پاڪستان پيپلز پارٽي آهي جنهن پنهنجي بي مثال قربانين باوجود هي موقف هميشه برقرار رکيو آهي.

بقايا 23 ناصر شاهه

خودمختياري ۽ جديد مالي ماڊل تي منتقل ڪرڻ بنا شهري مسئلن جو مستقل حل ممڪن ناهي ٿهنڪري صوبائي حڪومت ٽائون ڪارپوريشنز کي بااختيار بنائڻ لاءِ وڏي پيماني تي سڌارا ۽ عالمي ادارن سان تعاون کي نئين رخ تي آڻي رهي آهي سنڌ لوڪل ڪائونسل ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم هيٺ صوبي جي سمورن ٽائون چيئرمينن جو اهم مشاورتي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پي پي پي، جماعت اسلامي، پيپلز پارٽي ۽ ٻين جماعتن جا چيئرمين وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيا اجلاس ڪيترن ئي سياسي ڌرين کي هڪ گڏيل فورم تي آڻي بلدياتي پاليسي سازي لاءِ نئون رستو هموار ڪيو اجلاس ۾ ورلڊ بئنڪ ۽ ڪلڪ جا نمائندا پڻ موجود هئا جن واضح ڪيو ته نئين ڊجيٽل ٽيڪسيشن ماڊل تحت اهي ٽائون جيڪي بهتر ريونيو رڪوري ڏيکاريندا، تن کي خاص انسينٽيو فني مدد، اضافي فنڊنگ ۽ ترقياتي گرانٽون ڏنيون وينديون ورلڊ بئنڪ جي عملدارن ٻڌايو ته سنڌ جي شهري ٽائونز گذريل ڪجهه سالن ۾ اميدن کان بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري آهي جنهن بعد نئون ريونيو فريم ورڪ، ڊجيٽل ڪليڪشن سسٽم ۽ مالي نظم ۽ ضبط لاءِ نئون ميڪانيزم تيار ٿي رهيو آهي جنهن کي ايندڙ بلدياتي قانونسازي ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي اجلاسي خطاب ۾ ناصر حسين شاهه چيو ته لوڪل ڪائونسل ايسوسيئيشن جو قيام وقت جي اهم ضرورت هئي ۽ اهي سڀ ٽائون جيڪي اڃا شامل ناهن، انهن کي فوري طور تي شامل ٿيڻ گهرجي ته جيئن صوبائي سطح کان پاڙائين سطح تائين اختيارن جي منتقلي جي عمل کي اڳتي وڌائي سگهجي وزير بلديات ٻڌايو ته پي ايف سي (صوبائي مالي ڪميشن) کي بهتر فعال ڪرڻ جو فيصلو ٿي چڪو آهي جنهن سان وسيلن جي منصفاڻي ورهاست يقيني بڻجي سگهندي هن چيو ته بلدياتي ملازمن جي پگهارن ۽ پينشن ۾ اضافي لاءِ سمريون اڳ ئي موڪليون ويون آهن جڏهن ته ڪائونسلرن جي وظيفن ۾ واڌ ۽ ٽائونز جي مالي خودمختياري لاءِ جديد ٽيڪس ماڊل نافذ ڪيو پيو وڃي جنهن سان گراس روٽ سطح تي بلدياتي ادارا مالي طور تي مضبوط ٿي سگهندا ۽ بغير بيروني فنڊن جي پنهنجي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪري سگهندا اجلاس دوران ٽائون چيئرمينن سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ، صفائي، ٽائون پلاننگ ۽ غير ترقياتي خرچن ۾ گهٽتائي بابت به سفارشون پيش ڪيون ورلڊ بئنڪ ايندڙ سال جي بلدياتي ڊولپمينٽ پيڪيج ۾ انهن سفارشن کي شامل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو اجلاس ۾ ڪميل حيدر شاهه، گل محمد جکراڻي فرحان غني ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ۽ چيو ته لوڪل ڪائونسل ايسوسيئيشن سنڌ ۾ بلدياتي نظام لاءِ اهم پاليسي فورم بڻجي مستقبل جي شهري حڪمراني جو واضح نقشو تيار ڪندي

بقايا 24 بلاول ڀٽو

نالو کڻڻ بنا چيو ته اهي فوج ۽ عوام ۾ ويڇوٽي وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر اسان انهن کي ائين ڪرڻ نه ڏينداسين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪجهه سياسي قوتون سوشل ميڊيا ذريعي ادارن کي نشانو بڻائي رهيون آهن جيڪو ملڪ لاءِ نقصان جو سبب آهي هو ڪالهه باغبانپوره ۾ پارٽي جي سينيئر ميمبر مرحومه زبيده جعفري جي گهر وارن سان تعزيت ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو هن چيو ته لاهور ۾ ڪارڪنن وچ ۾ هر ڀيري اچي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. بلاول ڀٽو زرداري مئي ۾ ڀارت سان ٿيل جنگ جو ذڪر ڪندي چيو ته پاڪستان ڀارتي اڳرائي جو ڀرپور جواب ڏيندي 6 ڀارتي جنگي جهاز ڪيرايا ۽ دنيا کي واضح پيغام ڏنو ته پاڪستان پنهنجي آزادي ۽ سرحدن جي تحفظ ۾ ڪنهن کان به پوئتي نه هٽندو هن چيو ته ڀارت طرفان خطرا اڃا به موجود آهن جڏهن ته افغانستان طرفان دهشتگرديءَ جا خدشا حقيقت بڻجي رهيا آهن. دهشتگرد افغانستان مان پاڪستان اچن ٿا، ڪارروائيون ڪري واپس هليا وڃن ٿا، جيڪو پاڪستان لاءِ سنگين سيڪيورٽي چيلينج آهي جڏهن ته پاڪستاني فوج بهادريءَ سان انهن خطرن جو مقابلو ڪري رهي آهي سندس چوڻ هو ته ملڪ جي اندروني چئلينجز کي به منهن ڏنو پيو وڃي ۽ اهڙي وقت ۾ هر محب وطن جي ذميواري آهي ته ملڪ ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيهي. هن چيو ته هڪ سياسي پارٽي سياسي دجال جو ڪردار ادا ڪندي عوام ۽ فوج وچ ۾ ڏار پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪڏهن ڪا سياسي پارٽي انتهاپسند تنظيم جو ڪردار ادا ڪندي ته سوال اٿندا، پي ٽي آءِ جو رويو اهڙو آهي ته ان تي مڪمل پابندي لڳي سگهي ٿي، ڪو وڃي انهن کي ٻڌائي ته سياست ڪن انتهاپسندي نه، هن چيو ته جيڪڏهن ڪا سياسي پارٽي دهشتگردن جو ساٿ ڏيندي ته گورنر راڄ لڳڻ جو خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو جڏهن ته مون ڪي پي ڪي جي گورنر جو ان حوالي سان بيان ناهي ڏٺو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪو به سنڌ ۾ اچي چونڊ وڙهي ته اسان کي خوشي ٿيندي، جڏهن به چونڊون ٿيون ٻيهرين سڌارا ضروري آهن هن چيو ته اسان ڪنهن سياسي پارٽيءَ تي پابندي نٿا چاهيون پر سياسي پارٽين کي به سياسي رويو اختيار ڪرڻو پوندو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هڪ پارليامينٽ ۾ وڌيڪ آئين ۾ ترميم ڪرڻ جي گنجائش نه آهي ۽ منهنجو پنجاب ۾ اچڻ ڪنهن کي هضم ناهي ٿيندو وڌيڪ صوبا ٺاهڻ کان پهريان پنجاب اسيمبلي ۾ منظور ٿيل ٺهراءِ تي عمل ڪيو وڃي ۽ ڏکڻ پنجاب کي صوبي جو درجو ڏنو وڃي هن چيو ته ڪنهن کي پنجاب ۾ منهنجو اچڻ هضم ناهي ٿيندو پر مان انهن کي چوان ٿو ته سنڌ اچو مان انهن کي سنڌ ۾ پنهنجو گورنر لڳائڻ لاءِ به چوان ٿو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مفاهمت سياست ۾ اڳتي وڌڻ جو بهترين طريقو آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي ٽڪراءُ واري ماحول ۾ رهنداسين ته معاملا خراب رهندا هن چيو ته عمران خان سان منهنجو ذاتي اختلاف ناهي، پر انهن جو طريقيڪار غلط آهي نواز شريف سان ڪوٽ لکپت ۾ ملاقات ڪرڻ بابت صحافي جي سوال تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مان نواز شريف سان ملڻ ويو هوس، پر هن ٻاهر نڪرندي هڪ جلسي ۾ اسان تي حملو ڪيو پي پي پي جي چيئرمين مريم نواز جي تعريف ڪندي چيو ته "وزيراعليٰ پنجاب چڱو ڪم ڪري رهي آهي" هن وڌيڪ چيو ته هڪ پارليامينٽ ڪان ٻه آئيني ترميمون ڪافي آهن. وڌيڪ جي گنجائش ناهي، آئين اهڙو دستاويز ناهي جو بار بار تبديل ڪيو وڃي موجوده حالتن ۾ وزيراعظم ٿيڻ بابت سوال تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن (وزيراعظم بڻجڻ) بابت پنهنجن ڪنن کي هٿ لڳائي ڇڏيا هن وڌيڪ چيو ته پنجاب ۾ اتحادي گروپن کي به اسپيس وٺڻي پوندي، ۽ اسان صوبي ۾ وزارتون نٿا وٺنداسين پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته واپاري برادري جو معيشت جي بهتري ۾ اهم ڪردار آهي، واپارين جي مسئلن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهنداسين لاهور ۾ صنعتڪارن ۽ واپارين کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو پاڪستان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي ته چين جهڙو ملڪ اسان سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهن اسان کي سوچڻو آهي ته چين سان گڏ ڪيئن پنهنجي نمبر کي مٿي وٺي وڃي سگهون ٿا هن چيو ته گذريل حڪومتون ڏنڊي جي زور تي معيشت هلائيندا هيون مان سمجهان ٿو ته معيشت کي پيار سان هلائڻ گهرجي، ايف بي آر ۾ ڊجيٽلائيزيشن جو سسٽم انتهائي اهميت رکي ٿو

بقايا 25 چيف جسٽس آف پاڪستان

پاڪستان کي پرامن، جمهوري ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿي عدليه قانون جي بالادستيءَ کي مضبوط بنائڻ ۽ هر شهريءَ لاءِ انصاف جي وقت سر ۽ اثرائتي فراهميءَ تي ڌيان ڏئي رهي آهي انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو ته سڄي دنيا ۾ انٽرنيشنل هيومن رائٽس ڊي جي موقعي تي اسان هڪ ڀيرو ٻيهر انسان جي حرمت، آزادي ۽ مساوات جي تحفظ جي پنهنجي آئيني ۽ اخلاقي عزم جي تجديد ڪريون ٿا سپريم ڪورٽ مان جاري پڌرائيءَ موجب چيف جسٽس چيو ته هي ڏينهن انساني حقن جي عالمي پڌرائي (UDHR)جي ياد ڏياري ٿو جيڪو هڪ اهڙي انقلابي عالمي عهد جي علامت آهي جنهن دنيا جا ڪيترائي آئيني، عوامي ادارن ۽ ترقياتي حڪمت عملين خاص ڪري پائيدار ترقي بابت ايجنڊا 2030ع جو بنياد رکيو چيف جسٽس چيو ته تيزيءَ سان بدلجندڙ سماجي معاشي ۽ فني دنيا ۾ پاڪستان جي عدليه قانون جي بالادستي جي استحڪام ۽ هر شهريءَ کي وقت سر انصاف جي فراهميءَ تي پوري توجهه ڏني آهي. عدالتي سڌارن جو مقصد عدالتي نظام کي جديد رخن تي آڻڻ شفافيت کي هٿي ڏيڻ ۽ خاص ڪري ڪمزور ۽ پٺتي پيل طبقن کي درپيش رڪاوٽن کي گهٽ ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي حقن جو بهتر طور تي تحفظ ڪري سگهن هن چيو ته عدالتن جي طريقيڪار ۾ بهتري، ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال، ججن جي تربيت ۾ واڌ ۽ اداري جاتي رابطن کي مضبوط بنائڻ جهڙا قدم ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته عدليه هڪ شهري انصاف وارو نظام ٺاهڻ لاءِ پرعزم آهي اهڙو نظام جيڪو هر فرد جي احترام کي مڃائهون رکي، وقت سر انصاف فراهم ڪري ۽ انصاف جي گهرجن کي بنا ڪنهن خوف يا دٻاءُ جي پورو ڪري، چيف جسٽس پنهنجي پيغام ۾ وڌيڪ چيو ته انساني حقن جو تحفظ صرف عدالتن جي ذميداري ناهي پر پوري معاشري جي گڏيل ذميداري آهي جيڪو آئين جي ويڙهه اسان جي تهذيبي قدرن ۽ هڪ روشن، پُرامن ۽ ترقي يافته پاڪستان جي مستقبل سان جڙيل هجي.

بقايا 26 پيش

شهباز شريف مُلڪ جو دفاع ڪندي شهادت ماڻيندڙ سوار محمد حسين شهيد سميت سڀني شهيدن کي قومي تاريخ جي معي جا موڙ قرار ڏيندي چيو آهي ته سوار محمد حسين شهيد جهڙن ڌرتيءَ جي پٽن [illegible]

ڪندي وزيراعظم چيو ته سوار محمد حسين شهيد ڌرتيءَ جو بهادر سپوت هو جنهن کي 1971ع ۾ مُلڪ جي تحفظ لاءِ بيمثال جرئت ۽ بهادري ڪيس امر ڪري ڇڏيو وزيراعظم چيو ته سوار محمد حسين شهيد جهڙن ڌرتيءَ جي پٽن جي ڪري ئي پاڪستان جو دفاع صرف فتح نه ٿيڻ جوڳو آهي. 1971ع ۾ ظفروال شڪر ڳڙهه سيڪٽر ۾ سوار محمد حسين شهيد جرئت، دليري ۽ بهادري جو مثال قائم ڪري پوري قوم جو ڳاٽ سدائين لاءِ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو هن چيو بزدل دشمن جي وار کي پنهنجي بي مثال جرئت ۽ حڪمت عملي سان ناڪام بڻائي سوار محمد شهيد رخ موڙي ڇڏيو ۽ نئين جنگي تاريخ لکي ڇڏي

بقايا 27 طارق فضل چوڌري

واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته انسان جو تعلق چاهي ڪنهن به رنگ، نسل، مذهب، قوميت يا زبان سان هجي ان جي عزت، آزادي ۽ حق برابر آهن. انساني حق ڪنهن حڪومت جو تحفو نه پر هر انسان جو فطري حق آهن. گذريل ڏينهن انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي "ايڪس" تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته اڄوڪو ڏينهن اهو عهد ڪريون ته ظلم خلاف آواز اٿاريندا سين نا انصافي تي خاموش نه رهنداسين ۽ هڪ اهڙي معاشري جو بنياد رکنداسين جتي انسان کي انسان هجڻ تي فخر هجي، هن چيو ته انساني حق انسان جي سڃاڻپ عزت، احترام ۽ آزادي آهي ۽ اها سڀني لاءِ هڪجهڙي آهي

بقايا 28 نعريبازي

عمران خان جون تصويرون ڪڍي احتجاج ڪيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي قومي اسيمبلي اجلاس ۾ سوالن جي وقفي دوران آغا رفيع الله چيو ته اسيمبلي ميمبر محنت ڪري سوال آڻيندا آهن صرف گهمائي ڦرائي جواب ڏنا ويندا آهن ڪي اي ڊي اي ڏاهيو ويندو آهي هتي جيڪو ڪتابن ۾ لکيو ويندو آهي انهي جو 10 سيڪڙو به نه آهي ايف اي بي جي ٽال فري نمبر تي هن وقت ڪال ڪريو ڪوبه جواب اچي ته ٻڌايو وفاقي وزير طارق فضل چوڌري چيو ته قومي اسيمبلي ميمبر جي سوال جو جواب تفصيلي ڏنو ويو آهي لابي ۾ وڃي ٽال فري نمبر تي به ڪال ڪري ٿا وٺون هي جيڪا هتي تقرير ڪري رهيا آهن اها سياسي آهي. وقتي اسپيڪر علي زاهد آغا رفيع الله ۽ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري کي لابي ۾ ويهي معاملا حل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي انهي دوران پي ٽي آءِ ميمبر ايوان ۾ پهچي ويا، ميمبرن پي ٽي آءِ باني جون تصويرون ڪڍي احتجاج ڪيس اپوزيشن ميمبرن ايوان ۾ نعريبازي پڻ ڪئي اپوزيشن ميمبرن نقطه اعتراض گهري ورتو پينل آف چيئر سوالن جي وقفي دوران اعتراض ڏيڻ کان معذرت ڪري ورتي ۽ چيو ته سوالن جي وقفي ۾ نقطه اعتراض نه ڏنو ويندو انهي دوران اپوزيشن ميمبر اقبال آفريدي ڪورم جي نشاندهي ڪري ڇڏي، وقتي اسپيڪر ميمبرن جي ڳڻپ جي هدايت ڪئي ڪورم بابت ميمبرن جي ڳڻپ ۾ ايوان ۾ ڪورم پورو نڪتو اجلاس ۾ نبيل گبول چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو ڪوم سينٽر منهنجي تڪ ۾ نه آهي عورتون اتي رش سبب بيهوش ٿي وينديون آهن اتي ويلل ماڻهو ڪرپشن ڪري رهيا آهن 15 سئو روپيه هر عورت کان ورتا وڃن ٿا. وفاقي وزير پير عمران شاهه چيو ته وزيراعظم شهباز شريف انهي کي شفاف بنائڻ جي هدايت ڪئي آهي مارچ 2026 تائين سمورو نظام ڊيجيٽل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون اسان جي حڪومت ۾ ڪابه ڪرپشن نه ٿيندي آغا رفيع الله چيو ته هتي وزير ته ڪير آهي ئي ڪونه سوالن جا جواب ڪير ڏيندو اپوزيشن جو ڪردار اسان ادا ڪري رهيا آهيون اسان جي حوصلا افزائي ڪريو وقتي اسپيڪر علي زاهد چيو ته وفاقي وزير طارق فضل چوڌري هتي موجود آهي آغا رفيع الله چيو ته طارق فضل پنهنجي ڳالهين ۾ مصروف آهي اڄ طارق فضل چوڌري سان ڪو حساب ڪتاب ڪري ٿا وٺون انهي دوران اپوزيشن ميمبر اقبال آفريدي ٻيهر ڪورم جي نشاندهي ڪئي، ڪورم بابت ايوان ۾ ميمبرن جي ڳڻپ ڪئي وئي ته حڪومت ڪورم پورو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي جنهن کان پوءِ علي زاهد چيو ته ايوان ۾ 63 ميمبر موجود آهن وقتي اسپيڪر جي اعلان دوران پيپلز پارٽي جي ميمبرن گوڙ ڪيس جنهن کان پوءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيو ويو اجلاس کان پوءِ پيپلز پارٽي اڳواڻ عبدالقادر پٽيل صحافين سان ڳالهين ۾ چيو ته اڄان سوالن جي وقفي دوران منهنجو سوال مڪمل ئي نه ٿيو هو ته ڪيئن ڪنهن ٻئي ميمبر جو مائيڪ کولي ڪورم جي اجازت ڏني وئي مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ لابي ۾ ويهي رهيا، اهو سڀ ڪجهه سوچيل سمجهيل سازش جي تحت ڪيو ويو شهيد بينظير ڀٽو ايئرپورٽ جي جڳهه تبديل ٿي وئي ته انهي جو نالو ڪيئن تبديل ٿي ويو؟ ڇا نادره آفيس جي بلڊنگ تبديل ٿيڻ سان انهي جو نالو تبديل ٿي ويندو؟ ڇا پارليامينٽ جي بلڊنگ جي جڳهه تبديل ٿئي ته انهي جو نالو به تبديل ٿيندو؟ هن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو کي ڪنهن تعريف جي ضرورت نه آهي ننڍي سوچ جا ماڻهو آهن

بقايا 29 غور

حڪومت پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کي اڊيالا جيل مان منتقل ڪرڻ بابت غور شروع ڪري ڇڏيو ذريعن موجب، وفاقي حڪومت جو چوڻ آهي ته معاملا ان حد تائين پهچي چڪا آهن جتان واپسي ممڪن ناهي، پي ٽي آءِ ملڪ کي ڪمزور [illegible] ته اهو چاهيون ٿا ته قيدي کي اڊيالا مان منتقل ڪيو وڃي ۽ حڪومت به ان تي سنجيدگي سان غور ڪري رهي.

بقايا 30 ملاقات

علي زاهد ملاقات ڪئي جنهن ۾ سندس تڪ سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه اربع ڏينهن جاري بيان موجب ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 31 صوبائي گهرو وزير

سمجهوتو ممڪن ناهي، صوبائي گهرو وزير جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت شهرين جي بنيادي حقن جي سلامتي لاءِ سنجيده، مؤثر ۽ عملي قدم کنيا آهن ۽ هر فرد جي جان ۽ مال، عزت ۽ وقار کي محفوظ رکڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي. هن چيو ته انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي، ۽ قانون جي رٽ کي هر حال ۾ برقرار رکيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته ڪمزور ۽ پسيل طبقا جي حقن جو دفاع رياست جي اخلاقي ۽ قانوني ذميواري آهي.

بقايا 32 اسپيڪر قومي اسيمبلي

پوندو هو بدعنواني جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي نيب راولپنڊي/ اسلام آباد طرفان رٿيل آگاهي واڪ کي خطاب ڪري رهيا هئا. نيب ترجمان موجب اسپيڪر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته نيب جي سڌارن وارين پاليسين جي نتيجي ۾ اداري بابت خوف ۽ هراس ۽ هٻڪ جو تصور ختم ٿيو آهي جڏهن ته عوام، ڪاروباري طبقي، سياستدانن ۽ سرڪاري آفيسرن جو اعتماد بحال ٿيو آهي هن چيو ته گذريل اڍائي سالن ۾ نيب وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي سهڪار سان نمايان ريڪوريون ڪيون آهن جيڪي تعريف جوڳيون آهن نيب چيئرمين ان موقعي تي چيو ته نيب پنهنجي آئيني مينڊيٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ اڄ جي واڪ ان عوامي خواهش جي علامت آهي ته پوري قوم بدعنواني جي خاتمي جي خواهشمند آهي هن چيو ته شفاف معاشي ۽ سماجي نظام جي جوڙجڪ ادارن جي گڏيل سهڪار سان ئي ممڪن آهي. نيب راولپنڊي/اسلام آباد طرفان رٿيل اها آگاهي واڪ گذريل ڏينهن اسلام آباد ۾ منعقد ٿي، جنهن جي قيادت قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق، نيب چيئرمين جنرل (ر) نذير احمد ۽ ڊي جي نيب (اسلام آباد/راولپنڊي) وقار احمد چوهان ڪئي واڪ ۾ وڏي انگ ۾ سياسي اڳواڻن، پارليامينٽ جي ميمبرن، سفارتڪارن، سرڪاري آفيسرن، چند ڏسٽي ڪميٽي جي ميمبرن ۽ عالمن جي وفدن اسلام آباد ۽ راولپنڊي چيمبرز آف ڪامرس جي نمائندن، سول سوسائٽي، ميڊيا، شاگردن ۽ نيب جي سينيئر آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي

بقايا 33 اعلان

ضلعي ڪوهاٽ ۾ واقع نشپا بلاڪ مان تيل ۽ گيس جي وڏي دريافت ٿي آهي تفصيل مطابق نشپا بلاڪ ۾ ڪوهيل هڪسپلوريٽري ڪوئنو "ٻراڳزئي ايڪس-1 (سلانٽ)" مان روزانو 2,280 بيرل تيل ۽ 5.6 مليَن مڪعب فٽ گيس حاصل ٿي رهي آهي پيداوار 32/64 انچ چوڪ سائز سان ڪوئنو جي دهاني تي PSI 2,400 دٻاءَ تي نڪتل آهي. جيڪا نشپا بلاڪ ۾ ڪنگرياني فارمشن مان ٻهرين هائيڊروڪاربن دريافت آهي ڪمپني موجب، هي ڪوئنو 24 ڊسمبر 2024 تي کوٽيو ويو ۽ 5,170 ميٽر گهرائي تائين ڊرل ڪيو ويو جتي تقريباً 90 ميٽر ٿلي ٿهه ۾ هائيڊروڪاربن جي موجودگي جا ثبوت مليا بعد ۾ ڪيل ٽيڪنيڪل ٽيسٽن جي نتيجي ۾ تيل ۽ گيس جي پيداوار ممڪن ٿي

بقايا 34 رياض پيرزاده

عوام جو اعتماد حاصل ڪيو آهي ۽ نيب چيئرمين جي ويڙهه سان ادارن ۾ استحڪام آيو آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن بدعنواني جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان نيب ملتان جي انتظام هيٺ رٿيل خاص سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير ماضيءَ جي احتسابي عمل تي تنقيد ڪندي چيو ته پوئين دؤر ۾ ماڻهن کي فرمائشي طور تي جيلن ۾ اماڻيو ويو پر ان جي شدت ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي

بقايا 35 ڳالهيون

آباد ۾ آمريڪي سفارتخاني طرفان ايڪس تي جاري ڪيل ويڊيو بيان ۾ آمريڪي ناظم الامور نيٽلي بيڪر چيو ته آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ تازو ئي پاڪستان ۾ ريڪوڊڪ منصوبي ۾ کاڻ کڻڻ ۽ اهم معدنيات جي سهڪار لاءِ 1.25 ارب ڊالر مالي سرمائي جي فراهمي جي منظوري ڏني آهي هن چيو ته ايندڙ سالن دوران ايگزم بينڪ جي مالي سهڪار هيٺ ريڪوڊڪ کاڻ جي اڏاوت ۽ انتظام لاءِ ٻه ارب ڊالر جي اعليٰ معيار واري آمريڪي معدنيات جو سامان ۽ ضروري خدمتون پاڪستان کي فراهم ڪيون وينديون نيٽلي بيڪر ٻڌايو ته ان منصوبي تحت اندازي موجب آمريڪا ۾ 6 هزار ۽ بلوچستان پاڪستان ۾ 7 هزار 500 روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. سندس چوڻ هو ته ريڪوڊڪ منصوبو کاڻ کڻڻ لاءِ هڪ ماڊل پراجيڪٽ هوندو

بقايا 36 کلي ڪچهري

کي سندن در تي حل ڪرڻ ۽ سرڪاري کاتن جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ صوبائي وزير صحت ۽ آبادي ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ [illegible] هيلٿ سنڌ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پير غلام حسين سول اسپتال حيدرآباد جي ايم ايس ڊاڪٽر ارشاد ڪاظمي سميت صحت، تعليم، ايڪسائيز، حيسڪو، پبلڪ هيلٿ، لوڪل گورنمينٽ، هاءِ وين بلڊنگ، آبپاشي، واسا، سوئي گيس ۽ اطلاعات کاتي جا عملدار وڏي انگ ۾ موجود هئا ضلعي حيدرآباد جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ ڪچهري ۾ شرڪت ڪندي صوبائي وزير کي پنهنجين شڪايتن کان آگاهه ڪيو. ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو شڪايتون ٻڌندي چيو ته سنڌ حڪومت عوامي مسئلن کي سندن دروازي تي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. هن ٻڌايو ته ايس آءِ يو ٽي هر ڊويزنل هيڊڪوارٽر ۾ قائم ڪرڻ جو منصوبو تيار آهي ۽ حيدرآباد ۾ به ان جو قيام جلد عمل ۾ آندو ويندو.

بقايا 37 اختيار ولي خان

عمران ۾ واضح لڪير کڍي وئي آهي، پي ٽي آءِ ان فوج تي حملي آور ٿي، جنهن پوري دنيا ۾ پاڪستان جو ڳاٽ فخر سان بلند ڪيو پي ٽي آءِ باني جيڪو ٽوئيٽ ڪيو نه ئي پي ٽي آءِ ڳڙڪائي سگهي ٿي ۽ نه ئي اوڳاڇي سگهي ٿي، پي ٽي آءِ پشاور جلسي ۾ سڄي ملڪ مان ماڻهو گهرائي ڪجهه ماڻهو گڏ به نه ڪري سگهي، پي ٽي آءِ جا ماڻهو مذهب کي سياست لاءِ استعمال ڪن ٿا. هو ڪالهه پي ٽي وي هيڊ ڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو هن واضح ڪيو ته پي ٽي آءِ پنهنجي سياست کي دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ڪري رهي آهي، ٽي ٽي پي ۽ پي ٽي آءِ ۾ ڪو فرق ناهي چاڪاڻ ته هر ايندڙ ڏينهن پي ٽي آءِ فوج ۽ عدليه تي حملي آور ٿئي ٿي ۽ ان جي خواهش آهي ته پي ٽي آءِ کي اڄ به پاناما بينچ واري عدالت گهرجي هن سوال اٿاريو ته پي ٽي آءِ پنهنجي حڪومتي دؤر ۾ ڪهڙو پراجيڪٽ بڻايو؟ هن الزام لڳايو ته پي ٽي آءِ اسان جي نوجوان نسل کي پنهنجي نفرت جي سياست جي ور چاڙهيو جنهن جو مثال ڪي پي ڪي ۾ 13 سالن ۾ هڪ اسپتال هڪ يونيورسٽي نه بڻائي سگهي، هن ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني جي ٽوئيٽ کي سندس ئي پنهنجي قيادت رد ٽوئيٽ ناهي ڪري رهي آهي.

بقايا 38 فاضل جميلي

ميمبر آفتاب ملڪ ۽ ٻين صحافين کي جاري ڪيل قانوني نوٽيس ۽ پي اي سي اي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪرڻ جي ڌمڪين جي سخت مذمت ڪئي آهي. ڪراچي پريس ڪلب پاران جاري ڪيل هڪ بيان ۾ پريس ڪلب جي عهديدارن چيو ته اهڙا عمل پريس جي آزادي ۽ صحافين جي حقن تي حملي جي برابر آهن سرڪاري عملدارن پاران صحافين کي ڊيڄارڻ ۽ دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ناقابل قبول آهي صحافي برادري کي پنهنجا پيشه ورانه فرض آزاديءَ سان ۽ بغير ڪنهن دٻاءُ جي انجام ڏيڻ جو پورو حق آهي

بقايا 39 مقرر

چيئرپرسن طور منزه سهام ۽ ڊپٽي چيئرمين طور محمود عالم خالد مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته اراڪن ۾ قاضي اسد عابد، اڪرام سهگل، سيد انتظار حسين زنجاڻي، احمد شفيق، اسلم ميان، نصير هاشمي، نصرت مرزا، محمد اويس رازي ۽ ميان فضل الهي شامل آهن

بقايا 40 شرڪت

جنهن ۾ ڊيلاس ۽ ويجهن علائقن مان وڏي تعداد ۾ سنڌي خاندان شرڪت لاءِ پهتا. هن تقريب نه رڳو مقامي ڪميونٽي کي گڏ ڪيو پر آمريڪي سرزمين تي سنڌ جي تهذيب ۽ روايتن کي بيهتر روشن انداز ۾ پيش ڪيو. تقريب ۾ ٽيڪساس اسيمبلي جي ميمبر سلمان ڀوجاڻي، پاڪستان قونصل خانو هيوسٽن جا وائس قونصل فرحان احمد، سانا جا مرڪزي اڳواڻ اصغر پلاڻ، مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسد شيخ ۽ ڪيترن ئي ڪميونٽي شخصيتن شرڪت ڪري هن جشن کي وڌيڪ وقار بخشيو. خطاب ڪندي ٽيڪساس اسيمبلي جي ميمبر سلمان ڀوجاڻي چيو ته سنڌ جي ثقافت امن محبت ۽ برداشت جي علامت آهي ۽ اڄ ڊيلاس هن ورثي کي عزت ڏني آهي. پاڪستان قونصليٽ هيوسٽن جي وائس قونصل فرحان احمد چيو ته سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي پاڪستان جي سڃاڻپ آهن ۽ سنڌ ڪلچرل ڊي دنيا ڀر ۾ پاڪستان جي مثبت تصوير کي وڌيڪ مضبوط ڪري ٿو.

بقايا 41 گرفتار

سعودي عرب مان گرفتار ڪري اسلام آباد ايئرپورٽ منتقل ڪيو ويو. گرفتار جوابدار گذريل 4 سال کان پنجاب پوليس کي گهربل هو جوابدار خلاف قتل جي شقن تحت ٿاڻي صدن منڊي بهاڻوالدين ۾ ڪيس داخل هو ايف آءِ اي اين سي بي انٽرپول جوابدار جي گرفتاري لاءِ ريڊ نوٽيس جاري ڪيو هو.

بقايا 42 انڪشاف

هن افسوسناڪ واقعي ۾ مکيه ڪردار طور سامهون آيا آهن تفصيل موجب اڳاڙي تي پوليس جي آپريشن ٽيم ۽ جاچ ٽيم هڪ ڀيرو ٻيهر واقعي واري هنڌ جو دورو ڪيو جاچ عملدارن موجب شروعاتي ثبوتن مان ظاهر ٿيو ته متاثر خاندان گڏجي خودڪشي ڪئي هئي ٻيهر دوري دوران پوليس کي وڌيڪ اهم ثبوت مليا. گلشن اقبال ٿاڻي جي ايس ايڇ او نعيم راجپوت موجب گهر مان زهريلي دوائون ۽ ڪوئي مار دوائون محلول صورت ۾ مليون آهن جڏهن ته ڳولا دوران پوليس کي مقتول ثمينه پاران لکيل هڪ مبينا خط پڻ مليو جنهن ۾ موت کي گلي سان لڳائڻ جو سبب قرض لکيو ويو [illegible]

THE SHAIKH AYAZ UNIVERSITY SHIKARPUR

Office of The Project Director - PMF
No: PD/PMF/SAUS/239
Dated: 09.12.2025

NOTICE INVITING TENDER

The Shaikh Ayaz University Shikarpur, Sindh invites **E-bids through e-Pak Acquisition and Disposal System (EPAD)** from well reputed bidders/firms/companies having registration with the FBR & SRB for supplying and installation of external Street Solar Light Poles and Poles Foundation with complete wiring and commissioning under the PPRA Rules.

S. No	Name of Bid	Estimated Cost (In Million)	Bid Security	Tender fee (Rs.)	Completion Period
01	Supplying and Installation of External Street Solar Light Poles and Poles Foundation with complete wiring and commissioning	9.80	2% of Estimated Cost	3000/-	03 Months

Qualification :

i. List of similar assignments along with cost undertaken over past 10 years and performance certificate/completion certificate issued by the procuring agency.
ii. Financial Statement and Income Tax Return for Last 03 years supported by audit reports.
iii. Registration with Income Tax Department (NTN Certificate) and Active Status with FBR.
iv. Registration Certificate of Sindh Revenue Board, Govt. of Sindh.
v. Undertaking on Affidavit that the Firm is not involved in any litigation and black listed in any department.

Method of Procurement : (Single Stage-Two Envelope Procedure)

Bidding/Tender Documents:

Issuance: Complete set of Bidding Documents can be obtained online from EPADS PPRA and website. Tender Fee (Non-Refundable) and earnest money of 02% of total bid (Re-fundable) in the shape of Pay Order/Demand Draft in favor of Project titled **"Provision of Missing Facilities for The Shaikh Ayaz University", Shikarpur.** should be submitted in the office of the Project Director before the deadline for the submission of e-bids through EPADS.

Submission: The e-bid must be submitted using EPADS before closing date and time (24th December-2025 11:00 am) manual bids shall not be accepted.

Opening Date and Time: E-bids will be opened 24th December-2025 (11:30 am).

Procuring Agency reserves the right to reject any or all bids subject to the relevant provisions of Public Procurement Rules (PPRA) 2004. In case of any holiday announcement or disturbance the tenders will be opened on the next working day as per schedule.

Project Director-PMF
The Shaikh Ayaz University - Shikarpur

PID(H)229/2025

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڌوهارين خلاف آپريشن ۽ سماجي تحفظ جو احساس!
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي
ٽرمپ جو پاڪستان ڏانهن جهڪاءُ آخر ڇو؟
صفحو 4

تحريڪ انصاف تي پابندي لڳي سگهي ٿي؟
ڪنور دلشاد
صفحو 4

ڊاڪٽر فرقان حميد
پاڪ-ترڪ ڊرون فيڪٽري!
صفحو 4

سکر ۾ واپڊا جي نجڪاري، مهانگائي ۽ ملازمن جا مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي، ڌرڻو

سيپڪو ملازمن وڏي انگ ۾ سرڪل آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو، ڌرڻو جلسي جي صورت اختيار ڪري ويو

واپڊا جي نجڪاري فوراً روڪي وڃي ڇو ته هي قومي ادارو آهي ۽ ان جي نجڪاري سان هزارين ملازم ۽ انهن جا خاندان سخت متاثر ٿيندا: خليل ڍومڪي

ڪانٽريڪٽ ۽ ڊيلي ويجز ملازمن کي فوري طور مستقل ڪيو وڃي، پگهارن ۽ الائونسن ۾ مهانگائي جي حساب سان اضافو ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ بجلي جي ورڇ ڪندڙ ڪمپنين (واپڊا) جي نجڪاري، مهانگائي ۽ ملازمن جي پراڻن مسئلن خلاف آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سي بي اي) سيپڪو سکر ريجن جي اڳواڻي ۾ سيپڪو ملازمن وڏي انگ ۾ سرڪل آفيس کان سکر پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ ڌرڻو هنيو ڌرڻو جلسي جي صورت اختيار ڪري ويو ۽ شرڪت ڪندڙن پنهنجي مطالبن جي حق ۾ سخت نعريبازي ڪئي ريلي، مظاهري ۽ ڌرڻي جي قيادت آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سي بي اي) سيپڪو سکر ريجن جي اڳواڻن خليل الرحمن ڍومڪي شجاعت حسين گهمرو، عقيق احمد جوڻيجو، سرور علي، سيد زاهد شاهه، عقيق احمد دايو، نذر محمد سيمڻ اشفاق احمد مهر نديم علي ڪورائي هدايت الله ڪورائي عابد علي ڪوسو عبدالمجيد سولنگي، سرور علي شيخ، عباس علي شاهه، طاهر پيرزادو، ماجد علي شاهه ۽ ٻين ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن وفاقي حڪومت ۽ سيپڪو انتظاميا کان زور ڀريو مطالبو ڪيو ته واپڊا جي نجڪاري فوراً روڪي وڃي، ڇو ته هي قومي ادارو آهي ۽ ان جي نجڪاري سان هزارين ملازم ۽ انهن جا خاندان سخت متاثر ٿيندا. اڳواڻن چيو ته واپڊا ملازمن پنهنجو رت ۽ پگهر ڏئي هن اداري کي مضبوط ڪيو آهي، تنهن ڪري ان جي نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن ان لاءِ جان به ڏيڻي پئي ته به پس و پيش نه ڪيو ويندو. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪانٽريڪٽ ۽ ڊيلي ويجز ملازمن کي فوري طور مستقل ڪيو وڃي، پگهارن ۽ الائونسن ۾ مهانگائي جي حساب سان اضافو ڪيو وڃي، پروموشنز ۽ ٽائم اسڪيل جا معاملا جلد حل ڪيا وڃن. جڏهن ته رٽائرڊ ملازمن کي انهن جا واجبات به جلد کان جلد ادا ڪيا وڃن. اڳواڻن اهو به مطالبو ڪيو ته فيلڊ ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي مڪمل حفاظتي سامان فراهم ڪيو وڃي ۽ طبي سهولتون بهتر بڻائي ملازمن ۽ انهن جي گهر ڀاتين کي رليف ڏنو وڃي. مقررن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مطالبن تي فوري عملدرآمد نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ مڪمل تحريڪ هلائي ويندي جنهن جي سموري ذميواري حڪمرانن تي هوندي.

سکر: واپڊا نجڪاري خلاف ملازم احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڳاڙهو ۾ پرائمري اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جو جشن ملهايو ويو

ڳاڙهو (ن ع) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳاڙهو ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي جنهن ۾ والدين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ اسڪول جي شاگردن تقريرون، خاڪا، ٽيبلو ۽ مختلف قومي گيتن تي جهمريون هڻي زبردست پرفارم ڪيو. بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام ۽ گفٽ ورهايا ويا.

حيدرآباد ۾ خانگي اسپتال انتظاميه نئين ڄاول پٽ جي مٺائي کائي وارثن کي ڌي ڏئي ڇڏي

شورا ڳوٺ جي رهواسين قاسم آباد جي خانگي سرواڻ اسپتال جي ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

سرواڻ اسپتال ۾ ويم جي سلسلي ۾ پنهنجي زال سگهاران کي داخل ڪرايو، ڊاڪٽرياڻي ناهيد روشن منهنجي زال جي ڊليوري ڪرائي: خادم لاشاري

پٽ جي اولاد جنم ورتو، پٽ ٿيڻ تي سمورن ڊاڪٽرن ۽ عملي پٽ ٿيڻ جي خوشي ۾ مٺائي کاڌي ۽ خرچيون ورتيون

ٻارڙي کي اينڪيوبيٽر تي رکيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن برٿ سرٽيفڪيٽ ۾ پٽ لکي حوالي ڪيو، گهر پهچڻ تي ڏٺوسين ته ڌي آهي

حيدرآباد (رپورٽ اعجاز لغاري) حيدرآباد ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جو هڪ ٻيو ڪارنامو سامهون اچي ويو، خانگي اسپتال مان نئين ڄاول پٽ جي مٺائي کائي وارثن کي ڌي حوالي ڪري ڇڏي. پيءُ ۽ ماءُ جو مائٽن سوڌو احتجاج. قاسم آباد جي شورا ڳوٺ جي رهواسين حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد جي خانگي سرواڻ اسپتال ۾ جي ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي خادم لاشاري چيو ته 30 ڊسمبر ڌاري قاسم جي سرواڻ اسپتال ۾ ويم جي سلسلي ۾ پنهنجي زال سگهاران کي داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽرياڻي ناهيد روشن منهنجي زال جي ڊليوري ڪرائي جتي پٽ جي اولاد جنم ورتو. پٽ ٿيڻ تي سمورن ڊاڪٽرن ۽ عملي پٽ ٿيڻ جي خوشي ۾ مٺائي کاڌي خرچيون ورتيون جڏهن ته ٻارڙي کي اينڪيوبيٽر تي رکيو ويو ۽ ٻئي ڏينهن ٻارڙو برٿ سرٽيفڪيٽ سوڌو ڪاغذن ۾ پٽ لکي حوالي ڪيو گهر پهچڻ تي ڏٺوسين ته پٽ بدران ڌي جو ٻارڙو آهي جنهن ڪانپوءِ اسپتال انتظاميه ۽ ڊاڪٽر ناهيد سان رابطو ڪيو جيڪي جاچ جا آسرا ڏئي موٽائي ڇڏين ٿا. هنن ٻي جي صحت حيدرآباد هيلٿ ڪيئر ڪميشن سوڌو وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر: ٻئين لوڪ سهائتا ميراٿن جي تيارين جي سلسلي ۾ ڪمشنر عابد سليم قريشي اجلاس جي صدارت ڪندي

حيدرآباد جو قانوندان عبدالستار قائمخاني پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل

تحريڪ انصاف سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪري باقاعدي شموليت جو اعلان ڪيو

عبدالستار قائمخاني جي پ پ ۾ شموليت سان وڪيل وڌيڪ مضبوط ٿيندا: اياز ٽنيو

پيپلز پارٽي جمهوريت آئين جي بالادستي ۽ محرومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي تجربيڪار قانوندان ۽ سياسي سماجي حلقن ۾ ڄاتل سڃاتل شخصيت ايڊووڪيٽ عبدالستار قائمخاني پاڪستان تحريڪ انصاف سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ باقاعدي شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي شموليت حيدرآباد هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۾ هڪ تقريب دوران سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ اياز حسين ٽنيو جي اڳواڻي ۾ منعقد ٿي. ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايڊووڪيٽ اياز حسين ٽنيو شموليتي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته عبدالستار قائمخاني جهڙي باشعور بردبار ۽ فعال وڪيل جي پ پ پ ۾ شموليت سان پارٽي نه فقط وڪيل برادري ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندي پر عوامي سطح تي به وڌيڪ بهتر ٿيندو. هن چيو ته پيپلز پارٽي سدائين جمهوريت آئين جي بالادستي ۽ محرومن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي جنهن ۾ وڪيل برادري جو ڪردار بنيادي آهي. عبدالستار قائمخاني نئين سياسي وابستگي جو اعلان ڪرڻ بعد ايڊووڪيٽ عبدالستار قائمخاني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت جا تازا بيان فوج خلاف تنقيدي لهجو سياست ۾ نئين ڇڪتاڻ پيدا ڪري رهيا آهن فوج جي بعض رياستي ادارن بابت سخت تنقيدي بيان سامهون اچڻ ۽ گهڻي سوچ ۽ جائزي کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ اهڙي جماعت آهي جيڪا نه فقط جمهوريت لاءِ لڙندي رهي آهي پر سنڌ جي حقن وسيلن ۽ ماڻهن جي ترقي لاءِ هميشه اڳتي رهي آهي. هاڻي منهنجي سموري ڪوشش پيپلز پارٽي جي فلسفي عوامي خدمت ۽ قانوني جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هوندي. جڏهن ته ايڊووڪيٽ قائمخاني جي شموليت حيدرآباد ۾ نئين سياسي بحث کي جنم ڏنو آهي جتي مبصرن جو چوڻ آهي ته بار برادري جو هڪ اهم ۽ بااثر وڪيل پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيڻ سان پارٽي کي قانوني ۽ سياسي سطح تي وڌيڪ فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. تقريب ۾ هاءِ ڪورٽ بار جا وڪيل ايڊووڪيٽ افضل گجر رٽائرڊ اي آءِ جي عطا الله چانڊيو، ايڊووڪيٽ پير غلام فاروق، نويد جيسر ايڊووڪيٽ ڪامران سولنگي ايڊووڪيٽ ناصر عباسي سميت قائمخاني جي چاهيندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

حيدرآباد: قانوندان عبدالستار قائمخاني جو پيپلز پارٽي ۾ شموليت وقت ورتل گروپ فوٽو

قاتلاڻي حملي ۾ شديد زخمي ٿيندڙ شهدادڪوٽ بار ميمبر جي طبيعت ۾ سڌارو

شهدادڪوٽ (ڊ ز) قاتلاڻي حملي ۾ شديد زخمي ٿيندڙ شهدادڪوٽ بار جي سينيئر ميمبر ايڊووڪيٽ مير منظور احمد ساسولي جي طبيعت سڌرندڙ ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته ڪن ڏينهن کان ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود هن وقت تائين پوليس حملي ۾ ڄاڻايل جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا آهن جنهن ڪري وڪيلن ۾ ڏاڍ پکڙيل آهي هوڏانهن ضلعي قمبر شهدادڪوٽ بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو هڪ دفعو ٻيهر پڌرائي جاري ڪندي اي سيڪشن پوليس تي الزام لڳايو آهي پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوبه قدم نه کڻي رهيو آهي جنهن ڪري پوليس خلاف ڏر هجڻ جا خدشا وڌي رهيا آهن جڏهن ته ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ سميت پوليس فريادي ڌر سان جوابدارن جي گرفتاري توڙي ڪيس جي سلسلي ۾ رابطي ڪرڻ کان به ڪن لاڙ پئي ڪري عملي طور رابطي ۾ نه آهي بار جي ضلعي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو پوليس کي چتاءُ ڏنو آهي ته ٻن ڏينهن اندر جوابدار گرفتار ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ سڄي ضلعي اندر عدالتي ڪاروائي جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو هن آءِ جي کان انصاف ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي

راڌڻ ۾ واپڊا جي نجڪاري، ڪوٽا سسٽم ۽ پينشن ختم ڪرڻ خلاف احتجاج

راڌڻ (ن ع) واپڊا جي نجڪاري ڪوٽا سسٽم ۽ پينشن ختم ڪرڻ خلاف قائد عبداللطيف نظاماڻي جي سڏ تي سڄي سنڌ جيان ايس ڊي او آفيس راڌڻ کان سب ڊويزنل چيئرمين راڌڻ نياز علي پٽو امداد علي پٽي نظام الدين ناريجو آفتاب احمد لاکير طاهر سومرو عبدالستار پيرزادو آصف ملاح ٻين سومرو امداد چانڊيو جي اڳواڻي ۾ بينر ۽ پينا فليڪس کڻي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙن ڳالهائيندي چيو ته واپڊا جي نجڪاري ڪري ملازمتن سان ظلم ڪيو وڃي ٿو اگر نجڪاري ختم نه ٿي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسون ۽ اسان ڪم ڇڏ ڇڏي ڏينداسون ۽ ڪم ڇڏ هڙتال ڪنداسين انڪري وفاقي حڪومت کي اسان ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته واپڊا جي نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسون وڌيڪ جيڪو اسان جا قائد حڪم ڪندا اسان ان سان گڏ هونداسون ۽ هر قسم جي قرباني ڏينداسين

ڪمشنر سکر پاران انور پراچه اسپتال جو اوچتو دورو

سکر (بيورو رپورٽ) ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي جو انور پراچه اسپتال سکر جو اوچتو دورو اسپتال جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سميت ٻين غير حاضر ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف تي سخت ناراضگي جو اظهار تفصيل موجب ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي انور پراچه اسپتال سکر جو اوچتو دورو ڪيو دوري دوران هن او پي ڊي سيڪشن جو جائزو ورتو ۽ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي حاضري معلوم ڪرڻ لاءِ مسٽرول چيڪ ڪيو ڪمشنر سکر انور پراچه اسپتال جي ڊيوٽي تان غير حاضر ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سميت ٻين ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف جي غير حاضري جو سخت نوٽيس ورتو ۽ کين "شو ڪاز" جاري ڪرڻ لاءِ موقعي تي لاڳاپيل اعلي آفيسرن سان رابطو ڪيو

ميهڙ: چار سال اڳ مبينه قتل ٿيل ارشاد وادو جي قتل جو راڄوڻي فيصلو ٿي رهيو آهي

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ 34 هون ساليانو والدين جو ڏينهن ملهايو ويو

ميجر جنرل شهريار قريشي کي شاندار گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

ڪيڊٽ ڪاليج ڪردار سازي ۾ مثالي اداري طور اڀريو آهي: جنرل شهريار قريشي

ڏوڪري (ن ع) ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ 34 هون ساليانو والدين جو ڏينهن ڪاميابي سان منعقد ڪيو ويو، جيڪو ڪاليج جي شاندار علمي روايتن ڪردار سازي ۽ جامع تربيت جو هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيو هن تقريب جا مهمان خاص ميجر جنرل شهريار قريشي جنرل آفيسر ڪمانڊنگ 16 ڊويزن ۽ چيئرمين بورڊ آف گورنرز جن هئا. ميجر جنرل شهريار قريشي جن کي برگيڊيئر غلام رضا، پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ برگيڊيئر عمر خان ڪمانڊر 34 برگيڊ پاران گرم جوشي سان آجيان ڪئي وئي سنڌس اچڻ تي مهمان خاص کي شاندار گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو جنهن کان پوءِ هن سائنسي نمائش جو دورو ڪيو جتي ڪيڊٽس پنهنجي تخليقي ۽ عملي صلاحيتن جي ذريعي تيار ڪيل منصوبا (پراجيڪٽ) پيش ڪيا. تقريب واري ميدان ۾ والدين معزز مهمان استادن ۽ ڪيڊٽس وڏي تعداد ۾ موجود هئا جن مهمان خاص جو پرجوش استقبال ڪيو ان موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ ميجر جنرل شهريار قريشي چيو ته ڪاليج جي اعليٰ معيارن جي تعريف ڪئي انتظاميا کي شاندار تقريب آرگنائيز ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون. هن لاڙڪاڻو جي بهادري قرباني ۽ همت واري تاريخ کي ساراهيندي قومي هيروز جهڙوڪ شهيد محترمه بينظير ڀٽو، ميجر مجاهد علي ميراڻي شهيد (ايس جي) ڪيپٽن حيدر عباس شهيد (ٽي بي ٽي) ۽ ميجر شاهد بشير شهيد (ٽي بي ٽي) کي ياد ڪيو. هن چيو ته گذريل 34 سالن ۾ ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو علم، تربيت، نظم و ضبط، قيادت ۽ ڪردار سازي ۾ هڪ مثالي اداري طور اڀريو آهي. هن ڪاليج جي جديد سهولتن جديد ليبارٽرين راندين جا ميدان ۽ بهترين تعليمي ماحول جي پڻ واکاڻ ڪئي ڪيڊٽس کي مخاطب ٿيندي هن چيو ته هتي حاصل ڪيل تعليم ۽ تربيت توهان کي هر شعبي ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ تيار ڪري ٿي. قيادت لاءِ بهادري عاجزي ۽ ذميواري ضروري آهي ۽ پاڪستان جو مستقبل توهان جهڙن اصولي ۽ ڏاهن نوجوانن تي ڀاڙيندو آهي. هن والدين جي ڀرپور اعتماد ۽ استادن جي محنت کي پڻ ساراهيو. تقريب جي اهم ڳالهه حيدر هائوس جو چيمپئن هائوس طور قرار ڏيڻ رهيو جن کي خاص چيمپئن پرچم عطا ڪيو جڏهن ته جناح هائوس رنر اپ جو اعزاز حاصل ڪيو. بيسٽ ڪيڊٽ آف دي ڪاليج جو لقب چيف ڪيڊٽ ڪيپٽن رمضان کي ڏنو ويو. مهمان ۽ والدين ڪراٽي ۽ جمناسٽڪ جا شوز ۽ آرٽ ۽ سائنس ڪلب جي شاندار ڊسپلي مان پڻ لطف اندوز ٿيا، جيڪي وڏي پذيرائي ماڻڻ جي لائق بڻجي ويا. ان موقعي تي تقريب جي شروعات ۾ ڪيڊٽ ڪاليج جو پرنسپال رٽائرڊ برگيڊيئر غلام رضا آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو. مهمان خاص ميجر جنرل شهريار قريشي بورڊ آف گورنرز والدين ۽ معزز مهمانن کي گرم جوشي سان ڀليڪار ڪيو ۽ ساليانو رپورٽ پيش ڪندي خطاب ڪندي ڪاليج جي علمي سرگرمين راندين نظم و ضبط ۽ گذريل سرگرمين تي مبني تربيت جي روايت کي برقرار رکڻ جو عزم ورجايو. تقريب جي اختتام تي انعامن ورهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ڪيڊٽس ۽ هائوسز کي ٽرافيون تمغا ۽ نقد انعام ڏنا ويا. ان کان پوءِ بورڊ آف گورنرز جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ اداري ۾ معيار وڌائڻ لاءِ اهم فيصلن کي منظور ڪيو ويو. آخر ۾ چيئرمين پرنسپال ۽ انتظاميا جي خدمتن کي ساراهيو ۽ 34 هون والدين جو ڏهاڙو ڪاميابي سان منعقد ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون

ڪوٽ غلام محمد: عورت آزادي سنڌ خوشحالي عنوان سان ثقافتي تقريب ملهائي پئي وڃي

ڪوٽ غلام محمد ۾ عورت آزادي سنڌ خوشحالي عنوان سان ثقافتي تقريب

سنڌي ڌنن ۽ روايتي گيتن تي استادن ۽ شاگردن گڏجي جهمريون هنيون

سنڌ جي تهذيب پنج هزار سال پراڻي، نرالي ۽ عالمي سڃاڻپ رکندڙ آهي: رفيق پرڳڙي

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) گورنمينٽ پرائمري اسڪول ديهه 290 اي ۾ عورت جي آزادي سنڌ جي خوشحالي جي عنوان سان رنگارنگ ثقافتي تقريب وڏي جوش جذبي ۽ شان سان منعقد ڪئي وئي تقريب جي ميزباني هيڊ ماسٽر رميش ڪي سينيئر استاد مراد قائمخاني غفار راجپوت ۽ اسڪول انتظاميه سرانجام ڏني پروگرام ۾ مهمان خاص طور معزز زميندار عمير پرڳڙي پيپلز پارٽي تعلقه صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي ۽ ٽي اي او پرائمري ميل عبدالرشيد خاصخيلي شرڪت ڪئي تقريب ۾ ثقافتي ونگ پاتل سنڌي ادبي سنگت شاخ ضلعي ميرپورخاص اڳواڻ غلام مرتضا ڪالرو پرنسيپل هاءِ اسڪول اسلم قائمخاني ڊاڪٽر الله ڏنو لغاري، ڊاڪٽر عبدالرزاق خاصخيلي رٽائرڊ سينيئر استاد چيتن ڪمار ميگهواڙ عارف ناز ۽ شاگردن والدين ۽ علائقي جي معززن وڏي انگ ۾ حاضري ڀري. شاگردن شاندار ٽيبلو تقريرون ۽ نظمون پيش ڪري محفل ۾ رونق ڀري شرڪت ڪندڙن کان ڀرپور داد ماڻيو هو جمالو سميت سنڌي ڌنن ۽ روايتي گيتن تي استادن ۽ شاگردن گڏجي جهمريون هنيون جنهن سان پوري محفل سنڌي رنگن ۾ رڱجي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي حاجي محمد رفيق پرڳڙي چيو ته سنڌ جي تهذيب پنج هزار سال پراڻي نرالي ۽ عالمي سڃاڻپ رکندڙ آهي سنڌ هميشه امن پيار ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي. جڏهن ته سنڌي مهمان نوازي دنيا ۾ الڳ مقام رکي ٿي

ڪمشنر سکر پاران ٻي لوڪ سهائتا ميراٿن جي تيارين بابت گڏجاڻي

عالمي معيار جي ميراٿن سکر ۽ خيرپور ۾ منعقد ٿيڻ اعزاز آهي: عابد سليم قريشي

آفيسر ميراٿن جي ڪامياب ۽ يادگار انعقاد لاءِ حتمي ۽ مربوط حڪمت عملي جوڙين

سکر (بيورو رپورٽ) 21 ڊسمبر تي سکر ۽ خيرپور وچ ۾ عالمي معيار جي ٻي لوڪ سهائتا ميراٿن-2025 جي تيارين بابت سکر ڊويزن جي ڪمشنر عابد سليم قريشي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ هڪ اهم گڏجاڻي منعقد ٿي. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر-ٻه سکر گل بيگ مجيداڻي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ايس ايس پي سکر اظهر مغل ڪمشنر سکر ميونسپل ڪارپوريشن پير واحد بخش لوڪ سهائتا ٽرسٽ جي ميراٿن آرگنائيزر آغا هارون وسيم احمد ۽ محمد ڪاشف ڊي ايڇ او سکر پرنسپل آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر پروفيسر علي گوهر چانگ، ڊپٽي ڊائريڪٽر پاڪستان بيت المال شبير ميمڻ ايڊيشنل ڊي ايڇ او خيرپور ڊي آءِ بي انچارج ريسڪيو 1122 سکر آءِ بي اي يونيورسٽي اروڙ ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي انتظامي آفيسرن ۽ سکر ۽ خيرپور ضلعن جي ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي کي خطاب ۾ ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي چيو ته عالمي معيار جي ميراٿن جو سکر ۽ خيرپور ۾ منعقد ٿيڻ اعزاز جي ڳالهه آهي. جڏهن ته هن ڀيري ٻين ملڪن کان رنرز جي شرڪت لوڪ سهائتا ميراٿن-2025ع کي گذريل سال جي ميراٿن کان منفرد بڻائي ٿي ڪمشنر سکر چيو ته ميراٿن منعقد ٿيڻ ۾ هينئر رڳو 10 ڏينهن باقي آهن. تنهنڪري سکر ۽ خيرپور ضلعن جي سمورن کاتن جا آفيسر پاڻ ۾ ڪوآرڊينيشن رکندي ميراٿن جي ڪامياب ۽ يادگار انعقاد لاءِ حتمي ۽ مربوط حڪمت عملي جوڙي وٺن جنهن تي سؤ سيڪڙو عمل ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڏيندي چيو ته ميراٿن جي سڄي روٽ جي مناسب صفائي، ٽريفڪ فري روٽ، سيڪيورٽي، رنرز لاءِ طعام ۽ قيام جي سهولت، ٽرانسپورٽ ۽ ميراٿن دوران ايمبولنسن ميڊيڪل اسٽاف ۽ ضروري دوائن جي فراهمي سميت ٻين گهربل سهولتن جو وقت سر جوڳو بندوبست ڪيو وڃي. ان موقعي تي لوڪ سهائتا ٽرسٽ جي ميراٿن آرگنائيزر آغا هارون گڏجاڻي کي ميراٿن ۽ روٽ بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته گذريل سال جي نسبت هن ڀيري مرد ۽ عورت ميراٿن رنرز جي روٽ ۾ تبديلي آندي وئي آهي. گڏجاڻي کي ٻڌايو ته مردن ۽ عورتن جي ميراٿن جو آغاز ۽ اختتام هڪ ئي هنڌ يعني آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر وٽ ٿيندو. آغا هارون موجب 21 ڊسمبر تي مردن جي 42.195 ڪلوميٽر جي عالمي معيار جي ميراٿن جو وقت 6 ڪلاڪن تي ٻڌل هوندو جنهن جو آغاز صبح 7 بجي آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر کان ٿيندو. رنرز اتان 21 ڪلوميٽر جو فاصلو طئي ڪندي شاهه حسين بائي پاس خيرپور (N-5) ويجهو وارث گئنيئر جي هنڌ تي پهچي ساڳي روٽ تان واپس موٽندا ۽ بقايا 21 ڪلوميٽرن جو فاصلو طئي ڪندي آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر وٽ ڊوڙ پوري ڪندا. هن ٻڌايو ته ساڳي ريت عورتن جي 10 ڪلوميٽرن جي فاصلي واري مني ميراٿن جو آغاز پڻ پبلڪ اسڪول سکر کان ٿيندو جنهن جي رنرز سينٽرل جيل سکر تائين 5 ڪلو ميٽرن جو فاصلو طئي ڪري، واپس ساڳئي روٽ تان ٻين 5 ڪلو ميٽر جو سفر پورو ڪري پبلڪ اسڪول سکر پهچنديون. جڏهن ته ميراٿن جي ڪين ڪيٽيگري ۾ صحافين لاءِ پبلڪ اسڪول کان گلوب چوڪ ۽ واپس گلوب چوڪ کان پبلڪ اسڪول تائين 3 ڪلو ميٽر جي مختصر ميراٿن پڻ منعقد ٿيندي. آغا هارون چيو ته آءِ بي اي پبلڪ اسڪول سکر ۾ منجهند جو 2 وڳي اختتامي تقريب منعقد ٿيندي. لوڪ سهائتا ميراٿن جي آرگنائيزرن گڏجاڻي کي ٻڌايو ته ميراٿن-2025ع ۾ پوري ملڪ مان 3000 کان وڌيڪ رنرز جي رجسٽريشن جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي. هنن موجب هن ڀيري ملڪي رنرز سان گڏ شام، يورپ، آفريڪا ۽ وچ اوڀر جي ملڪن جا ايٿليٽ پڻ ميراٿن ۾ حصو وٺڻ لاءِ سکر پهچي رهيا آهن. گڏجاڻي ۾ شريڪ عملدارن کان گذريل سال جي ميراٿن جي خامين کي نظر ۾ رکندي، هن سال جي ميراٿن جي وڌيڪ بهتري لاءِ تجويزون پڻ ورتيون ويون

يوسي گڏاپ جي ڳوٺ صفر ڪوسو ۾ جديد سولر سسٽم جو افتتاح

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن چيئرمين طارق عزيز بلوچ افتتاح ڪيو

واٽر سپلائي لائينن کي به ٽيڪنيڪي بنيادن تي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، وائس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽ ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر پاران صفر ڪوسو ڳوٺ يوسي گڏاپ ۾ واٽر سپلائي اسڪيم گڏوگڏ جديد سولر سسٽم جو باقاعدي افتتاح ڪيو ويو هي واٽر سپلائي اسڪيم خاص طور تي انهن ڏورانهن ۽ ڳوٺاڻي علائقن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي جتي ڪيترن ئي سالن کان سخت لوڊشيڊنگ سبب پاڻي جي فراهمي بُري طرح متاثر ٿي رهي هئي. منصوبي تحت پاڻي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ هاءِ ڪيپيسٽي سولر سسٽم نصب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته واٽر سپلائي لائينن کي به ٽيڪنيڪي بنيادن تي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي ته جيئن پاڻي جو پريشر هر وقت مناسب رهي. اپ گريڊ کان پوءِ هاڻي سمورن گهرن تائين هڪجهڙي ۽ بنا رڪاوٽ پاڻي جي ترسيل ممڪن ٿي سگهندي. افتتاح جي موقعي تي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (M&E) نور علي جمالي، اي اي اي وسيم آرائين، ڪائونسل ميمبر محمد رفيق جوکيو ۽ ڪائونسل ميمبر دانش برفت پڻ موجود هئا. چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته: "هي واٽر سپلائي اسڪيم هتي جي ماڻهن جي سڀ کان اهم ضرورت هئي. لوڊشيڊنگ سبب پاڻي جي سخت کوٽ پيدا ٿي ويندي هئي، هاڻي سولر سسٽم ذريعي پاڻي جي فراهمي بنا رڪاوٽ جاري رهندي. وائس چيئرمين جام محمد جوکيو چيو: "اسان جي پهرين ترجيح آهي ته گڏاپ جي هر ڳوٺ ۽ هر يونين ڪائونسل ۾ بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن. اهي منصوبو عوام لاءِ وڏي رليف جو سبب بڻجندو. ميونسپل ڪمشنر محمد نواز مهر چيو ته: "هي واٽر سپلائي اسڪيم جديد معيار مطابق مڪمل ڪئي وئي آهي. سولر سسٽم سبب سخت لوڊشيڊنگ جي باوجود به سڄي ڳوٺ کي مسلسل پاڻي ملندو رهندو. گڏاپ ٽائون جي رهواسين واسطي هي منصوبو ڪنهن نعمت کان گهٽ نه آهي. ماڻهن انتظاميا جو ٿورائتو ٿي اظهار تشڪر ڪندي چيو ته سندن سالن پراڻو مسئلو آخرڪار حل ٿي ويو آهي هاڻي هو پاڻي جي کوٽ کان نجات حاصل ڪري سگهندا. هن موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، پي ايس چيئرمين لعل جان نبي، پي ايس وائس چيئرمين جهانزيب جوکيو ۽ ٻيا معزز مهمان پڻ موجود هئا.

ڪراچي: ٽائون ميونسپل گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ٻيا سولر سسٽم جو افتتاح ڪندي

حيدرآباد مان ذهني بيمار ناري گهر ٻاهران پراسرار گم، احتجاج

22 ورهين جي ماهنور ڌي شڪيل پٽي گهر ٻاهران گم ٿي وئي

فيملي محدود آهي اسان جو ڪنهن سان به ڪو واسطو نه رهيو آهي: غزالا پٽي

ايس ايس پي نوٽيس وٺي ذهني معذور ڌي کي فوري طور هٿ ڪري ڏنو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد مان ذهني بيمار ناري گهر ٻاهران پراسرار گم، گهر ڀاتي پريشان، پوليس تحرڪ نه ورتو، احتجاج. حيدرآباد جي هٽڙي ٿاڻي جي حد صادق لوڻا واسي 22 ورهين جي ذهني بيمار ناري ماهنور ڌي منظور عرف شڪيل پٽي گهر ٻاهران پراسرار نموني گم ٿي وئي، ان سلسلي ۾ ناري جي ماءُ غزالا پٽي پنهنجي پٽڻ سوڌو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن چيو ته هو سومر ڏهاڙي هو پنهنجي ماسترين جي ڊيوٽي تي ويل هئي جڏهن ته گهر ۾ سنس 22 ورهين جي ڌي ماهنور ۽ پٽ سوڌو گهر ۾ ڪم ڪندڙ ماسي موجود هئا. ماسي موجب ماهنور ٻاڙي سري عورت جي گهران ڪپڙا کڻي اچڻ چيو جنهن تي ماسي ماهنور کي گهر ٻاهران ڇڏي واپس گهر موٽي ۽ ڪجهه دير گذرڻ باوجود ماهنور واپس نه آئي جڏهن سان گهر پهتس ته خبر پئي ته ماهنور کي ماسي گهر ٻاهران ڇڏي آئي هئي جنهن ڪانپوءِ ماهنور گهر نه موٽي آهي

چار سال اڳ مبينه قتل ٿيل ارشاد وادو جي قتل جو راڄوڻي فيصلو

وڏا ڌر جو قتل ٿيل نوجوان جو قتل جتوئي ڌر تي ثابت نٿو ٿئي: سردار اشرف سولنگي

نوجوان جتوئين جي اوطاق تي فوت ٿيو آهي ان ڪري چاليهه لک روپيه جرمانو رکان ٿو

ميهڙ (ن ع) چار سال اڳ مبينه قتل ٿيل ارشاد وادو جي قتل جو راڄوڻي فيصلو سابق ضلعي چيئرمين ضلع ڪائونسل دادو سردار محمد اشرف خان سولنگي جي سرپنچي ۾ سولنگي هائوس مريد لاکير تي ٿيو ڌرين جي ڳالهيون ٻڌڻ ۽ ڌرين جي آندل مشيرن سهيل احمد سومرو . مرتضا ڳوڙ در محمد وادو . مقبول سولنگي . منظور چانڊيو ۽ منظور منگڻ سان مشاورت ڪرڻ بعد فيصلي جي سرپنچ سردار اشرف خان سولنگي فتوا ڏيندي ٻڌايو ته ڌرين جي ماڻهن جو ڳالهين ۽ مشيرن جي مشاورت بعد مان اهو فيصلو ڏيان ٿو ته وڏا ڌر جو قتل ٿيل نوجوان جو قتل جتوئي ڌر تي ثابت نٿو ٿئي پر جڏهن ته وڏا ڌر جي نوجوان جتوئي ڌر جي اوطاق تي فوت ٿيو آهي ان ڪري ممتاز جتوئي ڌر تي چاليهه لک روپيه جرمانو رکان ٿو جنهن بعد ڌرين فيصلو قبول ڪيو ۽ ڌرين جي ويجهن ماڻهن پاڪ ڪتاب تي هٿ رکي ڀاڪر پائي ڀائر ٿي رهڻ جو واعدو ڪيو ياد رهي ته مبينا قتل ڪيس ۾ جتوئي ڌر جي علي گوهر جتوئي ٻن ڀائرن سميت عدالت طرفان ٻڌايل عمر قيد سزا جا 3سال جيل ڪاٽڻ بعد اپيل ۾ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو جوابدارن کي باعزت بري ڪري ڇڏيو هو ان باوجود به ڌرين ۾ ڪليش هلندڙ هو ڪنهن به وقت وڏو جهيڙو ٿي پي سگهيو فيصلي ۾ علائقي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

سکر، شڪارپور، گهوٽڪي ۽ ڪشمور ۾ هاڻي ڪو به نوگو ايريا ناهي رهيو: آءِ جي سنڌ

13 مهينن دوران انهن چار ئي ضلعن ۾ پوليس مقابلي دوران 198 ڌوهاري ماريا ويا آهن، 520 کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي: غلام نبي ميمڻ

سنگين ڪيسن ۾ گهربل 800 کان وڌيڪ ملزمان به گرفتار ڪيا ويا آهن هڪ هزار کان وڌيڪ اشتهاري ۽ روپوش جوابدار پڪڙيا ويا آهن

نوگو ايريا ۾ وڃي ڌوهارين کي چيلنج ڪيو وڃي، جيئن جيڪڏهن ڪو پيش ٿيڻ چاهي ٿو ته ان سان قانون مطابق ورتاءُ ڪيو وڃي

پوليس عوام جي تعاون کانسواءِ ڪامياب نٿي ٿي سگهي، اسان چاهيون ٿا ته پوليس ۽ عوام گڏجي ڪم ڪن جنهن سان وڌيڪ سڌارو ايندو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته سکر شڪارپور گهوٽڪي ۽ ڪشمور ۾ هاڻي ڪو به اهڙو نوگو ايريا باقي ناهي رهيو، جتي پوليس نه وڃي سگهي. هن ٻڌايو ته گذريل 13 مهينن دوران انهن چار ئي ضلعن ۾ پوليس مقابلي دوران 198 ڌوهاري ماريا ويا آهن، جڏهن ته 520 کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سنگين ڪيسن ۾ گهربل 800 کان وڌيڪ ملزمان به گرفتار ڪيا ويا آهن. اهڙو اظهار هن گذريل ڏينهن سکر جي هڪ مقامي اسپتال ۾ شڪارپور ۾ پوليس مقابلي دوران زخمي ٿيل پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي عيادت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. آءِ جي سنڌ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن خلاف مهم جاري آهي ۽ هاڻي تائين هڪ هزار کان وڌيڪ اهڙا جوابدار پڪڙيا وڃڻ ۾ ڪاميابي ملي آهي. هن چيو ته گذريل ٻن سالن کان پوليس جي اها ئي پاليسي رهي آهي ته نوگو ايريا ۾ وڃي ڌوهارين کي چيلنج ڪيو وڃي، جيئن جيڪڏهن ڪو پيش ٿيڻ چاهي ٿو ته ان سان قانون مطابق ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ جيڪو مقابلو ڪرڻ چاهي سو مقابلو ڪري ڏيکاري. هن چيو ته هن پاليسي سبب ڪاميابيون به مليون آهن ۽ ڪيترن ڌوهارين پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو آهي جنهن سان امن امان جي صورتحال بهتر ٿي آهي ۽ اميد آهي ته وڌيڪ ڌوهاري جلد پاڻ کي قانون حوالي ڪندا. آءِ جي سنڌ جو چوڻ هو ته پوليس عوام جي تعاون کانسواءِ ڪامياب نٿي ٿي سگهي. اسان چاهيون ٿا ته پوليس ۽ عوام گڏجي ڪم ڪن جنهن سان وڌيڪ سڌارو ايندو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته گذريل ڏينهن شڪارپور ۾ پوليس مقابلي دوران نو ڌوهاري ماريا ويا ۽ ٻه زخمي ٿيا، جڏهن ته اسان جا ٻه ڊي ايس پي ۽ ٻه اهلڪار زخمي ٿيا جن جي حالت هاڻي بهتر آهي ۽ ڊاڪٽرن جي صلاح مطابق انهن جو سکر ۾ علاج ٿي رهيو آهي. غلام نبي ميمڻ چيو ته پوليس ۾ جيڪو سٺو ڪم ڪندو ان کي انعام ضرور ملندو، اڳ به بهترين ڪارڪردگي تي آفيسرن کي انعام مليا آهن ۽ هاڻي به جيڪو چڱو ڪم ڪندو ان کي ريوارڊ ڏنو ويندو. هن ٻڌايو ته جديد هٿيارن جي خريداري لاءِ حڪومت جيڪا رقم ڏني هئي ان سان جديد هٿيار خريد ڪري پوليس حوالي ڪيا ويا آهن ۽ شڪارپور جي مقابلي ۾ اهو جديد هٿيار استعمال ٿيو جنهن جا نتيجا سڀني اڳيان آهن.

سکر: سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس غلام نبي ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي

حيدرآباد ۾ انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيم ۽ اقليتي فورم حيدرآباد انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي ڪيڪ ڪاٽيو. ويڙهان موقعي تي صوبيا پٽي، پوڪا امتياز، اشرف رضا ۽ ٻين چيو ته 10 ڊسمبر 1948 تي انساني حقن جي منشور جي منظوري ڏني وئي هئي

حيدرآباد ۾ واپڊا جي ادارن کي خانگائڻ خلاف سوين ملازمن پاران احتجاجي ريلي

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران ليبر هال گاڏي کاتي کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

ادارن کي خانگائڻ وارو فيصلو ملازم دشمن آهي، سڄي ملڪ جا ملازم رد ڪندي ان خلاف مسلسل سراپا احتجاج بڻيل آهن: لطيف نظاماڻي

وفاقي حڪومت قومي ادارن کي خانگائڻ واري ضد تي قائم آهي، واپڊا جي حيسڪو ۽ ٻين ادارن کي خانگائڻ خانگائڻ سان هزارين ملازم بيروزگار ٿي ويندا

اهڙي مزدور دشمن پاليسي خلاف سڄي ملڪ ۾ بجلي وارو نظام بند ڪرڻ سان گڏ ملڪي سطح تي آفيسن جي تالا بندي ڪري اسلام آباد ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران واپڊا جي ادارن کي خانگائڻ خلاف ڪالهه ليبر هال گاڏي کاتي کان پريس ڪلب تائين سوين ملازمن ريلي ڪڍي. ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ عبداللطيف نظاماڻي چيو ته وفاقي حڪومت طرفان واپڊا جي ادارن کي خانگائڻ وارو فيصلو ملازم دشمن آهي جنهن کي سنڌ سميت سڄي ملڪ جا ملازم رد ڪندي ان خلاف مسلسل سراپا احتجاج بڻيل آهن پر ان باوجود وفاقي حڪومت قومي ادارن کي خانگائڻ واري ضد تي قائم آهي. واپڊا جي حيسڪو ۽ ٻين ادارن کي خانگائڻ خانگائڻ سان هزارين ملازم بيروزگار ٿي ويندا. جنهن ڪري خانگائڻ واري عمل کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. لڳاتار ملازمن جي احتجاج باوجود ادارن کي خانگائڻ جي صورت ۾ ان خلاف سخت مزاحمت ڪئي ويندي. يونين اڳواڻ اهڙي مزدور دشمن پاليسي خلاف سڄي ملڪ ۾ بجلي وارو نظام بند ڪرڻ سان گڏ ملڪي سطح تي آفيسن جي تالا بندي ڪري اسلام آباد ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

منگهو پير ٽائون ۾ تبليغي اجتماع، مولانا عبدالوهاب جي انتظاميه سان ملاقات

چيئرمين منگهو پير ٽائون نواز علي بروهي، سينيئر آفيسرن بريفنگ پيش ڪئي

اجتماع جا انتظام پويان سالن جي ڀيٽ ۾ جامع، منظم ۽ نتيجا خيز هوندا: نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيئرمين منگهو پير ٽائون حاجي نواز علي بروهي، ڊي سي ڊسٽرڪٽ ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ، ميمبر صوبائي اسيمبلي علي احمد جان، صدر ڊسٽرڪٽ ويسٽ عابد حسين ستي، مونسپل ڪمشنر احمد يار، کي اليڪٽرڪ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ، سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ ۽ ٻين مختلف کاتن جي سينيئر آفيسرن سان گڏ مولانا عبدالوهاب سان هڪ اهم ملاقات ڪئي. هن ملاقات ۾ 2025 جي مرڪزي انتظامن سهولتن ۽ فيلڊ مينيجمينٽ بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. يو سي ون جي ڪائونسلر جاويد بروهي، ايس آءِ ذوالفقار شاهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڊمن ساگر خان AEE آفاق عالم ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي سميت ٻيا آفيسر به موجود هئا، جن پنهنجي پنهنجي ذميوارين بابت بريفنگ پيش ڪئي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي مولانا عبدالوهاب کي پوري خاطري ڪرائي ته هن سال اجتماع جا انتظام پويان سالن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ جامع منظم ۽ نتيجي خيز هوندا. هن چيو ته تبليغي اجتماع منگهو پير ٽائون لاءِ اعزاز جو باعث آهي ۽ ان جي برڪت سڄي علائقي ۾ محسوس ڪئي وڃي ٿي. تنهنڪري ٽائون انتظاميا مڪمل صلاحيت سان خدمتون فراهم ڪندي ڊي سي ويسٽ ذوالفقار علي ميمڻ ۽ ايم پي اي علي احمد جان به پورو تعاون ڏياريندي چيو ته اجتماع دوران ڪوبه ادارو پنهنجي ذميوارين کان پوئتي نه هٽندو. مولانا عبدالوهاب بجلي، پاڻي، صفائي، اسٽريٽ لائيٽن، ٽريفڪ مينيجمينٽ ۽ ٻين ضروري سهولتن بابت اهم نڪتا پيش ڪيا، جن تي چيئرمين فوراً لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته اهي سمورا معاملا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. چيئرمين کي اليڪٽرڪ جي آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته اجتماع جي سمورن ڏينهن دوران بجلي جي فراهمي بنا رڪاوٽ جاري رکجي. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ کي به هدايت ڪئي وئي ته پاڻي جي فراهمي 24 ڪلاڪ مناسب پريشر سان يقيني بڻائي وڃي. سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ کي روزانو صفائي لاءِ اضافي مشينري ۽ عملي سان ڪم جاري رکڻ جي هدايت ڏني وئي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي سڀني آفيسرن کي واضح حڪم ڏنو ته اهي پنهنجي فيلڊ ٽيم سان گڏ فوري عملي قدم کڻن ۽ انتظامن جي سڌي نگراني ڪن. هن چيو ته ڪو به آفيسر فقط آفيس تائين محدود نه رهندو پر هر ادارو فيلڊ ۾ رهي پنهنجون ذميواريون نڀائيندو. هن وڌيڪ چيو ته اجتماع دوران ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. منگهو پير ٽائون انتظاميا، ضلعي آفيسر ۽ سنڌ حڪومت جا لاڳاپيل ادارا هن سال جي اجتماع کي مثالي ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ مڪمل هم آهنگي سان ڪم ڪري رهيا آهن

ڪراچي: منگهو پير ٽائون چيئرمين نواز علي بروهي تبليغي اجتماع مولانا عبدالوهاب جي انتظاميه سان ملاقات وقت ورتل فوٽو

مسو ڀرڳڙي لڳ الهڏنو ساند ۾ نوجوان کي ريل جو ٽڪر، خودڪشي جا چوٻول

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي لڳ الهڏنو ساند ۾ نوجوان کي ريل جو ٽڪر خودڪشي جا چوٻول تفصيل موجب مسو ڀرڳڙي لڳ الهڏنو ساند ريلوي ٽريڪ تي پشاور کان ڪراچي ويندڙ خيبر ميل جو نوجوان کي زوردار ٽڪر نتيجي ۾ الهڏنو ساند جو 19 سالن نوجوان عمران ولد سوڍو خاصخيلي فوت ٿي ويو حادثي واري هنڌ ريلوي پوليس ۽ شاهپور ڏيرو پوليس پهچي مڙهه قانوني ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو جڏهن ته ڪجهه ذريعن کان نوجوان پاران گهرو اڻبڻت تان خودڪشي جا چوٻول پڻ آهن

مسو ڀرڳڙي: ريل گاڏي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جي حياتي جي تصوير

ٽنڊوڄام واسي ڪار مالڪ ٽئي چالان جمع ڪرائڻ لاءِ پريشان

حيدرآباد (رپورٽ اعجاز لغاري) ٽنڊوڄام واسي ڪار مالڪ ٽئي چالان جمع ڪرائڻ لاءِ پريشان، حيدرآباد ۾ احتجاج. ٽنڊو ڄام واسي ڪار مالڪ ذوهيب منگي ٽئي چالان جمع نه ٿيڻ تي حيدرآباد ۾ احتجاج ڪيو. هن چيو ته مون وٽ مهراڻ ڪار آهي جنهن تي ٽنڊوڄام ٽال پلازه تي 10 هزار رپين جو چالان ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٽنڊوڄام سوڌو حيدرآباد ۾ ٽئي چالان ڪٽڻ به جمع نٿو ڪيو وڃي، جنهن سبب پنهنجي گهرياتين لاءِ پنهنجي ڪم تي نٿو وڃي سگهان. هن ٻڌايو ته ايس ايس پي حيدرآباد ۽ آٽوبان تي واقع پوليس سينٽر تي ڌڪا کائڻ باوجود ڪير به رهنمائي نٿو ڪري. هن چيو ته چالان جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 14 ڊسمبر آهي آخري تاريخ گذرڻ تي چالان واري رقم ڊبل ٿي ويندي. هن سنڌ جي وڏي وزير ۽ سنڌ جي گهرو کاتي واري وزير کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽس وٺي حيدرآباد ۾ ٽئي چالان جمع ڪرائڻ جي سهولت مهيا ڪئي وڃي يا هر ٽال پلازه تي ٽئي چالان جمع ڪرائڻ جي سهولت مهيا ڪئي وڃي جيئن شهري وڌيڪ تڪليف کان بچي سگهن

حيدرآباد سول اسپتال ۾ شڪايتي ۽ سهولت مرڪز قائم ڪيو آهي: ايم ايس

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشورو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي چيو آهي ته اسپتال ۾ ايندڙ مريضن ۽ سندن تيماردارن جي شڪايتن جي فوري ازالي سهولت لاءِ اي ايم ايس جي نگراني هيٺ سينيئر ڊاڪٽرن تي ٻڌل هڪ شڪايتي ۽ سهولت مرڪز اسپتال جي مرڪزي دروازي وٽ قائم ڪيو ويو آهي جتي مريضن ۽ سندن تيماردارن جي علاج ۽ معالج بابت ڪنهن به قسم جي شڪايت جو ترت ازالو ڪيو ويندو هن چيو ته اسپتال ۾ مريضن کي علاج معالج ۽ خوراڪ صحت جي عالمي اداري (WHO) جي اصولن مطابق تڏهن ئي مهيا ڪري سگهبي جڏهن پروفيسر ڊاڪٽر نرسون ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف گڏجي محنت، لگن ۽ ذميواري سان پنهنجا فرض انجام ڏيندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊاڪٽرن نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي ايسوسيئيشنن جي عهديدارن سان ملاقات دوران ڪيو. ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي وڌيڪ چيو ته اسان جي هر ممڪن ڪوشش هئڻ گهرجي ته مريض جلد صحتياب ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃن ۽ جتي به ايم آر آءِ سي ٽي اسڪين يا ٻين مشينن ۾ ڪا به خرابي هجي، اهو اسان جو فرض آهي ته فوري طور تي ان جي مرمت ڪرائي کين قابل استعمال بڻايو وڃي. هن پنهنجي گفتگو ۾ ٻڌايو ته شعبه حادثات ۽ ايمرجنسي (لال بتي) کي اپگريڊ ڪيو ويو آهي.

مسو ڀرڳڙي جي سرڪاري اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ، مريض پريشان

شاهوڪار ضلعي حيدرآباد جا ماڻهو دوائن کان به محروم بڻيل

نوٽيس وٺي، بي ايڇ يو کي دوائون ميسر ڪرائي ڏيڻ جو مطالبو

مسو ڀرڳڙي (ن ع) بي ايڇ يو مسو ڀرڳڙي ۾ هڪ هفتي کان دوائن جي سخت کوٽ سبب مريضن کي خالي هٿ موٽايو وڃي پيو جنهن تي علائقي واسين شديد احتجاج ڪيو آهي. اسپتال انتظاميا مطابق سرڪاري فراهمي نه ملڻ ڪري نه رڳو ايمرجنسي دوائون پر عام استعمال جون ٽڪيون ۽ سيرپ به موجود نه آهن جنهن ڪري روزانو ايندڙ مريض علاج کان محروم ٿي واپس وڃڻ تي مجبور آهن رهواسين چيو آهي ته تيل ۽ گيس جي دولت سان مالا مال ضلعي حيدرآباد جا ماڻهو بنيادي صحت جي سهولتن کان به محروم آهن جيڪو ادارن جي نااهلي جو واضح ثبوت آهي سندن چوڻ هو ته اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود آهن پر دوائن جي کوٽ سبب علاج ناممڪن بڻجي ويو آهي احتجاج ڪندڙن ڊي ايڇ او حيدرآباد، ڊي سي حيدرآباد ۽ صحت کاتي جي وس وارن اختيارين کان تمام گهري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي سندن زور آهي ته بي ايڇ يو مسو ڀرڳڙي کي فوري بنيادن تي دوائون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن غريب ۽ دور دراز علائقن جا مريض مناسب علاج حاصل ڪري سگهن

مسو ڀرڳڙي: بي ايڇ يو اسپتال جنهن ۾ سهولتن جي سخت کوٽ آهي

اتحاد ۽ ٻڌي موجوده دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي: لالا اسد پٺاڻ

پي ايف يو جي جدوجهد پاڪستان جي صحافتي تاريخ جو روشن باب آهي

اسان جي جدوجهد جو مقصد رڳو صحافي نه، پر صحافت جو وجود بچائڻ آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ چيو آهي ته صحافين جا مسئلا دراصل قومي مسئلا آهن جڏهن ته اتحاد ۽ ٻڌي موجوده دور جي سڀ کان وڏي ضرورت آهي پي ايف يو جي جدوجهد پاڪستان جي صحافتي تاريخ جو روشن باب آهي، جيڪا اڄ به ملڪ جي هر حصي ۾ صحافين جي حقن اظهار راءِ جي آزادي ۽ تحفظ لاءِ مڪمل قوت سان جاري آهي. اسان جي جدوجهد جو مقصد رڳو صحافي نه، پر صحافت جو وجود بچائڻ آهي. سڄو پاڪستان هڪ جهڙو ٻانهو آهي - جتي به ڪنهن هڪ صحافي تي حملو ٿئي ٿو اهو سڄي ملڪ جي صحافت تي حملو سمجهيو وڃي ٿو ان سلسلي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ) جي مرڪزي سيڪريٽري فنانس ۽ ناميارڙي صحافتي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ سکر پريس ڪلب ۾ روهڙي جي صحافين جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهائيندي لالا اسد پٺاڻ ملڪ جي صحافتي صورتحال خطري واري ماحول صحافين جي ڪردار ۽ PFUJ جي تاريخي جدوجهد تي روشني وجهندي چيو ته PFUJ جي ڪوشش سان هميشه صحافين جي آوازن کي تقويت ملي آهي. هن چيو ته اظهار راءِ جي آزادي، صحافين جا حق ۽ سندن تحفظ PFUJ جا اهم ترين مؤقف رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ جي وڏن ۽ ننڍن شهرن خاص طور اندرون سنڌ، بلوچستان ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ صحافي انتهائي ڏکين حالتن دٻاءُ ڌمڪين تشدد، ڪوڙن ڪيسن ۽ حياتي تي حملا ٿيڻ جهڙين صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلوڙ پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 11 ڊسمبر 2025ع

ڏوهارين خلاف آپريشن ۽ سماجي تحفظ جو احساس!

شڪارپور جي منجهر شاه واري علائقي ۾ پوليس پاران ڪيل گرينڊ آپريشن هڪ اهم قدم آهي، جيڪو ڏوهارين ۽ منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف قومي ۽ سماجي قانوني حڪمرانيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ کنيو ويو آهي. رپورٽن مطابق، آپريشن دوران ڏوهارين اوچتو پوليس تي فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ ڊي ايس پي سٽي پارس بڪراڻي، سندس مڙس ڊي ايس پي ظهور سومرو ۽ 3 ٻيا اهلڪار زخمي ٿي پيا. جڏهن ته پوليس دعويٰ ڪري ٿي ته مقابلي دوران 10 ڏوهاري مارجي ويا ۽ 4 زخمي اسپتال منتقل ڪيا ويا. اهو واقعو صرف هڪ قانوني ڪارروائي ناهي، پر اهو سماجي تحفظ، قانون جي حڪمراني ۽ ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ امن قائم رکڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. منجهر شاه علائقو گهڻي عرصي کان ڏوهارين ۽ منشيات جي واپارين جو مرڪز بڻيل هو جنهن جي ڪري علائقي جا رهواسي، خاص ڪري شريف ۽ محنتي ماڻهو سخت تڪليف ۾ هئا. ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ مطابق، مارجي ويل ڏوهارين سان شهر جي واپاري ۽ عام ماڻهن کي سخت تنگي ۽ خوف مان گذرڻو ٿي پيو جنهن سبب پوليس آپريشن هڪ ضرورت بڻجي وئي هئي.

ڊي ايس پي پارس بڪراڻي ۽ ڊي ايس پي ظهور سومرو جي بهادري ۽ پيشه ورانه ڪردار، جنهن دوران اهي زخمي ٿي ويا، مثال بڻجڻ جوڳو آهي. انهن جي قرباني ۽ همت، قانون جي حڪمرانيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ روشن پيغام آهي ته پوليس پنهنجي فرضن جي ادائگيءَ ۾ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي. آپريشن دوران جوابدارن جا ڪيترائي گهر ڊاهي پٽ ڪيا ويا. جيڪو ڏوهارين جي خلاف سخت قدم طور ڏٺو وڃي ٿو ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ جي مطابق، مارجي ويل ڏوهارين وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار هٿ ڪيا ويا ۽ ثبوت مليا آهن ته اهي شهر جا ڏوهاري ڪچي جي ڏوهارين سان سڌو رابطو رکن ٿا. مارجي ويل ڏوهارين تي مختلف پوليس ٿاڻن ۾ ڪيس داخل هئا، جنهن جي باوجود اهي پنهنجي ڏوهي سرگرمين کي جاري رکڻ ۾ ڪامياب هئا. پر پوليس جي سخت قدم ۽ منصوبابندي انهن جي خلاف ڪارروائي لاءِ ڪافي ثابت ٿي. اهو واقعو هڪ ڀيرو ٻيهر سماج کي اهو ياد ڏياري ٿو ته ڏوهي سرگرميون نه صرف قانوني مسئلو آهن پر سماجي ۽ معاشرتي نقصان جو سبب پڻ بڻجن ٿيون. اهڙن علائقن ۾ منشيات ۽ غيرقانوني هٿيارن جو وڪرو نوجوان نسل لاءِ خطرناڪ مثال بڻجي ٿو ۽ انهن کي غلط رستن تي هلايو وڃي ٿو. پوليس جو اهڙو آپريشن نوجوانن کي صحيح رستو اختيار ڪرڻ جي لاءِ هڪ مضبوط پيغام آهي ته قانون هميشه برابري ۽ انصاف لاءِ موجود آهي. ٻئي طرف، اهڙي آپريشن جا سماجي اثر پڻ اهم آهن. جڏهن پوليس سخت قدم کڻي ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪري ٿي ته اهو علائقي جي شريف ماڻهن ۾ تحفظ جو احساس پيدا ڪري ٿو. شهر جا رهواسي هاڻي پنهنجي زندگي وڌيڪ محفوظ محسوس ڪندا ۽ اهو سماجي اعتماد بحال ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ان سان گڏ اهڙي ڪارروائي عام ماڻهن ۾ قانون جي حڪمراني ۽ پوليس تي اعتماد وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. شڪارپور ۾ پوليس جو هي گرينڊ آپريشن صرف هڪ قانوني قدم ناهي، پر اهو سماجي نظم ۽ تحفظ جي لاءِ هڪ روشن مثال آهي. اهڙا قدم نه صرف ڏوهارين کي منهن ڏيڻ لاءِ اهم آهن پر سماج ۾ قانون جي حڪمراني، امن ۽ تحفظ کي برقرار رکڻ لاءِ پڻ اهم آهن. شهر جا رهواسي، خاص ڪري شريف ماڻهو اهڙي ڪارروائيءَ کي قانون جي طاقت ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ هڪ مثبت قدم طور ڏسندا. جنهن سان مستقبل ۾ اهڙن علائقن ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. جڏهن ته اِن ڳالهه جو پڻ خاص خيال رکڻ جي ضرورت آهي ته آپريشن دوران بيگناهه يا معصوم ماڻهن کي نشانو نه بڻايو وڃي، ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن سُڪن سان گڏ ساوا به سڙي ويندا آهن. تنهن ڪري اِن معاملي ۾ وڌيڪ احتياط جي ضرورت آهي ته جيئن آپريشن جا گهربل نتيجا مڪمل طور حاصل ڪري سگهجن. ٻيو ته آپريشن کي فقط ڏوهارين تائين محدود نه رکيو وڃي. بلڪ اُنهن ڏوهارين مٿان جن طاقتور ڌرين جو هٿ آهي، اُنهن کي پڻ واڪو ڪري قانوني ڪٽهڙي تائين پهچايو وڃي ته جيئن اُتي مستقل امن قائم ٿي سگهي.

وڌندڙ آبادي، بيروزگاري ۽ مهانگائي!



مجيد اصغر

پاڪستان جي معيشت جا سرڪاري انگ اکر ڏيکارين ٿا ته ملڪ هاڻي ڏکئي اقتصادي بحران کان بچي بحاليءَ جي رستي تي هلندڙ آهي. معيشت جا اهم اشارا روشن مستقبل جو پيغام ڏئي رهيا آهن. ملڪ ۾ اندروني ۽ بيروني سيڙپڪاري وڌي رهي آهي، زرعي ۽ صنعتي پيداوار ۾ به واڌ ٿي رهي آهي، جنهن سان روزگار جا موقعا وڌندا ۽ قوم خوشحال ٿيندي. پر ڪجهه تلخ حقيقتون اهڙيون آهن، جن کان نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

انهن ۾ سڀ کان اهم ملڪي آباديءَ ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ واڌارو آهي. ان جي نتيجي ۾ بيروزگاري ۽ مهانگائي هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌندي پئي وڃي. عام ماڻهو اڳ ئي ناموافق حالتن ۾ مبتلا آهي ۽ مستقبل ۾ صورتحال ايتري خراب ٿي سگهي ٿي جو برداشت ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو. هن وقت پاڪستان جي آبادي 24 ڪروڙ 10 لک کان وڌيڪ آهي. آباديءَ جي لحاظ کان پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي ۽ آبادي واڌ جي شرح ايشيا ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. اندازو لڳايو ويو آهي ته ايندڙ 15 سالن ۾ ڪمپنين ۽ ادارن لاءِ هڪ ڪروڙ 4 لک نوان روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جي ضرورت پوندي. جيڪي ملڪ جي متوازن ۽ پائيدار ترقيءَ لاءِ ضروري آهن. پر وڌندڙ آبادي انهن موقعن کي ختم ڪري رهي آهي. جنهن جو مطلب اهو آهي ته نوجوانن تي مشتمل ملڪ جي 64 سيڪڙو آباديءَ کي روزگار نه ملندو. اهو مسئلو نه صرف روزگار حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿو پر ملڪ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ پڻ وڏو چيلنج بڻيل آهي. منصوبابنديءَ واري وفاقي وزير اڳ ئي خبردار ڪيو آهي ته 2050ع تائين پاڪستان جي آبادي 37 ڪروڙ تائين پهچي ويندي، جنهن جو مطلب هر سال 40 کان 50 لک نون ماڻهن جو اضافو ٿيندو.

1990ع تائين پاڪستان ضبط ولادت ۽ في ڪپ آمدنيءَ جي لحاظ سان ملڪن کان اڳتي هو پر هاڻي پوئتي ٿي ويو آهي. پاليسي سازن ۽ اقتصادي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن آبادي اهڙي رفتار سان وڌندي رهي ۽ وسيلن جي لحاظ کان ان کي متوازن نه رکيو ويو ته ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ حڪومت جون ڪوششون بيڪار ٿينديون. آباديءَ ۾ غير متناسب اضافو زندگيءَ جي هر شعبي تي اثر انداز ٿيندو. جنهن ۾ صنعت، زراعت، تعليم ۽ ٻين شعبن جو پڻ ذڪر شامل آهي. هاڻي به 2.5 ڪروڙ ٻار اسڪولن ۾ داخلا نٿا وٺي سگهن ۽ ايندڙ سالن ۾ انهن جي انگ اکر ۾ واڌ ٿيندي. معاشي ماهر ٿامس مالٿس چيو هو ته جڏهن آبادي ضرورت کان وڌيڪ وڌي وڃي ٿي ته قدرت انسانيت لاءِ زلزلا، ٻوڏون ۽ ٻين قدرتي آفتن جي صورت ۾ موت جو سامان پيدا ڪري ٿي، جنهن مان لکين ماڻهو متاثر ٿين ٿا. اهو سلسلو ازل کان هلندو آيو آهي ۽ ابد تائين جاري رهندو. تنهنڪري ماڻهن کي پاڻ آباديءَ تي ڪنٽرول رکڻ گهرجي. وفاقي حڪومت اڳ ۾ ئي خانداني منصوبابنديءَ وارو ڪاتو قائم ڪيو پر مذهبي بنيادن تي هلندڙ معاشري ۾ ان جو پيغام اڻپورو رهيو. ان سان گڏ اها حقيقت به سامهون آئي آهي ته پاڪستان ۾ هر 50 منٽن ۾ هڪ عورت زچگيءَ جي پيچيدگين سبب وفات ڪري ٿي. پاليسي سازن کي غور ڪرڻو پوندو ته آباديءَ جي دٻاءَ کي صحت، خوراڪ، پاڻيءَ جي کوٽ، روزگار ۽ مهانگائيءَ تي ڪيئن قابو پائي سگهجي. ان حوالي سان چين جي تجربي مان به سبق وٺڻ گهرجي، جتي ڪيترن ئي سالن کان ٻار پيدا ڪرڻ جي شرح کي هڪ ٻار تائين محدود ڪيو ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته نوجوانن جي کوٽ پيدا ٿي وئي، جيڪي معيشت ۾ 'ريڙهه جي هڏيءَ' جي حيثيت رکن ٿا. هاڻي وري ٻن ٻارن جي اجازت ڏني وئي آهي. فطرت جا پنهنجا اصول آهن ته ٻار پيدا ڪرڻ جي شرح نه ايتري گهٽ هجي جو ترقياتي سرگرميون بيهجي وڃن ۽ نه ايتري وڌي وڃي جو ترقي ۽ خوشحاليءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي. حڪومت کي پنهنجي مخصوص معاشرتي حالتن ۽ ترقياتي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هڪ قابل عمل ۽ فطري تقاضائن سان هم آهنگ پاليسي تيار ڪرڻي پوندي. جنهن سان نه صرف بيروزگاري وڌندي پر مهانگائي به اعتدال ۾ رهندي. زميني حقيقتن کي ڏسڻو پوندو ته حڪومت جي ڪوششن ۽ دعوائن جي باوجود مهانگائيءَ ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي. نومبر 2025ع ۾ مهانگائيءَ جي شرح 6.1 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. جنهن سان روزمره جي استعمال وارين جي شين جون اگهه وڌڻ ڪري عام ماڻهو سڀ کان وڌيڪ پريشان آهي.

يونيورسٽي سروي مطابق بيروزگاريءَ جي شرح 22.5 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. هر عمر ۽ صنف ۾ بيروزگار وڌي رهيا آهن. خاص طور تي 15 کان 29 سالن جي نوجوانن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو آهي. هڪ ڏکيو مسئلو اهو آهي ته 10 لک نوجوان ڊگريون حاصل ڪري هٿ ۾ رکندا آهن پر انهن کي روزگار ناهي ملندو. جيڪي روزگار تي لڳل هوندا آهن، انهن جي آمدني چار سال اڳ جي مقابلي ۾ گهٽجي وئي آهي. رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي انهن جي مسئلن کي وڌيڪ وڌايو آهي. ڳوٺائي آبادي زرعي پيداوار تي ڀاڙڻ کي ڇڏي ڪري مزدوريءَ لاءِ شهرن ڏانهن رخ ڪري رهي آهي، جنهن سبب زرعي پيداوار گهٽجي رهي آهي ۽ شهرن تي دٻاءُ وڌي رهيو آهي. پاليسي سازن کي آباديءَ جي واڌ، روزگار ۽ مهانگائيءَ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن ملڪ جي معيشت مستحڪم ۽ پائيدار بنيادن تي قائم رهي، غريب ايترو غريب نه رهي جو ٻن وقتن جي ماني به کيس نه ملي ۽ امير ايترو امير نه ٿئي جو ملڪي نظام ۾ ٽيڪس به ادا نه ڪري.

ٽرمپ جو پاڪستان ڏانهن جهڪاءُ، آخر ڇو؟

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

امريڪي جريدي فارن پاليسي جي نئين رپورٽ منهنجي نظر مان گذري آهي، جنهن ۾ کليل لفظن ۾ اهو مڃيو ويو آهي ته پاڪستان غير معمولي سفارتي ڪوششن جي ڪري هاڻي واشنگٽن ۾ هڪ تمام مضبوط ۽ نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. رپورٽ موجب، ٽرمپ جا پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير سان لاڳاپا تاريخي سطح تي انتهائي خوشگوار ٿي ويا آهن. ٽرمپ انتظاميه جي دور ۾ ڪيترائي عالمي نوعيت جا حيران ڪندڙ فيصلا سامهون آيا، پر انهن سڀني ۾ سڀ کان وڌيڪ نمايان ڳالهه پاڪستان ڏانهن ٽرمپ جو صاف ۽ کليل لاڙو هو، جيڪو ٻين ملڪن جي مقابلي ۾ خاص طور تي وڌيڪ نظر اچي رهيو آهي. فارن پاليسي جي مطابق، اسلام آباد جي ڪامياب سفارتي ڪوشش سبب پاڪستان ۽ آمريڪا جا تعلقات هاڻي نئين بلندين تي پهچي ويا آهن. صدر ٽرمپ خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ لاءِ پاڪستان کي پنهنجي وچ اوڀر واري حڪمت عملي جو اهم ستون قرار ڏنو. صدر ٽرمپ پاڪستان جي مؤثر سفارتڪاري کي ڪيترائي ڀيرا ساراهيو، خاص طور تي جڏهن پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ تڪرار وڌيو ۽ جنگ بندي ۾ پاڪستان جو ڪردار کليل طور تي تسليم ڪيو. رپورٽ موجب، پاڪستان ڪابل حملي جي ماسٽر مائينڊ جي گرفتاري ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪندي صدر ٽرمپ جو مڪمل اعتماد حاصل ڪيو. آمريڪي جريدي فارن پاليسي ٽرمپ انتظاميه جو پاڪستان سان ڪرپٽو، توانائي، دهشتگردي خلاف ۽ معدنيات جي شعبن ۾ تيزي سان وڌندڙ تعاون جو به ذڪر ڪيو. تازو ئي هڪ ٻئي آمريڪي جريدي 'وال اسٽريٽ جنرل' پڻ رپورٽ جاري ڪئي، جنهن جو عنوان آهي: 'ٽرمپ اسٽرينج لو افيئر ود پاڪستان' جيڪو حيران ڪندڙ آهي. رپورٽ ۾ ٽرمپ انتظاميه پاران پاڪستان سان ٻه طرفه تعلقات جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو ۽ حيرت جو اظهار ڪيو ويو ته هڪ وقت هو جڏهن ٽرمپ پاڪستاني قيادت لاءِ منفي رويو رکندو هو، پر هاڻي عجيب طور تي ٽرمپ جي لهجي ۾ پاڪستان لاءِ واضح نرمي، شفقت ۽ تعريف شامل ٿي وئي آهي. رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن ٽرمپ جو موڊ بدلجي وڃي يا آمريڪا جون ترجيحات ٻيهر تبديل ٿين ته هيءَ موجوده گرمجوشيءَ تي ٻڌل عجيب محبت جلدي ئي ڪمزور ٿي سگهي ٿي. مون کي اهو خيال آهي ته عالمي سياست ۾ ڪجهه تبديليون اوچتو ۽ غيرمتوقع طور ظاهر ٿين ٿيون ۽ انهن کي سمجهڻ لاءِ رڳو موجوده حالتن جو جائزو ڪافي ناهي، پر تاريخي حقيقتون، پس منظر ۽ عالمي مفادن جون پيچيدگيون به سمجهڻيون پون ٿيون. آمريڪي ميڊيا جي تازين رپورٽن مون کي اٺ سال اڳ، جنوري 2018ع ۾ لکيل پنهنجو ڪالم ياد ڏياري ڇڏيو، جڏهن مون آمريڪا جي پاڪستان مخالف بيانن تي افسوس جو اظهار ڪيو هو. ان وقت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نئين سال جي ڀرئين ٽوئيٽ پاڪستان مخالف ڪئي هئي، جنهن ملڪ جي سياست ۾ گهرو ڀونچال پيدا ڪيو. مون ان وقت اهو موقف اختيار ڪيو هو ته ڪامياب رياست جي پرڏيهي پاليسي جو مقصد پنهنجي عوام کي جنگ جي تباهين کان بچائڻ ۽ ترقي ۽ خوشحالي لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪرڻ هئڻ گهرجي. مون مختلف موقعن تي چيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪي صدر پاڪستان مخالف لابين کي ٻڌڻ کان پاسو ڪري ۽ پاڪستان کي بنا ڪنهن تعصب جي ڏسي ته عالمي برادري ۾ اُن لاءِ پاڪستان کان وڌيڪ ويجهو دوست ملڪ ڪير به نظر نه ايندو. جيڪو شروع کان ئي اصولن تي بيٺل رهي ڪري آمريڪا سان ويجها تعلقات قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي. مون کي خوشي آهي ته وقت منهنجي ڳالهه کي حرف بحرف سچ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي. اڄ ٽرمپ جي ٻي صدارت جي مُدت ۾ پاڪستان سان تعلقات ۾ ايندڙ غير معمولي گرمجوشي عالمي ميڊيا کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي ٽرمپ، جيڪو ڪجهه سال اڳ پاڪستان تي سخت تنقيد ڪندو هو، امداد روڪيندو هو ۽ ڌوڪي ۽ بي ايماني جا الزام به لڳائيندو هو، پر اڄ هُو پاڪستان جي موجوده قيادت سان نه صرف لڳاتار ملاقاتون ڪري رهيو آهي، پر پنهنجي عوامي بيانن ۾ پڻ پاڪستان بابت مثبت جذبات جو اظهار ڪري رهيو آهي. منهنجي نظر ۾، ٽرمپ جو عوامي سطح تي 'آئي لو پاڪستان' چوڻ اصل ۾ پاڪستان جي وڏي سفارتي ڪاميابي آهي، جنهن جو سڌو ڪريڊٽ موجوده سياسي ۽ عسڪري قيادت کي وڃي ٿو، خاص طور تي وزيراعظم شهباز شريف، پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير کي. عالمي ميڊيا هن سوال جو جواب ڳولڻ ۾ مصروف آهي ته آمريڪي صدر جي رويي ۾ هيءَ حيران ڪندڙ تبديلي ڪيئن آئي ۽ ان جو مستقبل ڇا هوندو؟ ان جو سادو جواب اهو آهي ته ٽرمپ روايتي سفارتي طريقن تي ڀروسو نٿو ڪري. بزنس مين هجڻ جي ناتي هُو هميشه ڪاروباري سطح تي ٻنهي طرفن جي لاڀ ۽ ڊيل ميڪنگ تي يقين رکندو آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته هو وائيٽ هائوس ۾ جنگين کي روڪڻ لاءِ آيو آهي. گذريل سالن ۾ جڏهن پاڪستان تي جنگ لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته پاڪستان جي ذميوار ۽ امن پسند ڪردار هن کي انتهائي متاثر ڪيو. ساڳئي وقت، پاڪستان به ٽرمپ جي اڳوڻي دور کان سبق سکندي پاڪ-امريڪا سفارتي حڪمت عملي ٻيهر ترتيب ڏني. پاڪستان جي سياسي حڪومت ۽ عسڪري قيادت هڪ صفحي تي رهي، ٽرمپ کي اهڙا رستا ڏيکاريا جيڪي هن لاءِ مفيد لڳا. فيلڊ مارشل عاصم منير کي وائيٽ هائوس ۾ سڏڻ، غزه ڪانفرنس ۾ مسلم ملڪن جي پرچمن ۾ پاڪستان جو پرچم اهم جاءِ تي رکڻ ۽ شرم الشيخ ۾ عالمي ليڊرن جي سامهون وزيراعظم شهباز شريف کي خطاب جو موقعو ڏيڻ، اِهي سڀ عام واقعا نه آهن. ٽرمپ جو بار بار پاڪستان-ڀارت تڪرار جو ذڪر ڪرڻ اهو ظاهر ڪري ٿو ته هو افواج پاڪستان جي بهادري، دليري ۽ شجاعت کي دل سان مڃي چڪو آهي. هو ماضيءَ جي غلط فهمين کي وساري، پاڪستان کي هڪ اهڙي قدرتي اتحادي جي حيثيت سان ڏسي ٿو جيڪو خطي ۾ طاقت جو توازن قائم ڪري امن پيدا ڪري سگهي ٿو. پر منهنجي نظر ۾، ٽرمپ جو پاڪستان ڏانهن جهڪاءُ اسان لاءِ هڪ بهترين سنهري موقعو پڻ آهي ۽ ساڳئي وقت هڪ آزمائش به. ماضي ۾ اسان ڪنهن هڪ ملڪ سان وڌيڪ گرمجوشي ڏيکاريندي ان جي مخالف کي پنهنجو دشمن بڻائڻ جون غلطيون ڪيون آهن. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته عالمي سفارتي دنيا ۾ مستقل دوست نه هوندا، پر گڏيل مستقل مفاد ئي دوستي قائم ۽ برقرار رکڻ جو سبب بڻجن ٿا. سپر پاور آمريڪا سان ويجهڙائي، يقيني طور تي پاڪستان لاءِ معاشي بحالي، علائقائي استحڪام، قيادتي حيثيت ۽ عالمي قبوليت جا نوان در کولڻ جي صلاحيت رکي ٿي. پر اهو صرف تڏهن ممڪن آهي جڏهن پاڪستان پنهنجي پرڏيهي پاليسي کي انتهائي سمجهداري، دوانديشي ۽ احتياط سان اڳتي وڌائي.

تحريڪ انصاف تي پابندي لڳي سگهي ٿي؟



ڪنور دلشاد

مسلم ليگ (ن) ۽ ان جي ساٿارين جي اها پراڻي خواهش رهي آهي ته اسٽيبلشمينٽ ۽ باني پي ٽي آءِ جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هميشه برقرار رهي. هن وقت به هُن پنهنجي سياسي حڪمت عملين وسيلي اسٽيبلشمينٽ سان محاذ آرائي پيدا ڪري رکي آهي. باني پي ٽي آءِ کي جيل ۾ رکڻ (ن) ليگ جي قيادت جي دل جي تمنا هئي، جيئن اُن مان سياسي فائدو وٺي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري چونڊن ۾ پاڻ کي اڳتي آڻي سگهن. سياست جي حرڪتن ۾ هيءَ ڳالهه لڪل ناهي ته جڏهن ڪنهن به پارٽيءَ جو اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ وڌندو آهي ته ان جو فائدو اڪثر اُن ڌر کي پهچندو آهي، جيڪا پس منظر ۾ رهي پنهنجو وزن وڌائي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو باني پي ٽي آءِ جي جارحاڻ اسٽيبلشمينٽ مخالف بيانيي جو مسلم ليگ (ن) پورو فائدو کنيو ۽ پنهنجي لاءِ ميدان هموار ڪيو.

باني پي ٽي آءِ جا اسٽيبلشمينٽ خلاف ٽوئيٽ ۽ بيان ڏسندي فوجي ترجمان جو موقف مڪمل طور درست آهي، ڇو ته باني پي ٽي آءِ جو انداز واقعي سخت رهيو آهي. پر تازين پريس بريفنگن ڪانپوءِ مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽيءَ جا بيان ۽ سندن رويا پي ٽي آءِ لاءِ "ٻرنديءَ تي تيل" وارو ڪم ڪري رهيا آهن. اسٽيبلشمينٽ ۽ باني پي ٽي آءِ جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جو سڀ کان وڏو سياسي فائدو اِنهن ٻنهي پارٽين کي پيو ملي. سياست ۾ سدائين اهوئي ٿيو آهي ته جيڪي پارٽيون ڪمزور پوزيشن ۾ هونديون آهن، اهي طاقتور ادارن جي بيانيي مان پنهنجو فائدو ڪڍنديون آهن. رياستي ادارا رڳو بيانن سان ڪم نه هلائيندا آهن، جيڪو فيصلو ڪن ٿا، سو مڪمل ڪندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ نواز شريف جي ماضيءَ واري مقتدره مخالف تقرير ٻيهر سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي، جنهن نه رڳو سياسي ماحول کي وڌيڪ تکو ڪيو پر عوام ۾ موجود بي اعتماديءَ کي به وڌائي ڇڏيو.

هاڻي رياست ۽ عوامي نمائندن وچ وارو ٽڪراءُ ختم ٿيڻ گهرجي، ڇو ته اها صورتحال ملڪ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ فائدي واري ناهي. علائقي جي حالتن ۽ سيڪيورٽي خدشن کي ڏسندي ضروري آهي ته سياستدان، ادارا ۽ عوام هڪ ئي صفحي تي بيهن. عوامي اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته موجوده سياسي سيٽ اپ کي ختم ڪري ٽن سالن لاءِ قومي حڪومت جوڙي وڃي. هن عرصي دوران سڀني سياستدانن جو بنا فرق احتساب ڪيو وڃي، ڪرپشن جي رقم واپس ورتي وڃي ۽ آءِ ايم ايف جي گورننس ۽ ڪرپشن رپورٽ جي روشنيءَ ۾ سڄي سياسي نظام کي نئين سر ترتيب ڏنو وڃي. ملڪ جي معاشي بدحالي، ٻاهرين دٻاءَ، سفارتي پيچيدگين ۽ سماجي بي چينيءَ سبب هڪ اهڙي ترتيب جي ضرورت پيدا ٿي وئي آهي، جيڪا رڳو عارضي نه هجي پر مستقل سڌارا آڻي سگهي. ملڪ جي سلامتي ۽ عوامي قيادت جي بيانيي ۾ هيءُ ٽڪراءُ آخر ڪڏهن ختم ٿيندو؟ هيءَ ساڳي ڪهاڻي سهرورديءَ کان شروع ٿي شيخ مجيب، ذوالفقار ڀٽو تائين هلي ۽ هاڻي باني پي ٽي آءِ تائين اچي پهتي آهي. نواز شريف ته اڳ ئي ڊان ليڪس واري معاملي ۾ اهڙي دائري ۾ اچي چڪو آهي. خبرون آهن ته تحريڪ انصاف تي پابندي لڳائڻ جو معاملو وفاقي ڪابينا ۾ کنيو پيو وڃي. آئيني آرٽيڪل 17 تحت وفاقي حڪومت ڪنهن به جماعت کي "قانون مخالف" قرار ڏئي سگهي ٿي، جيڪڏهن اها رياست جي سلامتيءَ لاءِ خطرو هجي يا دشمنيءَ وارين سرگرمين ۾ ملوث هجي. جيڪڏهن فارن فنڊنگ جا پختا ثبوت هجن ته وزارتِ داخلا ڪنهن به پارٽيءَ تي پابندي هڻي سگهي ٿي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهڙا فيصلا عدالتن ذريعي ڪيا ويندا آهن ته جيئن سياسي انتقام ۽ قانوني ڪارروائيءَ ۾ فرق برقرار رهي.

ماضيءَ ۾ به مثال موجود آهن: 1973ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو سرحد (هاڻوڪو خيبرپختونخوا) ۽ بلوچستان جون حڪومتون ختم ڪري گورنر راڄ لڳايو هو جتي نيپ جي حڪومت هئي. 1975ع ۾ خان عبدالولي خان جي مبينا رياست مخالف سرگرمين جي بنياد تي سندن پارٽيءَ کي به ڪالعدم قرار ڏنو ويو ۽ سپريم ڪورٽ به اهو فيصلو برقرار رکيو.

پي ٽي آءِ بابت به چيو پيو وڃي ته 9 مئي 2023ع جا واقعا، فارن فنڊنگ رڪارڊ ۽ باني پي ٽي آءِ جا سلامتيءَ خلاف سمجهيا ويندڙ رويا آرٽيڪل 17 تحت اُن تي پابنديءَ لاءِ بنياد بڻجي سگهن ٿا. اهڙو فيصلو ٿيو ته هڪ مهيني اندر سپريم ڪورٽ ڏانهن موڪلڻو پوندو، سپريم ڪورٽ توثيق ڪري ته اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن جاري ڪري پارٽي ڪالعدم قرار ڏيندي ۽ اثاثا ضبط ٿي سگهن ٿا.

جيڪڏهن خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ حڪومت ختم ڪري گورنر راڄ لڳايو ويو ته اتي جي اسيمبلي ميمبرن جون ميمبرشپون معطل ٿي سگهن ٿيون. پر اِن قدمن سان نه ملڪ اندر سياسي فائدو ٿيندو ۽ نه عالمي سطح تي. اهي قدم باني پي ٽي آءِ کي وڌيڪ اسٽيبلشمينٽ مخالف بڻائيندا. باني پي ٽي آءِ جي عوامي مقبوليت جا سبب- 1992ع جو ورلڊ ڪپ، شوڪت خانم اسپتال ۽ سياست ۾ اسٽيٽس ڪو کي للڪارڻ- اڄ به موجود آهن. سندن مخالف ڌريون به عوام ۾ پنهنجو اثر رکن ٿيون، جنهن سبب معاشرو وڌيڪ ورهائجي رهيو آهي.

اها وقت جي ضرورت آهي ته قوم کي ورهائڻ بدران گڏ ڪرڻ لاءِ قومي سطح جو مڪالمو شروع ڪيو وڃي، ڇو ته اصل ليڊر اهو هوندو آهي، جيڪو قوم کي هڪ ڪري، جنهن کي ڏسي ماڻهن ۾ اميد، تحفظ ۽ وقار جو احساس پيدا ٿئي.

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جنهن جو فوجي ڪيريئر ڊگهو ۽ نظم ضبط تي ٻڌل رهيو آهي، بهتر دفاعي فيصلا ۽ رياستي سلامتي بابت واضح قيادت سبب عوام جي نظر ۾ چڱو سمجهيو وڃي ٿو. ٽنهي فوجن سان خطاب ۾ هو چئي چڪو آهي ته موجوده خطرن کي ڏسندي "ملٽي ڊومين آپريشنز" کي گڏيل سسٽم تحت وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ضروري آهي. دفاعي هيڊڪوارٽرز جو قيام انهيءَ سلسلي ۾ اهم قدم آهي. هُن واضح چيو ته ڀارت ڪنهن غلط فهمي ۾ نه رهي، پاڪستان جو جواب هاڻي اڳ کان وڌيڪ تيز ۽ سخت هوندو. طالبان حڪومت کي به واضح پيغام ڏنو ويو آهي ته يا "فتنۂ خوارج" يا پاڪستان- هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي. پاڪستان امن پسند ملڪ آهي پر پنهنجي خودمختياري، سرحدي سلامتي ۽ قومي وقار تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪندو. آخر ۾ اهو بيانيو رياست جي مستقل پاليسيءَ کي ظاهر ڪري ٿو ته امن جي خواهش ڪمزوري ناهي ۽ دفاعي تياري اشتعال نه پر ناگزير ضرورت آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

ڊيلاس ۾ سنڌي ثقافت جو ميلو، ٽيڪساس جي اسيمبلي ميمبر جي شرڪت!

راجا زاهد اختر خانزاده

سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) ڊيلاس پاران سنڌي ثقافتي ڏهاڙو (سنڌي ڪلچر ڊي) نهايت شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويو، جنهن ۾ ڊيلاس ۽ ڀرپاسي جي شهرن مان وڏي انگ ۾ سنڌي خاندانن شرڪت ڪئي.

جڏهن ته تقريب ۾ مقامي ڪميونٽيءَ کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي تهذيب، روايتن ۽ سڃاڻپ کي آمريڪي ڌرتيءَ تي ڀرپور نموني اجاگر ڪيو ويو.

تقريب ۾ ٽيڪساس اسيمبليءَ جي ميمبر سلمان پوجاڻي، هيوسٽن ۾ موجود پاڪستان قونصل خاني جي وائيس قونصلر فرحان احمد سانا جي مرڪزي اڳواڻ اصغر پٺاڻ، مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسد شيخ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪميونٽي شخصيتن شرڪت ڪئي.

تقريب کي خطاب ڪندي ٽيڪساس اسيمبلي ميمبر سلمان پوجاڻي چيو ته 'سنڌ جي ثقافت هميشه امن، محبت ۽ برداشت جي علامت رهي آهي ۽ اڄ ڊيلاس هن ورثي کي عزت ڏني آهي.'

سنڌي ثقافتي ڏهاڙو
Happy Sindhi Culture Day
From Sindhi Community Dallas

پاڪستان قونصليٽ هيوسٽن جي وائيس قونصلر فرحان احمد چيو ته 'سنڌي اجرڪ ۽ ٽوپي پاڪستان جي سڃاڻپ آهن.' هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ثقافت جي ڏهاڙي جي دنيا ڀر ۾ پاڪستان جي مثبت تصوير کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو. ان موقعي تي سانا جي مرڪزي نائب صدر اصغر پٺاڻ ۽ جنرل سيڪريٽري اسد شيخ جو چوڻ هو ته 'سنڌي جتي به هجن پنهنجي روايت پاڻ سان کڻي هلن ٿا ۽ اهو ئي سنڌ جو فخر آهي.'

ان کان علاوه ٻين مقررن جو چوڻ هو ته 'سنڌ فقط هڪ خطو ناهي پر تهذيب، محبت ۽ انساني قدرن جو روشن مثال آهي اجرڪ، ٽوپي، ادب، موسيقي ۽ لوڪ فن سنڌ جي سڃاڻپ به آهن ۽ ان جو امانت پڻ'

تقريب جي صدارت سانا ڊيلاس جي صدر عامر ميمڻ سرانجام ڏني، جڏهن ته سهيل خاصخيلي، سرفراز عباسي، شهريار ارشاد، غلام نبي ڪلوڙ، عمران پيرزادو، محمد شفيع ۽ فهد جوڻيجو مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ کين اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جا تحفا پيش ڪيا.

تقريب ۾ پاڪستاني ڪميونٽيءَ جي اڳواڻ برڪت بسريو، ڊيموڪريٽڪ اميدوار ۽ اٽارني صوفيا انور ۽ پاڪ پيڪ گروپ جي نديم اختر به شرڪت ڪئي. هال جي هڪ حصي ۾ هٿ سان ٺهيل سنڌي شين جي خوبصورت نمائش پڻ لڳائي وئي هئي، جڏهن ته ٻارن پنهنجي فنڪاري ۽ پرفارمنس ذريعي سنڌ جي ثقافت کي ايندڙ نسل تائين پهچايو. هر چهري تي خوشي هئي ۽ هر دل ۾ اهو احساس ته هزارين ميل پري هئڻ باوجود مٽيءَ جي محبت ڪڏهن گهٽ نٿي ٿئي.

شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته اڄ ڊيلاس ۾ ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ هو حيدرآباد، ٽنڊو الهيار، لاڙڪاڻي يا خيرپور جي ڪنهن گهٽيءَ ۾ بيٺل هجن، جتي ماڻهو پنهنجي سڃاڻپ تي فخر ڪن ٿا.

تقريب جي پڄاڻيءَ تي سنڌ جو روايتي رقص "هو جمالو" پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ بزرگ، عورتون، نوجوان ۽ ٻار گڏجي جهومندا رهيا ۽ سنڌي ثقافت جي خوشبو ڪيتر ئي وقت تائين فضا ۾ گونجندي رهي.

لطيفي لات — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

ويٺون پَٻِ پَئِي، ڪيرُون ڪاهوڙِيُن جُون؛
آئون تن ڏوتِيُنِ جو، پُڇان پيرُ پَهِي!
رُڃُنِ راتِ رَهِي، ڏُونگر جَنِيُن ڏورِيا.
(سُر ڪاهوڙي)

پاڪ-تُرڪ ڊرون فيڪٽري!

ڊاڪٽر فرقان حميد

دفاعي دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن رڳو خبرون نه هونديون آهن، بلڪ اهي مستقبل جي حڪمت عملي ۽ عالمي طاقت جي توازن کي بدلائڻ وارا اعلان به ثابت ٿينديون آهن. تازو ئي اهڙو هڪ قدم پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ کنيو ويو آهي، جنهن ۾ جنگي ڊرون ٽيڪنالاجيءَ جي تعاون تي هڪ نئون منصوبو شروع ٿيڻ وارو آهي. هي منصوبو نه صرف خطي ۾ دفاعي منظرنامي ۾ هڪ نئين هلچل پيدا ڪري رهيو آهي پر عالمي سطح تي طاقت جي تقسيم تي پڻ اثر انداز ٿيندڙ ثابت ٿيندو. خبرن واري عالمي ايجنسي بلومبرگ پنهنجي تازي رپورٽ ۾ ظاهر ڪيو آهي ته ترڪي پاڪستان ۾ جديد ترين جنگي ڊرونز جي مقامي اسملنگ لاءِ هڪ وڏي صنعتي فيڪٽري قائم ڪرڻ جو ارادو رکي رهيو آهي. هي رڳو هڪ تجارتي سيڙپڪاريءَ جو اعلان ناهي پر اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوڀر جي دفاعي جاگرافيائي تصوير ۾ هڪ اهم تبديليءَ ٿيڻ وڃي رهي آهي.

اڄ جي دور ۾ جنگي ٽيڪنالاجيءَ جو مرڪز زمين کان آسمان ڏانهن منتقل ٿي رهيو آهي. ڊرونز، مصنوعي ذهانت (AI)، ريل ٽائم ڪمانڊ ۽ ڪنٽرول سسٽم ۽ اسٽيليٽ پليٽ فارمز جنگ جي ميدان ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. تازو پاڪ-ڀارت ڇئن ڏينهن واري جنگ، روس-يوڪرين جنگ، آرمينيا-آذربائيجان تڪرار، شام، ليبيا، يمن ۽ نار وارن علائقن ۾ ٿيندڙ مختلف جنگي صورتحال واضح ڪري ڇڏيو آهي ته هاڻي جنگ جو فيصلو ڪندڙ هٿيار نه رڳو پائيليٽ کان آزاد آهن پر اهي انتهائي تيز، گهٽ قيمت وارا ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان ليس آهن، جن جي مدد سان ڪيترن ئي ملڪن جنگ جي نتيجن کي تبديل ڪري ڇڪا آهن. انهيءَ تناظر ۾ ترڪيءَ جو فيصلو ته پاڪستان اندر اسٽيليٽ ڊرون ٽيڪنالاجي منتقل ڪرڻ، صرف ٻنهي ملڪن لاءِ ناهي پر پوري خطي لاءِ هڪ نئين دور جو آغاز آهي. رپورٽن مطابق پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي اعليٰ سطحي عملدار گذريل سال آڪٽوبر کان ان منصوبي بابت ڳالهين ۾ مصروف هئا. اهي ڳالهيون رڳو ٽيڪنيڪل نوعيت جون نه هيون پر انهن ۾ اسٽريٽجڪ گهرائي پڻ شامل هئي، ڇاڪاڻ ته ڊرون ٽيڪنالاجيءَ جي عالمي منتقلي عام ڳالهه ناهي. ڪيترائي ملڪ انتهائي حساس جنگي ٽيڪنالاجيءَ کي پنهنجي ويجهن اتحادي رياستن تائين به منتقل نٿا ڪن پر ترڪي پاڪستان کي خاص حيثيت ڏئي رهيو آهي ۽ اعتماد ڏيکاري رهيو آهي ته پاڪستان سان اهو منصوبو نه رڳو ترڪيءَ جي دفاعي صنعت کي وڌيڪ وسعت ڏئي سگهي ٿو پر ڏکڻ ايشيا ۾ دفاعي توازن جي نئين تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

گذريل چئن کان پنج مهينن دوران ڳالهين ۾ غير معمولي اڳڀرائي ٿي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته معاملو صرف پيشڪش يا راءِ تائين محدود ناهي پر عملي طور تي اڳتي وڌي چڪو آهي. ٻنهي ملڪن جي دفاعي ادارن وچ ۾ ٽيڪنالاجي ٽرانسفر، مقامي افرادي قوت جي تربيت، خام مال جي فراهمي، سيڪيورٽي پروٽوڪول، فيڪٽريءَ جا امڪاني مقام ۽ سيڙپڪاريءَ بابت ڳالهيون آخري مرحلن ۾ آهن. ترڪيه جي اعليٰ عملدارن مطابق پاڪستان ۾ ترڪيه جي جنگي ڊرونز جي فيڪٽريءَ جو قيام نه رڳو برآمدات ۾ اضافو آڻيندو پر پاڪستان ۽ ترڪيه جي وچ ۾ اسٽريٽجڪ انضمام کي پڻ نئين بلندين تي پهچائيندو. ان مطابق هي منصوبو اهو پڻ تسليم ڪري ٿو ته پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۾ ترڪيه جو سڀ کان وڌيڪ معتبر ۽ مضبوط عسڪري شراڪتدار آهي. ڊرون ٽيڪنالاجيءَ کي جديد دنيا جو هڪ انتهائي حساس ۽ اهم پليٽ فارم سمجهيو ويندو آهي. ڊرونز گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ڪلوميٽر يا وڌيڪ فاصلي تائين مشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. اعليٰ معيار جي هٿيارن جي ترسيل: ميزائيل، گائيڊڊ بم ۽ هاءِ پريسيجن وار هيڊز کڻي وڃڻ جي صلاحيت.

اعليٰ ٽارگيٽنگ سسٽم: AI-enabled ڊرونز مستقبل جي جنگين ۾ فيصلو ڪندڙ هٿيار سمجهيا وڃن ٿا.

پاڪستان اهو واحد ملڪ آهي، جنهن سان ترڪيه نه صرف ملگم ڪارويٽ ٽيڪنالاجي شيئر ڪئي آهي پر مقامي پيداوار جي اجازت به ڏني. پهريان اهو تعاون صرف نيٽو ملڪن تائين محدود هو. ترڪيه پاڪستان جي F-16 جي اپگريڊ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه پاڪستان ترڪيه جي پنجين نسل جي طيارن جي منصوبي ۾ پڻ دلچسپي رکي ٿو جيڪو صرف چند سپر پاورز وٽ موجود آهي. اسٽيليٽ جنگي ڊرون فيڪٽريءَ جي قيام سان پاڪستان ترڪيه سان گڏجي ڊرون جو گڏيل پروڊيوسر بڻجي ويندو جڏهن ته ٻنهي ملڪن جون لاڳاپيل وزارتون اڃان تائين ڪنهن سرڪاري اعلان جي انتظار ۾ آهن پر ڳالهين جو مرحلو آخري حدن تي پهچي چڪو آهي ۽ جلد ئي سرڪاري اعلان ٿيڻ جي اميد آهي. هي منصوبو پاڪستان ۾ دفاعي شعبي ۾ انقلاب آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ان سان پاڪستان صرف ڊرون خريد ڪندڙ ملڪ نه رهندو پر ڊرون ٺاهيندڙ ملڪ طور پنهنجي سڃاڻپ حاصل ڪندو، جيڪو پاڪستان جي دفاعي خودمختياريءَ کي نئين بنياد ڏئي ٿو.

ترڪيه ۽ پاڪستان ٻئي اُن ڳالهه کان واقف آهن ته مستقبل ۾ جنگي حڪمتِ عمليءَ جو محور ڊرون وارفيئر، هٿرادو ذهانت، ريل ٽائم بٽل مينيجمينٽ ۽ اسٽيليٽ ٽيڪنالاجي هوندي. ان حوالي سان هيءَ فيڪٽري ٻنهي ملڪن لاءِ ايندڙ 20 کان 30 سالن جي سيڪيورٽي پيرا ميٽرز کي نئين شڪل ڏئي سگهي ٿي. پاڪستان ۾ اسٽيليٽ ڊرونز جي اسملنگ صرف هڪ فيڪٽري ناهي، بلڪ دفاعي خودمختياريءَ جي نئين بنياد جو اعلان آهي. هي منصوبو صرف ٻنهي ملڪن جي دفاعي صنعت لاءِ اهم ناهي پر ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوڀر جي فوجي توازن ۾ به وڏو اثر رکندڙ آهي. هن منصوبي سان پاڪستان هڪ نئين سطح جي ٽيڪنالاجي حاصل ڪري رهيو آهي، جيڪا اڳ ۾ صرف محدود طاقتور ملڪن وٽ موجود هئي. ان سان نه رڳو خطي ۾ طاقت جو توازن تبديل ٿيندو پر ايندڙ سالن ۾ ڪنهن به فوجي تڪرار ۾ پاڪستان جي حيثيت مضبوط ٿيندي.

ترڪيه ۽ پاڪستان جي وچ ۾ اهو تعاون، دفاعي صنعت ۾ نئين شراڪتداريءَ جو مثال آهي، جنهن مان ٻئي ملڪ فائدو حاصل ڪندا. پاڪستان ۾ پيدا ٿيل ڊرونز نه رڳو مقامي ضرورتن کي پورو ڪندا پر برآمداتي موقعن لاءِ به استعمال ڪري سگهجن ٿا. جيڪو ملڪ جي معاشي ۽ دفاعي خودمختياريءَ ۾ اضافو ڪندو. اڄ جي دور ۾ دنيا ۾ جنگ ڪرڻ جو طريقو بدلجي چڪو آهي. روايتي جهاز ۽ فوجي وسيلن جي بجاءِ ڊرونز هٿرادو ذهانت ۽ اسٽيليٽ ٽيڪنالاجي جنگي ميدان ۾ فيصلو ڪري رهي آهي. اها ٽيڪنالاجي گهٽ قيمت ۾ وڏو اثر پيدا ڪري سگهي ٿي ۽ ان سان فوجي نتيجن ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو. جيئن ته پاڪستان ۾ اها فيڪٽري قائم ٿيندي، ملڪ جي نوجوان انجنيئرز ۽ دفاعي ماهرن لاءِ پڻ نيون تربيتون ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا. ان سان گڏ پاڪستان جي دفاعي صنعت ۾ تحقيق ۽ ترقيءَ جو نئون باب کُلندو. جيڪو خطي ۾ ٻين ملڪن لاءِ پڻ مثال بڻجي سگهي ٿو. ترڪيه-پاڪ ڊرون فيڪٽريءَ سان ايندڙ 20 کان 30 سالن ۾ دفاعي حڪمتِ عمليءَ ۾ بنيادي تبديليون متوقع آهن. پاڪ فوج ۽ ترڪيه جا ماهر گڏجي جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي خطي ۾ دفاعي چيلينجز کي منهن ڏيندا. مستقبل ۾ جنگي فيصلا هٿيارن جي جدت ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي قابليت تي ٻڌل هوندا ۽ ڊرونز انهن فيصلن ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندا.

عبرت پوسٽ
Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

شڪارپور مان بدامنيءَ جو خاتمو ڪڏهن ايندو؟

ڇا شڪارپور پوليس واقعي ناڪام ٿي چڪي آهي جو هر گذرندڙ ڏينهن شهر ۾ ڌاڙا، ڦرون ۽ ناحق قتل معمول بڻجي ويا آهن. پر ڪو به قاتل، ڦورو يا ڏوهاري عبرت جو نشان نٿو بڻجي؟ گذريل هفتي اناج جي هڪ واپاريءَ کان اسٽور گنج ٿاڻي جي حد مان پنج لک روپيا ڦريا ويا. جنهن بعد ڊي ايس پي محترمه پارس پنهنجي اڳواڻي ۾ پنج ڏوهارين کي گرفتار ڪري رقم واپس ڪرائي ڇڏي. پر افسوس جو اڄ وري هڪ نئين واردات ۾ اٺ هٿياربند ڦورن اسٽور گنج ٿاڻي جي حد ۾ قائم اناج منڊيءَ مان ڏينهن ڏٺي جو ڇويهه (26) لک روپيا ڦري هليا ويا. واپاري شديد احتجاج ڪندي اسٽور گنج ٿاڻي پهتا، جتي ايس ايڇ او کين خاطري ڪرائي ته جلد ڏوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو ۽ رقم واپس ڪرائي ويندي. ڪجهه ڏينهن اڳ ڊي ايس پي سٽي پڻ واپارين سان ملاقات ڪري کين سيڪيورٽي سخت ڪرڻ ۽ مڪمل تحفظ فراهم ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو، پر ان جي باوجود ايڏي وڏي واردات ڏينهن ڏٺي جو ٿي وڃڻ پوليس جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو سوال اٿاري ڇڏيو آهي. آخر اهي ڪهڙا عنصر آهن، جيڪي ڪاروباري برادري کي مجبور ڪن پيا ته هو پنهنجا ڪاروبار سهيڙي شڪارپور ڇڏڻ لاءِ سوچي رهيا آهن؟ شڪارپور ضلعو ڏوهن جي شرح ۾ جنهن رفتار سان وڌي رهيو آهي، ان جو مثال ملڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. پورن ستن سالن کان ڌاڙيلن خلاف آپريشن هلندڙ آهي، پر نتيجو اهو نڪتو جو رياست پاڪستان ڌاڙيلن کي معافي ڏئي، ڪاڌا ڪارائي، اوڳرايون ڏياري، سندن حوصلو ايترو وڌائي ڇڏيو جو ڄڻ کين يقين ڏياريو ويو هجي ته اوهان جا ڏوهه آخرڪار معاف ٿي ويندا. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هاڻي هر گهٽيءَ ۽ هر رستي تي ڦورن جو راڄ آهي. شهر جا رهواسي گهرن مان چار قل پڙهي نڪرڻ تي مجبور آهن ته متان ڪو ڏوهاري انهن کي نشانو نه بڻائي. اڄ استاد، ڊاڪٽر، پريڪٽس ڪندڙ ۽ ڀاڄيون ڪپائيندڙ غريب ماڻهو به ڦرجن ٿا. عورتن کان ڪن ڪپي واليون لاهڻ جا واقعا عام ٿي ويا آهن. جيڪي ڏوهن جي خطرناڪ حدن کي ظاهر ڪن ٿا. اسان پاڪ فوج جي اعليٰ عهديدارن کي اپيل ٿا ڪريون ته شڪارپور پوليس کي فوجي مدد فراهم ڪئي وڃي ۽ شهر کي ڏوهارين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ گهر گهر ڪارروائي ڪئي وڃي. ڇو جو شهر جي چوڌاري مجرمانه ڌرين جو مڪمل راڄ آهي. غيرقانوني هٿيارن جي ورڇ ايتري وڌي وئي آهي جو هر گهٽي هٿيارن جي ڌماڪاءَ سان ڏڪي ٿي، قبائلي جهيڙن، ڦورن ۽ ڌاڙيلن شهر کي محصور ڪري ڇڏيو آهي. خدارا شڪارپور جي وارثي ڪريو، رياست جا ادارا هن مظلوم شهر جي رهواسين کي تحفظ جو يقين ڏيارين، ڇاڪاڻ ته شهر اڳ ئي پڙهيل لکيل گهڻن خاندانن کان خالي ٿي چڪو آهي. اهو ڏينهن پري ناهي جو شيخ اياز جو شهر فقط ڪتابن ۾ رهجي وڃي. ڪاروباري هتي سيڙپڪاري ڪرڻ کان ڊڄن ٿا، جڏهن ته ڪي مقامي رهواسي روزگار لاءِ پري پري وڃڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. اڄ صورتحال اها آهي جو پنجاب سميت ملڪ جا ٻاهريان واپاري هر فصل لهڻ تي هتي اچي اگهه ماري وٺن ٿا ۽ شهر جا پنهنجا ماڻهو ڏاڍ پيا سهن.

استاد جاويد هڪڙو شڪارپور

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-XII حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2273 سال 2025

مسمات بينظير زال ممتاز علي رهندڙ هائوس نمبر C-41-42-43 محلا واڍن جو پڙ ڪاهي روڊ حيدرآباد. سيل نمبر: 0316-0308829 ...پلينٽف...خلاف: ممتاز علي پٽ احمد خان سيال حال رهندڙ محلا ڪوسو سيوهڻ تعلقو سيوهڻ . سيڪنڊ ايڊريس: پاڪستان اسٽڊي ايريا سينٽر جامشورو يونيورسٽي آف سنڌ جامشورو شناختي ڪارڊ نمبر: 41206-7019058-9....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

XIIth سول اينڊ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب VIIth سينئر سول جج حيدرآباد
(روبرو مس ارم)
ايف سي ايس نمبر1539 سال 2025

اوڀايو پٽ محمد خان رهندڙ ڳوٺ حاجي محمد منگريو تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ معرفت سنڌس اٽارني ارباب علي پٽ راڻو ڳوٺ GOR هادي، پوسٽ آفيس هيرال، GOR هادي تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ...پلينٽف...خلاف: (1) حسين بخش پٽ محمد سليمان فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) مسمات رشيده بيگم بيواهه (بي) فرحان (سي) رضوان (ڊي) امبر ڌيءَ پٽ رهندڙ هائوس نمبر F-1340 محلا بخاري شاهه حيدرآباد (2) سب رجسٽرار قاسم آباد (3) مختيارڪار (روينيو) قاسم آباد (4) اي سي قاسم آباد (5) سيڪريٽري روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، اسپيسيفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ، ڊيميجز اينڊ پرمننٽ انجنڪشن يو/ او 39 رول 1 ۽ 2 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 151 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

VIIth سينئر سول جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
سمري سوٽ نمبر.... سال 2025

احمد خان انصاري پٽ عبدالله انصاري رهندڙ هائوس نمبر D-12 لنڊن ٽائون قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر: 0304-2678275....پلينٽف...خلاف: شيراز احمد سومرو پٽ غلام حيدر سومرو رهندڙ هائوس نمبر151 سيڪنڊ فلور محلا رحمان ڪاٽيجز قاسم آباد ضلعو حيدرآباد سيل نمبر: 0333-7071061، ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سمري سوٽ زيرقلمر XXXVII رول 1&2 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي 2500000 روپيا رڪوري لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات رخسانه ڌيءَ محمد حنيف ذات خاصخيلي رهندڙ قادر ايونيو هالا ناڪه حيدرآباد 03163876065 ...پلينٽف...خلاف: مهتاب علي ولد برڪت علي ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ جام ننڊو مري پي او ڏل شاخ تعلقو ضلعو سانگهڙ سيل نمبر 03133655177....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري پاسٽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-101-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 201 سال 2025

مسمات حميده زال غلام مرتضيٰ ڌيءَ امير بخش رهندڙ ڳوٺ رمضان زرداري ديهه-32 داد نوابشاهه. ....پلينٽف...خلاف: (1) ذاڪر زرداري (2) امداد زرداري (3) مسمات گل ٿئي پٽ ڊيٿرون امير بخش(4) خدا بخش (5) سائينداد ٻئي پٽ مثل زرداري رهندڙ شوڪت ڪالوني تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد (6) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد (7) اي سي نوابشاهه (8) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (9) سٽي سرويئر نوابشاهه (10) سب رجسٽرار نوابشاهه (11) سيڪريٽري روينيو سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي.....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، ڪينسليشن، ميوٽيشن باءِ وي آف فوتي کاتا بدل، پزيشن، ميسني پرافٽ اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 281 سال 2024

مسمات محموده زال مرحوم علي شير راهو معرفت اسپيشل اٽارني ذيشان علي راهو رهندڙ هائوس نمبر A-1072 غريب آباد نوابشاهه....پلينٽف...خلاف: (1) مظفر علي پٽ در محمد ميمڻ (2) افسر علي پٽ در محمد ميمڻ فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) ارسلان (پٽ) (2) دعا مدينه (ڌيءَ)، (سي) عشا سبيل (ڌيءَ)، (ڊي) شهباز (پٽ) (اي) ناهيد (بيواهه) (3) علي اصغر پٽ در محمد ميمڻ (4) صغير علي پٽ در محمد ميمڻ فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) Sharak Falak (ڌيءَ) (بي) صدام (پٽ) (سي)غضنفر (پٽ) (5) مرحوم لياقت علي پٽ در محمد ميمڻ رهندڙ ويجهو المنصور ميڊيڪل سينٽر غريب آباد نوابشاهه . (6) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد (7) اي سي نوابشاهه (8) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (9) سب رجسٽرار نوابشاهه (10) سٽي سرويئر نوابشاهه....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ نمبر01 کان 05 ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار اسپيسيفڪ پرفارمنس اينڊ پرمننٽ انجنڪشن يو/ او VII رول 1 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر190 سال 2024

(1) ذيشان علي راهو (2) خرم عمران (3) سنيل نعمان (4) انيل فرحان (5) عمير عاشر (6) مسمات ڪرن (7) بي بي لبيڪ حرم سڀ پٽ ڊيٿرون علي شير راهو سڀ رهندڙ هائوس نمبر A-1072 غريب آباد نوابشاهه. ...پلينٽف...خلاف: (1) علي اصغر پٽ در محمد ميمڻ (2) صغير ميمڻ پٽ در محمد ميمڻ فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) ساراهه فلڪ (ڌيءَ) (بي) صدام (پٽ) (سي) غضنفر (پٽ) (3) مظفر علي پٽ در محمد ميمڻ (4) افسر علي پٽ در محمد ميمڻ فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) ارسلان (پٽ) (بي) دعا مدينه (ڌيءَ) (سي) عشا سبيل (ڌيءَ)، (ڊي) شهباز (ڌيءَ) (اي) ناهيد (بيواهه) سڀ رهندڙ در محمد پنسار اسٽوريڪرا بازار نوابشاهه (5) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد (6) اي سي نوابشاهه (7) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (8) سب رجسٽرار نوابشاهه (10) سٽي سرويئر نوابشاهه....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، رڪوري آف پزيشن باءِ وي آف پارٽيشن، ميسني پرافٽ اينڊ پرمننٽ انجنڪشن يو/ او VII رول 1 سي پي سي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر177 سال 2025

مسمات ثمرين بيواهه اعجاز احمد رهندڙ ڳوٺ حاجي رسول بخش ڪلهوڙو پي او ٻچيري تعلقو دوڙ ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) وقاص احمد عباسي (2) مسمات شهناز پروين عباسي ڌيءَ مرحوم اعجاز احمد ڪلهوڙو (3) مسمات ليليٰ بيواهه محمد Saban ماءُ مرحوم اعجاز احمد ....آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلمر 7، 10، 25 ۽ 29 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ تحت مائنرز نالي: دانيال احمد ، (2) آمنه ڪاشف جي گارڊين جي مقرري لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر517 سال 2025

مسمات عليشبا ڌيءَ ممتاز علي رهندڙ تاج ڪالوني ....پلينٽف...خلاف: اعجاز علي پٽ رسول بخش راهو رهندڙ ڳوٺ عاقلاڻي موڙ قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 531 سال 2025

مسمات ارم ڌيءَ محمد خان رهندڙ هائوس نمبر49 اسٽريٽ 14 مهراڻ يونيورسٽي ڪالوني نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: منصور علي پٽ روشن علي تيوٽو رهندڙ وارڊ نمبر 02 سولنگي محلا پي او ٺاڙو شاهه تعلقو پريا ضلعو نوشهروفيروز پروفيسر ايٽ MUET جامشورو ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف جهيز آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 582 سال 2025

مسمات Huzaira ڌيءَ بلوچ خان هوت رهندڙ هوت اسٽاپ تعلقو نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: حميد هوت ولد واحد هوت رهندڙ هوت اسٽاپ تعلقو نوابشاهه سيل نمبر 03042894843 ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم I نوابشاهه
(روبرو جناب نظام علي اُجڻ)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 26 سال 2025

ذيشان علي گل محمد حنيف ذات ملڪ رهندڙ محلا مريم روڊ نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: مسمات ثرمين ڌيءَ عبداللطيف ذات ملڪ رهندڙ نزد مدرسه هائي اسڪول غلام رسول شاهه ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف زير قلمر VII رول 1 سي پي سي تحت رڪوري آف گولڊ وزن 4.5 تولا (چوڙيون، منڊي، چين) لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم I نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 200 سال 2024

مسمات جنت ڌيءَ محمد رمضان...پلينٽف...خلاف: (04) محمد رمضان پٽ نبي بخش ذات اوٺو رهندڙ ڳوٺ ونگي اوٺو تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار (05) مسمات آمنه زال محمد رمضان ذات اوٺو رهندڙ ڳوٺ ونگي اوٺو تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊوالهيار...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن آف ليگل اسٽيٽس اينڊ اشوئنس آف سي اين آءِ سي باءِ نادرا لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

سول/گارڊين جج اينڊ جي ايم-III ٽنڊوالهيار
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر10 سال 2025

مسمات رضيه بيواهه عبدالرزاق رهندڙ محلا سبحان ڪالوني تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار...ايپليڪينٽ...خلاف:(1) فقير محمد پٽ عبدالرزاق (2) فوزيه زال شبير احمد (3) صوبيه زال عرفان (4) عشمه زال شهروز بالغ مسلم رهندڙ محلا سبحان ڪالوني تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار (5) جنرل پبلڪ.... (آپونينٽس) ان ڊي ميٽر آف مائنرز: (i)فضا عمر اٽڪل 16 سال (ii) آمنه عمر اٽڪل 15 سال (iii) عظميٰ عمر اٽڪل 12 سال (iv) ساجد علي عمر اٽڪل 10 سال....مائنرز

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن انڊر سيڪشن 7 ۽ 29 آف گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/گارڊين جج اينڊ جي ايم-III ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج II ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات مريم ڌيءَ قادر بخش زال عامر ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو سومرو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ...پلينٽف...خلاف: عامر ولد محمد عثمان ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو سومرو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج II ٽنڊو الهيار

تصحيح

جئين بروز خميس 4 ڊسمبر 2025 جي اشاعت ۾ مختيار ڪار تعلقو ٽنڊو باگو جي عام اطلاع ۾ غلطي سان فوتي جو نالو غلام مرتضيٰ ولد حبيب الله بلندي لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري گل محمد ولد حبيب الله بلندي لکيو پڙهيو وڃي (ادارو)

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر44 سال 2025

شريمتي دويتي ڌيءَ آشور زال ڏاتجي هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ مري فارم سنجر چانگ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار ...پلينٽف...خلاف: ڏاتجي ولد نيوو هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ هاشر نوداڻي تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 11-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-I ڪوٽڙي
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر176 سال 2025

غلام حسين ملاح پٽ ٿريو خان ملاح رهندڙ ڳوٺ عبدالله چاوڙو موڙو جبل تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو...پلينٽف...خلاف: (1) چيئرمين نادرا ايٽ اسلام آباد (2) انٽيريئر سيڪريٽري انٽيريئر ڊويزن اسلام آباد (3) انچارج آفيسر/ مئنيجر آف نادرا آفيس ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سينئر سول ڪورٽ-I ڪوٽڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر Nil سال 2025

مسمات صبا سومرو...پلينٽف...خلاف: اظهر عباس پٽ مشتاق احمد مسلم بالغ ذات ميرجت رهندڙ ڳوٺ الهه داد چنڊ ضلعو حيدرآباد. سيل نمبر: 0316-8053110....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر92 سال 2025

(1) مسمات امبر زال غلام محمد ذات ڏاٿوريوٽ بالغ رهندڙ ڳوٺ مولوي عبدالقيوم خير ديهه 181 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص. (2) اسحاق احمد (3) محمد زاهد ٻئي پٽ غلام محمد ذات ميمڻ مائنرز معرفت مسمات امبر زال غلام محمد رهندڙ ....پلينٽف...خلاف: غلام محمد پٽ اسحاق احمد ذات ميمڻ رهندڙ هائوس نمبر100 فراز ولاز فيز-3 واڏو واهه روڊ قاسم آباد حيدرآباد....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول، فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج هالا
(روبرو جناب عبدالعزيز شر)
ايف سي سوٽ نمبر88 سال 2025

مسمات ثمينه زال اعجاز رهندڙ محل پير پٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري ....پلينٽف...خلاف: (1) اعجاز علي ۽ ٻيا (2) عابد علي ولد عبدالمجيد قريشي رهندڙ گهر نمبر 206 امين آباد اسٽيشن روڊ ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج V حيدرآباد
سمري ايگزيڪيوشن نمبر59 سال 2025
سمري سوٽ نمبر 103 سال 2025

اويس احمد آخوند ولد مقبول احمد آخوند ....پلينٽف...خلاف عبدالوسيم ولد غلام سرور رهندڙ شليمار بنگلوز قاسم آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سمري ايگزيڪيوشن درخواست زير قلمر 21 رول 11 تحت داخل ڪئي آهي سمري سوٽ 103 سال 2024 ايگزيڪيوشن ۽ ججمينٽ تاريخ 10-09-2025 جي خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج V حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته جناب نور زمان خاصخيلي پٽ محمد عثمان آن بيهاف آف هز فوتي فتح محمد عثمان پٽ محمد حسين خاصخيلي ريڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس بابت درخواست ڏني آهي ته سروي نمبر 367/3 ٽوٽل ايريا 03-04 ايڪڙ ديهه ڊمبروٽي ٽپو رمديهه تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو مٿي ڄاڻايل سروي ۾ ثبوت پيش ڪيا ويا آهن جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻايل زمين تي ڪو اعتراض آهي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ذاتي طور تي يا وڪيل معرفت پيش ڪن مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ درخواستگذار جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن نوٽيس ذريعي اطلاع ٿو ڏجي ته ميسرز لڪي برادرز ريٽيل آف شاپ شراب جي دوڪان پلاٽ نمبر 05 دوڪان نمبر 01-02. نور محمد خان ڳوٺ ڪباب ٽائون سيڪٽر A-11 گجر ضلعي مليرڪراچي ۾ کولڻ لاءِ درخواست ڏني آهي. علائقي جي ڪنهن به رهاڪو کي جيڪڏهن هن شراب جي دوڪان کولڻ تي اعتراض هجي ۽ اهڙو اعتراض لکت ۾ 15 ڏينهن جي اندر هيٺ ڏنل بالا آفيسرن کي ڏيندا 15 ڏينهن جي مدي گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه ٿيندو (1) ڊائريڪٽر جنرل (ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن) ايڪسائيز ٽيڪسيشن نارڪوٽڪس ڪنٽرول سنڌ ڪراچي D-46 بلاڪ01 ڪلفٽن ڪراچي. (2) ڊائريڪٽر (ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن) ڪراچي. (3) ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن آفيسر (ايڪسائيز) ڊسٽرڪٽ ضلعي مليرڪراچي.

ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ

عام اطلاع

اسان جي ڪلائينٽ ليز هولڊ انڊسٽريل ملڪيت پلاٽ نمبر A/12-B واقع سائيٽ حيدرآباد ايراضي 1000 اسڪوائر گز ميسرز ڊي ايس موٽرز کان سمورن جهڳڙن، قانوني استحقاق، چارجز يا عدالتي مقدمي بازي جي معاملن کان آزاد خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص، بينڪ، مالياتي اداري جي ڪا دعويٰ يا اعتراض هجي ته لازمي طور تي هيٺ صحيح ڪندڙ، سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ڪراچي حيدرآباد ان ڪانسواءِ واسٽيدار سب رجسٽرار کي دستاويزي ثبوتن سميت هن نوٽيس جي تاريخ اشاعت کان 07 ڏينهن جي اندر اطلاع ڪري. ناڪامي جي صورت ۾ ڪنهن به دعويٰ قانوني استحقاق اعتراض کي ڪالعدم تصور ڪيو ويندو ۽ سودي جي تڪميل ڪئي ويندي.

شڪيل احمد شيخ، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ
آف سنڌ آفيس F-66،1066 ويجهو منظور
چيمبرز توڪل مسجد قاضي عبدالقيوم روڊ
حيدرآباد موبائل نمبر: 03463907010

عام اطلاع

جيئن ته جناب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 صاحب بدين جن جي ليٽر نمبر 1415 تاريخ 12_11_2025 موجب لکجي ٿو ته نالي اسحاق ولد اسماعيل فوتي پاران سنڌس وارث نالي محمد ابراهيم پٽ اپيل داخل ڪئي آهي ته سنڌس پيءُ نالي اسحاق ولد اسماعيل جي ديهه اوجهري تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 74 ۽ 79 جملي ايراضي 35_7 ايڪڙ داخلا دخلخارج موجب داخلا ٿيل آهي جيڪا ست ب تي داخلا اٿڻ لاءِ درخواست ڏني جنهن سلسلي ۾ جناب ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 صاحب بدين جن وضاحتون پڇيو آهن مگر داخلا دخلخارج تي ٿيل آهي ۽ الف ۾ آيل ن آهي تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ م پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جئين ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد فواد ولد محمد ازڪار درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ نالي مسمات عفت ياسمين زال محمد ازڪار ڌيءَ ميجر رينواز جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه ڪنڊڻ تعلقي بدين ۾ بلاڪ نمبر 122_126_127 جملي ايراضي 17_46 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ديهه ڪنڊڻ تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ مسمات عفت ياسمين زال محمد ازڪار ڌيءَ ميجر رينواز جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد فواد پٽ فوتڻ جو 2 رينواز پٽ فوتڻ جو 3 مسمات حنا فاطمه ڌيءَ فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجواعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ م پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي نظام الدين سهتو ولد شعبان علي شناختي ڪارڊ نمبر 4530497453443 هڪ عدد فليٽ نمبر 418 ايراضي 1399 اسڪوائر فوٽ فورٿ فلور بلاڪ اي واقع عبدالله پيلس ديهه جامشورو ٽپو تعلقو قاسم آباد حيدرآباد جو سودو نالي ممتاز علي ولد نور حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4410162713797 سان ڪري رهيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

نظام الدين سهتو ولد شعبان علي
رهندڙ سهته محلا ابجي پي او ملياڻي تعلقو
ضلعو نوشهروفيروز

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي منصور علي ولد مبارڪ علي شناختي ڪارڊ نمبر 4530124634427 هڪ عدد رهائشي پلاٽ نمبر A-86 ايراضي 200.00 اسڪوائر يارڊ واقع ميمڻ سٽي هائوسنگ اسڪيم ديهه سري تعلقو قاسم آباد حيدرآباد جو سودو نالي محمد صالح ولد خان محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4130683085729 سان ڪري رهيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض وغيره هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

منصور علي ولد مبارڪ علي
رهندڙ گهر نمبر A-63 اولڊ ميمڻ سٽي
نزد سٽي اسڪول قاسم آباد حيدرآباد

عام اطلاع

نالي غلام عباس ولد غلام محمد چيمه ويٺل ڳوٺ احمد الدين چيمه تعلقو محرابپور درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد غلام محمد ولد الهڏتو چيمه اٽڪل 25 سال ٿيندا فوت ٿي ويو آهي جنهن جي مين پراپرٽي ديهه هوت خان جلباڻي ٽپو هوت خان جلباڻي ۾ واقع آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي تفصيل فوتي جي وارثن جو: (1) غلام عباس پٽ غلام محمد چيمه (2) مسمات رسولا بي بي ڌيءَ غلام محمد چيمه (3) مسمات عائشه بي بي ڌيءَ غلام محمد چيمه (4) مسمات سلما بي بي ڌيءَ غلام محمد چيمه اهڙو بيان ٻن معزز ماڻهن م هڪ فقير محمد ولد امام الدين ۽ لياقت علي ولد احمد الدين ويٺل ٻئي ڳوٺ احمد الدين چيمه جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪو اعتراض هجي يا ٻيو دعويدار هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ لکت ۾ اعتراض پيش ڪري، ٻي صورت ۾ فوتي ڪاتو قانون موجب بلايو ويندو

آصف علي شر مختيارڪار (روينيو) محرابپور

بقايا	1	قتل

غيرت ۾ اچي قتل ڪيم ڪو پڇناءُ ناهي ننگرپارڪر جي ڳوٺ تاج محمد شاهه ۾ وحشي پيءُ جي منگل پيل پنهنجي نوجوان 18 سالن جي ڌيءَ ڪوري کي ڪاري قرار ڏيئي سنڌس مٿي جا وار ڪوڙي رسن سان ٻڌي لٺيون ۽ ڪهاڙيون هڻي ڪيس بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي ڊانوڊانڊل پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ننگرپارڪر اسپتال منتقل ڪري لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرايو ويو. ڊانوڊانڊل

پوليس ٻڌايو ته واقعي جو اڃان تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿي ناهي سگهيو

بقايا	2	سچتا لاءِ احتجاج

احتجاج جاري رهندو هتن جو چوڻ آهي ته هڪ صوبي اندر ٻه نظام قائم ڪيا ويا آهن ڪراچي جي ملازمن کي پروموشن، هيلٿ الائونس ،ڊائشور ڪارڊ ملي رهيا آهن اسان کي صرف آسرا دلاسا ڏيئي چپ ڪرايو ٿو وڃي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته اسان کي فوري طور ڪراچي جي ملازمن وانگر ڊي پي سي بحال ڪئي وڃي هيلٿ پروفيشنل الائونس ڏنو وڃي هيلٿ انشورنس ڪارڊ جاري ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو

بقايا	3	اسپتال منتقل

سان سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل جو شديد ٽڪر پيش آيو حادثي جي نتيجي ۾ ڪولهي برادري جا ٻه ماڻهو سخت زخمي ٿي پيا زخمين جي ٽنگن ۾ فيڪچر ٻڌايا پيا وڃن جن کي فوري طور انڊس اسپتال بدين ريفر ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري آهي حادثي ۾ ڪي ار ڪولاڙچي نياز ميمڻ

معمولي زخمي ٿيو جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي اسپتال انتظاميا موجب زخمين کي مڪمل طبي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن واضح رهي ته ٻئي آفيسر رات شادي تان موٽي اچي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو.

بقايا	4	لاش هٿ

معلومات پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ کان پوءِ ئي ملي سگهندي، جڏهن ته لاش جي سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين لاش سول اسپتال اندر لاوارث حالت ۾ پيل رهيو جنهن بعد پيرسن جي سڃاڻپ لاءِ سندس لاش جا فنگر پرنٽس وٺڻ کان پوءِ لاش ايڌي حوالي ڪيو ويو

بقايا	5	نوجوان فوت

پرسان افسوس ناڪ حادثو پيش آيو جنهن ۾ امام واهه جا رهواسي ميگهواڙ برادري جا ساڌا سڄا پورهيت نوجوان اجل جو شڪار ٿي ويا تيز رفتار ريگو گاڏي جي بي احتياطي سان هلندي موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر

کولينداسين هتن چيوته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جو ڳوٺ آهي اسان هميشه پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏنا آهن اسان کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي. پاڻي جهڙي نعمت کان پڻ محروم رکيو پيو وڃي هتن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندن پاڻي جو مسئلو حل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا	8	وارث پريشان

جي ڪافي ڳولا ڪرڻ بعد به هٿ نه اچي سگهيو اهڙي گمشدگي جي اين سي رپورٽ داخل ڪرائيندي پاڻ ڪولهي ٻڌايو ته اسان سرن جي ٻلي تي ڪم ڪندا آهيون 2 ڏينهن اڳ نينگر گهمڻ لاءِ آيو هو جيڪو ڪلهه کان گم ٿي ويو وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا	9	ڪانسٽيبل معطل

پاران جاري اهڙي نوٽيفڪيشن ۾ ڪين معطلي ڪائيه بي ڪمپني گارڊن ڪراچي رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي سجاڻ ڏرين جي شڪايتن موجب ٿوري عرصي ۾ عمرڪوٽ ۾ لڳ ڀڳ 14 نوان غير قانوني شراب جا مني گٿا کليا آهن سي آئي سينٽر جي پاسي ۾ ۽ بس اسٽاپ وٽ چرس جا اڏا سرعام هلن پيا جوئيجا پٽمب پرسان سميت مختلف علائقن ۾ غير قانوني واڻن شاپ هلن پيا شڪايتن جو اثر ٿيڻ بدران ويتر منشيات شراب وڌيڪ هلي پئي جڏهن ته اهڙين شڪايتن بعد پوليس وارن خلاف ڪارايون ڪيون پيون وڃن

بقايا	10	داخل ڪري ڇڏيو

سنڌ ڌرتيءَ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهجي ڪيسن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون دوڙ جي مختلف پارٽين جي ڪارڪنن طرفان شخت احتجاج ڪيو ويو

بقايا	11	جهيڙو

اسپتال آندو ويو جتي زخمين ٻڌايو ته اسان جي ڪاٽي جي زمين ۾ اسان گهرن جي اڏاوت ڪئي پئي ته راڄڙ برادري سان تعلق رکندڙ 30 کان 40 ماڻهن لٺن ڪهاڙين سان حملو ڪيو جنهن سبب 10 ڄڻا زخمي ٿيا آهيون پوليس موجب زخمين کي علاج لا ليٽر ڏنا ويا آهن وڌيڪ ڪاروائي ڪرائيندا ته ڪري ان حوالي سان جاچ ڪئي ويندي

بقايا	12	ٻه ڄڻا زخمي

نوٽيس وٺڻ گهرجي ياد رهي ڪجھ وقت اڳ ساڳئي زميندار جي زمين تان ريزير مشين پڻ چوري ٿي جنهن ماليت ساڍا ڪي لک روپيا ٻڌائي پئي ڪيرو ۾ ڏوهي سرگرمين وڌڻ سبب رهواسين ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي چونڊيل نمائيندن ايس ايس پي سانگهڙ کان وڌنڌڙ بدامني بابت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا	13	احتجاجي مظاهرو

ايمانداري سان سرانجام ڏئي رهيا آهيون. پر سيڪريٽري ته هجڻ جو جواز ڄاڻائي گذريل 10 مهينن کان وڏي بنا جواز اسان

ننگرپارڪر ۾ جوابدار پنهنجي نياڻي کي ڪارنهن الزام ۾ بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ تاج محمد شاهه ۾ منگل ڀيل پنهنجي ڌيءَ گوري جو مٿو ڪوڙي، رسن سان ٻڌي لٺين ۽ ڪهاڙين هڻي ماريو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي پوسٽ مارٽم لاءِ ننگرپارڪر اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

ڇوڪري غير ماڻهن سان ناجائز تعلقات هئا، غيرت ۾ اچي قتل ڪيم، ڪو پڇتاءُ ناهي: جوابدار والد

ننگرپارڪر(ن ع) ننگرپارڪر ۾ وحشي پيءُ پنهنجي نياڻي کي ڪاري قرار ڏيئي ڪيس مٿو ڪوڙي هٿ پير ٻڌي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏي. قاتل والد موجب ته ڇوڪري غير ماڻهن سان ناجائز تعلقات هئا ڪيس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: پيءُ هٿان ڪارنهن الزام هيٺ قتل ٿيل ناري جو لاش

نوابشاهه ۾ ايس آئي سي ڊي ڊي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

مظاهرين غلام مصطفيٰ جمالي، بتول بيبي، روبينا سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊي پي سي بحال ڪري هيلٿ پروفيشنل الائونس سان گڏ انشورنس ڪارڊ جاري ڪيو وڃي

نوابشاهه(س ر) ايس آئي سي ڊي ڊي جي ملازمن پاران ايس آئي سي ڊي ڊي يونٽ نوابشاهه جي آڏو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي غلام مصطفيٰ جمالي، بتول بيبي، روبينا سولنگي، وقار مري، بشير احمد، عثمان آرائين ڪري رهيا هئا ان موقعي تي موقعي تي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيستائين اسان جا پروموشن، انشورنس، هيلٿ الائونس ڪراچي جي اين آئي سي وي ڊي جي مطابق نه ڪيا ويا وڃن تيستائين بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي لڳ ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

گولاڙچي (ٽ ر) ٽي او ميل ۽ فيمل گولاڙچي جي ڪار سان موٽرسائيڪل جو ٽڪر ڪولهي برادري جا 3 ماڻهو زخمي، راهوڪي پرسان ڳوٺ آلو ڪولهي وٽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر گولاڙچي يونس راهمون ۽ ٽي او فيميل نياز ميمڻ جي ڪار بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: روڊ حادثي جو شڪار ٿيل ڪار ۽ موٽرسائيڪل واقعي واري هنڌ تي پيل آهن

گولاڙچي لڳ ويگو جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻه نوجوان فوت، هڪ زخمي

فتح آباد چوڪ پرسان تيز رفتار ويگو گاڏي جو موٽرسائيڪل سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ موهن ميگهواڙ ۽ تلسي ميگهواڙ موقعي تي فوت ٿي ويا

زخمي اشوڪ ۽ لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

گولاڙچي (ٽ ر) گولاڙچي — بدين روڊ تي المناڪ حادثو ويگو سان ٽڪر سبب ميگهواڙ برادري جا ٻه نوجوان فوت، هڪ زخمي گولاڙچي ۾ گذريل رات دير سان بدين—گولاڙچي روڊ تي فتح آباد چوڪ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ واپڊا يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

ملازمن انور چانڊيو، اصغر خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڪمپنين جي نجڪاري ۽ پرائيويٽ پبلڪ پارٽنرشپ جا منصوبا فوراً ختم ڪيا وڃن

نوابشاهه(س ر) واپڊا يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ منو آباد کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي خبر موجب آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ منو آباد کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن مان ٿيندي نوابشاهه پريس ڪلب پهتي ريلي ۾ سوين ملازمن شرڪت ڪئي احتجاجي ريلي جي اڳواڻي ڊويزنل چيئرمين انور چانڊيو اصغر خاصخيلي راڄ غفار غلام سرور لاشاري، بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ملير رهواسين جو پاڻي ڪوٽ خلاف مظاهرو، ڌرڻو نيشنل هاءِ وي بلاڪ

يوسي گهگهر جي ڳوٺ ڏنڊو ڪوسو جي رهواسين احتجاج ڪندي نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو

هڪ مهينو ٿي ويو پاڻي کان محروم آهيون جوابدار نمائندا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن: ڳوٺاڻا

ملير (د ر) ملير جي علائقي جي يو سي گهگهر جي قديم سنڌي وسندي ڏنڊو ڪوسو جي رهواسين جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج، ڳوٺاڻن نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن داؤد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي نيشنل هاءِ وي بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مظاهري ۾ شريڪ عورتون ۽ ٻارڙا روڊ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ان موقعي تي مظاهرين صحافين اڳيان ڳالهائيندي چيو ته گذريل هڪ مهيني کان پاڻي بند آهي، بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر يونين جو صدر عبداللطيف نظاماڻي احتجاج کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوغلام علي لڳ مهمان ٿي آيل 12 سالا نينگر گم، وارث پريشان

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي لڳ ڪنري کان مهمان ٿي آيل 12 سالا هندو نينگر گم وارث پريشان خبر موجب ٽنڊوغلام علي ويجهو پٽائي پمپ لڳ قائم سرن جي ڀٽي تي ڪم ڪندڙ سنڌس ٽي سائيٽن وٽ مهمان ٿي آيل 12 سالا هندو نينگر رميش ولد لڇمڻ ڪولهي ڪلهه کان گم ٿي ويو وارثن موجب نينگر بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ منشيات ڪنٽرول نه ڪرڻ تي سي آءِ اي انچارج سميت ٻه ڪانسٽيبل معطل

عمرڪوٽ(د ر)عمرڪوٽ ۾ منشيات ڪنٽرول نه ڪرڻ تي سي آءِ اي انچارج عمرڪوٽ عزيز احمد راهمون ڪانسٽيبل ارشاد ڪنڀر ۽ ڪانسٽيبل مولابخش ڪوسو معطل ڪيو ويو ڊي آءِ جي پي اسٽيبلشمينٽ ڪراچي نعيم احمد شيخ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دوڙ پوليس پاران 8 قومپرست ڪارڪنن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

دوڙ(ن ع) دوڙ ٿاڻي تي پوليس 8 قومپرست ڪارڪنن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڪيس ۾ طاهرسنڌي منتظر وڳڻ سعيد احمد خاصخيلي رحيم بروهي راشد بروهي ۽ ٻين کي نامزد ڪيو ويو آهي ڪارڪنن چيو آهي ته ڪيس داخل ڪري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو لڳ هٿياربندن هڪ واپاري کي اغوا ۽ ٻئي کان لکين رپيا ڦري ويا، متاثرن جو ڌرڻو

هٿياربندن ڪرياڻي جي هول سيل ڊيلر شبير احمد ميمڻ کي دڪان بند ڪري گهر ويندي رستي مان اغوا ڪري فرار ٿي ويا

ڪشمور روڊ تي غلام رسول پٺاڻ جي پمپ تان هٿياربند ارباب ميراڻي کي زخمي ڪري 20 لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا

مغوي ۽ زخمي جي وارثن پاران ڪشمور روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو، پوليس ٻن ڏينهن جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوهڙ) اوٻاوڙو لڳ ڪنيڙا ۽ ڀرپاسي ۾ وڌندڙ بدامني شهري ۽ ڪاروباري برادري لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻجي وئي آهي،جتي ڪنيڙا ٿاڻي جي حدن ۾ ڌاڙيلن ٻه وڏيون وارداتون ڪري بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، آنوز جي دڪان مان چوري

نامعلوم چور اسرار آنوز جي ڇت ٽپي لکين روپين جي چوري ڪري فرار

دڪان مان 2 لک کان وڌيڪ روڪ ۽ 3 لک کان وڌيڪ پارٽس ڪڍي ويا آهن:متاثر

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني رڪجي نه سگهي چورين روز جو معمول بڻجي ويون رات دير سان نامعلوم چور مين انڊس هاءِ وي روڊ تان اسرار آنوز جي ڇت ٽپي هڪ دفعو ٻيهر لکين روپين جي چوري ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع ملڻ باوجود ڪڪڙ پوليس چورن آڏو بيوس بڻجي ڪک پڃين ٻيٺو نه ڪيو هوڏانهن متاثر آنوز مالڪ نوجوان اسرار ابڙو ڏانهيندي چيو ته ڪڪڙ ۾ بدامني وڌي وئي آهي نامعلوم چورن رات دير سان منهنجي دڪان بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف واپارين جو شٽرڊائون هڙتال جو اعلان

ٺٽي شهر ۾ گذريل چئن ڏينهن دوران 3 وڏيون ڦر جون وارداتون ٿيون

شهري ۽ واپاري ڌرين پاران پوليس جي نااهلي تي ڳڻتي جو اظهار

ٺٽو(د ر) ٺٽي شهر ۾ بدامني ۾ واڌ خلاف واپارين هڙتال جو سڏ ڏيئي ڇڏيو ٺٽي ۽ مڪلي جي شهري آبادين ۽ واپاري مرڪزن تي پوليس جي فوري مقرري نه ٿي ۽ پراپر پوليسنگ نه ڪئي وئي ته احتجاج طور هڙتال ڪئي ويندي، ڊسٽرڪٽ تاجر اتحاد ضلعي ٺٽي جي صدر ڊاڪٽر ڪامران قريشي چيو آهي ته ٺٽي شهر ۾ گذريل چئن ڏينهن دوران ڏٺي ڦر جون 3 وڏيون وارداتون ٿيڻ کانپوءِ شهري عدم تحفظ جو شڪار بڻيل آهن ڪالهه ڏينهن بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد: مقامي اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب ۾ ٻارڙا شريڪ آهن

مانجهند ۾ پي ٽي سي ايل آفيس جي سرڪاري عمارت تي ٻاهر جو قبضو

سرڪاري سياسي جماعت جي اڳواڻ مبينا طور آفيس تي پنهنجا تالا هڻي ڇڏيا

سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو سخت احتجاج، قبضو ختم ڪرائڻ جو مطالبو

مانجهند (ن ع) مانجهند شهر جي پي ٽي سي ايل جي ڪافي وقت کان بند پيل آفيس تي سرڪاري ڌر جي سياسي جماعت جي اڳواڻ مبينا تالا ٽوڙائي صفائي ڪرائي پنهنجا تالا هڻي ڇڏيا پي ٽي سي ايل آفيس بند ٿيڻ کان پوءِ ڪيترائي سال مختيارڪار روينيو مانجهند کي آفيس حوالي ٿيل هئي جنهن آفيس کي تعلقه اسپتال مانجهند جي عمارت ۾ منتقل ڪري ٻاهر آفيس ۾ رکيل سامان ڪڍائي مختيارڪار آفيس منتقل ڪرائي پنهنجا بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم ڊگري ڪاليج ۾ پروقار ثقافتي پروگرام منعقد

پروگرام ۾ خرم ڪريم سومرو، نثار احمد راڄپر عباس مهندي ۽ ٻين جي شرڪت

ايم پي اي خرم ڪريم سومرو پاران صاف پاڻي ۽ ڪتابن لاءِ 2 لک روپيا ڏيڻ جو اعلان

ٻلڙي شاهه ڪريم (ٽ ر) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ هڪ پروقار ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو ثقافتي پروگرام ۾ پ پ ايم پي اي خرم ڪريم سومرو ڊگري ڪاليج جي پرنسيپال نثار احمد راڄپر پروفيسر عباس مهندي پروفيسر قربان خان رند اسدالله پروفيسر وقاص ماجد ليڪچرار وقار الحسن هيڊ ڪلارڪ عبدالرزاق سومرو رند قومي اتحاد سنڌ جو نائب صدر زاهد خان رند پ پ ضلعي وائس چيئرمين حاجي غلام مصطفيٰ جت يوسي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ يوم والدين تقريب، ٽرافيون، ميڊل ۽ روڪ انعام ورهايا ويا

چيئرمين بورڊ آف گورنرز ميجر جنرل شهريار قريشي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

ڪيڊٽس ڪراٽي، جمناسٽڪ جا ڪرتب ڏيکاري پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ 34 هون يوم والدين جي تقريب پڄاڻي تي پهتي، تقريب ۾ مهمان خاص ميجر جنرل جنرل آفيسر ڪمانڊنگ 16 ڊويزن ۽ چيئرمين بورڊ آف گورنرز شهريار قريشي شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپل ريٽائرڊ برگيڊيئر غلام رضا ۽ برگيڊيئر عمر خان ڪمانڊر 34 برگيڊ گڏجي مهمان خاص جو استقبال ڪيو بعد بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ملير: اليڪشن ڪمشنر ووٽ جي آگاهي بابت ڄاڻ ڏئي رهيو آهي

دوڙ ۾ پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ جي عنوان هيٺ ريلي ڪڍي وئي

دوڙ (ن ع) دوڙ سوين شاگردن ۽ استادن پاران تعلقه دوڙجي ايجوڪيشن آفيسر سرصاحب خان زرداري پ ٽ الف اڳواڻ استاد گلزار احمدميراڻي استادنواز علي مري استاد مشتاق احمد پرهيار استاد محمد بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ موٽرسائيڪل تي پيرسن جوڙو پاڇي کڻي وڃي رهيو آهي

راضيديرو لڳ ٻه مهينا اڳ چوري ٿيل درزي دڪان مان مشين کوهه مان هٿ، متاثر جي چهري تي مرڪون

راضيديرو(ن ع) راضيديرو پرسان اڳڙا ٿاڻي جي پڪ ۾ ٽٿون ڳوٺ پٺاڻي واسي 40 سالن کان اڳڙا ۾ درزڪو ڪم ڪندڙ پورهيت استاد ڏٿي بخش گوپانگ جي ٻه مهينا اڳ سلائي جي دوڪان مان چوري ٿيل ڪاجن واري مشين اڳڙا آخوند محلي تنير جي کوهه مان هٿ آئي آهي ان سلسلي ۾ استاد ڏٿي بخش گوپانگ ميڊيا بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو بجلي جا بل هٿن ۾ کڻي واپڊا عملدارن خلاف احتجاج

نئون ڪوٽ (ن ع) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ ڏٿي بخش پنهور جي رهواسين عبدالمجيد پنهور، مبين پنهور، خليل ۽ گوبندا ميگهواڙ نئون ڪوٽ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ هٿن ۾ بجلي جا بل کڻي الزام لڳايو ته ايس ڊي او حيسڪو سب ڊويزن نئون ڪوٽ بلاجواز هڪ مهيني کان اسان جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

کپرو ۾ فوڊ اٿارٽي ٽيم جا هوٽلن، بيڪرين ۽ دڪانن تي ڇاپا، ڏنڊ وصول

کپرو (ن ع) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي عملدار لويت ڪمار علي جان شاهه اسسٽنٽ ڪمشنر کپرو سرمد شيخ جي اڳواڻي ۾ کپرو واهه تي سميت ڪن هوٽلن تي ڇاپا هنيا عملدارن موجب جتي کير ۾ سرف مڪس گوشت ڏهي ڪسٽرڊ گڏ هجڻ صفائي جو بهتر نظام نه هجڻ سبب 3 هوٽلن هڪ بيڪري سفائي جي دڪانن تي ڇاپا هنيا ويا عملدار بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڊي سي گهوٽڪي سردار ڳڙهه اسپتال جو دورو ڪري تعميري ڪمن جو جائزو ورتو

خانپور مهر (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي شيخ همدان اسپتال خانڳڙهه ۽ سردار ڳڙهه جي اسپتال ۾ جاري تعميري ڪمن جو دورو ڪري ڪم جي معيار جو تفصيلي جائزو ورتو. هن لاڳاپيل انجنيئرن کي هدايتون جاري ڪيون ته بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

پشاور: سرن جي ڀٽي تي پورهيت ڪم ڪري رهيا آهن

گهارو لڳ سوزوڪي ڪلٽي، نوجوان فوت، 3 ڄڻا زخمي

سوزوڪي ڪلٽي ٿيڻ سبب شيخ عالي جو رهواسي فياض بروهي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ محمد حسين ملاح، نور محمد سمون، عبدالعزيز زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ٺٽو (د ر) گهارو لڳ سوزوڪي ڪلٽي ٿيڻ سبب مڪلي لڳ درگاهه شيخ عالي جو رهواسي نوجوان فياض بروهي فوت ٿي ويو جڏهن ته 3 نوجوان زخمي ٿي پيا جن ۾ محمد حسين ملاح نور محمد سمون عبدالعزيز شامل آهن زخمين کي گهارو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن فياض بروهي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ٻڌايو وڃي ٿو ته حادثو تيز رفتاري سبب سوزوڪي ڪلٽي ٿيڻ ڪري پيش آيو

جيڪب آباد پرسان اڻڄاتل پيرسن شخص جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

لاش جي سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب پوسٽ مارٽم بعد مرده خاني حوالي

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد جي آباد ٿاڻي پرسان قومي شاهراهه تي اڻڄاتل پيرسن شخص جو لاوارث حالت ۾ لاش هٿ، اطلاع تي حد جي پوليس پهچي لاش کي سول اسپتال ڪٺائي آئي جتي ڊاڪٽرن پاران پيرسن جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو ان سلسلي ۾ حد جي پوليس ٻڌايو ته پيرسن شخص جو لاش آباد ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه پرسان هٿ آيو آهي پوليس موجب: پيرسن شخص ڪنهن روڊ حادثي جو شڪار ٿيو آهي باقي وڌيڪ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

Brick-kiln Workers
Gala

حيدرآباد: سرن جي ڀٽن تان آزادي ماڻيندڙ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

کپرو لڳ راڄڙ ۽ سانڊ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 10 ڄڻا زخمي

ڳوٺ جڻيند سانڊ ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي عثمان، خير محمد، نصير، عبيدالله ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

کپرو (ن ع) کپرو ٿاڻي جي حد ۾ اچڙو ٿر جي علائقي ڳوٺ جڻيند سانڊ سوداڪر ۾ زمين جي مالڪي تان سانڊ ۽ راڄڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ لٺن جا ڏڪ لڳڻ سبب عثمان ولد قاسم، خير محمد ولد قاسم، تصيراحمد ولد اسماعيل عبيدالله ولد عبدالوحد، موسيٰ ولد عبدالقدوس، اياز ولد ولي محمد، صادق ولد عبدالرحمان قمر الدين گل محمد، اميرالدين خدا بخش سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي کپرو ٿاڻي تان ليٽر وٺي علاج لاءِ تعلقي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

کپرو لڳ هٿياربندن پاران زميندار جي اوطاق تي حملو، ٻه ڄڻا زخمي

زميندار ڏاڏو غلام محمد لاشاري جي اوطاق موٽرسائيڪل سوارن ڪاهه ڪئي

هٿياربند چوڪيدار رميش ۽ موتي ڀيل کي لٺيون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

کپرو (ن ع) کپرو ويجهو ڳوٺ غلام محمد لاشاري ۾ زميندار ڏاڏو غلام محمد لاشاري جي اوطاق تي ٽي موٽر سائيڪل سوارن سندس اوطاق تي هلان ڪري چوڪيدار رميش پٽ ڏنيو موتي پٽ آچر ڀيل کي لٺن جا ڌڪ هڻي زخمي ڪري وڌو زخمين کي کپرو ٿاڻي تان ليٽر وٺي تعلقه اسپتال کپرو علاج لاءِ آندو جتي وڌيڪ زخمي هجڻ سبب هڪ زخمي کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو زميندار موجب ٿيل واقعي جي رپورٽ کپرو ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پوليس کي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ يوسي ملازمن کي پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

يونين ڪاميٽي 5 شيخ زيد ڪالوني سچل ٽائون جي ملازمن احتجاج ڪيو

گذريل 10 مهينن کان پگهارون بند هجڻ سبب فاقاڪشي جو شڪار آهيون: ملازم

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي شهر جي يونين ڪاميٽي 5 شيخ زيد ڪالوني سچل ٽائون جي ملازمن طرفان پگهارون نه ملڻ خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ملازمن عبدالعزيز ڪلهوڙو، محمد مراد ابڙو غلام مصطفيٰ عباسي، عبدالرزاق ڪلهوڙو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڳالهائيندي چيو ته اسان شهر جي يونين ڪاميٽي 5 شيخ زيد ڪالوني سچل ٽائون ۾ جونيئر ڪلارڪ ۽ نائب قاصد طور پنهنجيون ڊيوٽيون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

GOVERNMENT DEGREE COLLEGE

دوڙ: گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ۾ ٿيل ثقافتي تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

ٺٽي ۾ سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي پنجين ورسي تقريب، هزارين شرڪت ڪندڙ

منهنجي والد هميشه سچي نيت سان بنا فرق عوام جي خدمت ڪئي:رياض شاهه شيرازي

پنهنجي والد جي مشن تي هلندي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ ڪندا رهنداسين

ٺٽو(د ر) شيرازي خاندان جي سربراهه معروف سياستدان ۽ اڳوڻي صوبائي وزير الحاج سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي پنجين ورسي تقريب شيرازي هائوس ٺٽي ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن سماجي سياسي شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صوبائي وزير سيد رياض علي شاهه شيرازي شريڪ ماڻهن جا ٿورا مڃيندي چيو ته شيرازي خاندان توهان جو احسانمند آهي جو اوهان هيڏي وڏي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪشمير کان آيل مهمانن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي درگاهه تي حاضري

مهمانن درگاهه تي چادر چاڙهي، ملڪ ۾ امن ۽ پائيداري لاءِ خصوصي دعا گهريون

ڀٽ شاهه ڪلچر سينٽر ۾ صوفي شاعري ۽ ثقافتي ورثي جو مشاهدو، ثقافتي محفل ۾ شرڪت

ڀٽ شاهه (ن ع) ڪشمير کان آيل معزز مهمانن ڀٽ شاهه ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي درگاهه تي حاضري ڀري، عقيدت ۽ احترام سان چادر چاڙهي ان موقعي تي خاص دعا ڪئي وئي، جنهن ۾ ملڪ ۾ امن، پائيداري ۽ ڀاهمي يڪجهتي لاءِ دعائون گهريون ويون.ان کان پوءِ مهمانن ڀٽ شاهه ڪلچر سينٽر جو دورو ڪيو جتي کين عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگي، ڪلام ۽ سنڌي ثقافتي ورثي بابت مختلف گوشن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ صوبائي وزير جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کليل ڪچهري منعقد

شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، صحت، تعليم، روزگار مسئلن تي شڪايتون

50 کان وڌيڪ عوامي مسئلا ڪچهري دوران حل، وقت طلب معاملن لاءِ هدايتون جاري

عوام جي پيش ڪيل شڪايتن کي وزيراعليٰ جي نوٽيس ۾ آندو ويندو: محمد علي ملڪاڻي

دادو(د ر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز پاران دادو ۾ کليل ڪچهري شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، شڪايتون موقعي تي حل ڪيون ويون، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي خاص هدايتن تي صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز محمد علي ملڪاڻي اڄ دادو ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ وڏي کليل ڪچهري منعقد ڪئي، جتي شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي کليل ڪچهري ۾ ايم اين اي دادو/جوهي رفيق احمد جمالي ايم پي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ملير: پ پ ايگزيڪيوٽو بورڊ جو اجلاس ايم پي اي راجا رزاق بلوچ جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين طرفان جناح باغ چوڪ تي احتجاج

نجڪاري وارو عمل نه روڪيو ويو ته تحريڪ هلائي روڊن تي اچي پنهنجو حق وٺنداسين: اڳواڻ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين طرفان واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف ريجنل آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي شهر جي مک جناح باغ چوڪ وٽ پهتي، جتي سيڪڙن جي سوين ملازمن پاران هٿن ۾ بينر ۽ ڳاڙها جهنڊا کڻي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ واپاري قرضين کان تنگ اچي پاڻ تي فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

نواز ٽائون ۾ 37 ورهين جي عمران پاجوه انصاري انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي نواز ٽائون ۾ ڪيڙي جي ڳدام ۾ 37 سالن جي واپاري عمران پاجوه انصاري مبينه طور پاڻ تي پستل سان فائر ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو اطلاع ملڻ تي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

چانهون جو دڙو جي کوٽائي بابت فرانس جي ڏهاڪي تي محيطي تحقيق مڪمل ٿيڻ تي تقريب منعقد ڪئي وئي

نوابشاهه(س ر) چانهون جو دڙو جيڪو هزارين ورهين پراڻي تهذيب جو اهم آثار بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شڪارپور مارجي ويلن جا لاش 36 ڪلاڪن تائين مرده خاني حوالي، وارثن جو احتجاج

مارجي ويل جي عورتن جو ڪلام پاڪ کڻي احتجاج، لاش نه ڏيڻ جا الزام، انصاف جو مطالبو

آءِ جي ۽ مختلف سياستدانن پاران مقابلي ۾ زخمي ٿيل ڊي ايس پي ۽ اهلڪارن جي عيادت ڪئي

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جمالي) گذريل ڏينهن شڪارپور جي منجهر شاهه قبرستان ۾ مبينا پوليس مقابلي وارو ما سري اسڪورٽ گنج ٿاڻي تي سرڪار جي مدعيت ۾ فريادي انسپيڪٽر خيل رند بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٻاءِ پاس تي ايل اين جي پرائيندي وين کي لڳل باهه کي وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

مٽياري الهڏنو سانڊ ريلوي ڦاٽڪ وٽ نوجوان ريل اڳيان اچي خودڪشي ڪري ڇڏي

مٽياري (د ر) عمران علي صبح سوير گهران نڪتو ۽ وارثن چوڻ مطابق ته هوٽل کولڻ ويو آهي وارثن چوڻ آهي ته دماغي توازن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

مٽياري لڳ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

مٽياري (د ر) مٽياري لڳ سيڪاٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪارو ڪوسو ۾ مهنداڻي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: جهيڙي ۾ مارجي ويل گل حسن بکراڻي جو لاش

ٽنڊوآدم ۾ واپڊا يونين پاران امڪاني نجڪاري ۽ مسئلن جي حل لاءِ قلم ڇوڙ هڙتال

ملازمن نور حسن ٻگهيو، اختر علي ڪلوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

امڪاني نجڪاري جو منصوبو فوري طور ختم ڪيو وڃي نه ته دما دم مست قلندر ٿيندو

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ٽنڊوآدم ڊويزن پاران واپڊا جي امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ قلم ڇوڙ هڙتال ڪري ڊويزنل چيئرمين نور حسن ٻگهيو . جنرل سيڪريٽري اختر علي ڪلوئي جي اڳواڻي ۾ ملازمن جي وڏي انگ ڊويزن آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن نورحسن ٻگهيو، اختر علي ڪلوئي . عبدالغفور بروهي . منظور خاصخيلي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

شادي لارج لڳ موٽرسائيڪل ۾ رئو ڦاسڻ سبب عورت فوت، ٻه ڄڻا زخمي

قبائلي چڪ لڳ موٽرسائيڪل تي ڳوٺ ويندڙ سان چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب حادثو پيش آيو

حادثي سبب هڪ مرد ۽ ٻه عورتون زخمي ٿي پيون، اسپتال ۾ استاد گل بروهي جي گهرواري دم ڏنو

لاش کي وارث گهر کڻي ويا، بدين اسپتال انتظاميا هڪ عورت کي حيدرآباد ريفر ڪري ڇڏيو

شادي لارج(ن ع) شادي لارج قبائلي چڪ مين روڊ تي موٽر بائيڪ جو افسوسناڪ حادثو چين ۾ رئو ڦاسڻ سبب هڪ عورت فوت ٻه ماڻهو سخت زخمي انڊس اسپتال بدين ۾ داخل جتان هڪ زخمي عورت سول بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ انجمن تاجران جي ميٽنگ، جاتي ۾ واپاري ڦر جي سخت مذمت

ضلعي سجاول ۾ واپاري ايسوسيئيشن لاءِ آفيس جلد قائم ڪرڻ جو فيصلو

بدامني ۽ منشيات خلاف ضلعي آفيسرن سان ملاقاتون ۽ لائحه عمل جا فيصلا ڪيا ويا

سجاول (د ر) سجاول شهر ۾ انجمن تاجران ضلعي سجاول جي عهديدارن جي اهم ميٽنگ صدر حافظ رياض احمد ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ جاتي شهر جي واپاري ڀلاج ڪمار کان ٿيندڙ ڦر واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ويو ته جاتي جي واپاري کان ٿيندڙ ڦر جي ريڪوري ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو جڏهن ته بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد پوليس پاران مقابلي بعد ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

قاضي احمد (ن ع) قاضي احمد پوليس جو پڊ روڊ روڊ تي مبينا ڌوهارين سان مقابلو هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو ٻيو ڦورو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ايس ايڇ او قاضي احمد ميڊيا کي ٻڌايو ته رات دير سان اسان پوليس بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي احتجاجي ريلي

عمران خان سان ڀيڻن، توڙي وڪلن ۽ اڳواڻن کي به ملڻ نٿو ڏنو وڃي:مظاهرين

عمران خان تي داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن سندس ملاقات تان پابندي هٽائي وڃي

ٺٽو(د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف ضلعي ٺٽي عمران خان جي ڀيڻن سان ملاقات نه ڪرائڻ کين حراسان ۽ تشدد ڪرڻ خلاف پبلڪ پارڪ مڪلي کان نيشنل پريس ڪلب ٺٽي تائين ريلي ڪڍي وئي نيشنل پريس ڪلب تي احتجاج ڪندي ضلعي صدر امجد شاهه مراد خان عرفان ماڇڪاڻي مراد ساڃي واجد قاضي ظهير شاهه ۽ ٻين تقريرون ڪندي چيو ته حڪومت سياسي اخلاقيات کان وانجهيل آهي عمران خان تي هٿ ٺوڪيا ۽ من گهڙت ڪيس داخل بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

وڳڻ لڳ ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ کان محروم معذور نوجوان جو حڪومتي بي ڌياني خلاف احتجاج، سهائتا جي اپيل

وڳڻ (ن ع) ڳوٺ ڦرڙي هاشم جو رهواسي درويش صفت، قدرتي ڏات کان محروم نوجوان 38 سالا ڀيڻ تنيو اشارن سان ڳالهائيندي چيو ته آئون زبان کان ڳالهائڻ ۽ ڪنن سان ٻڌڻ جي سگهه کان محروم بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ملير گهگهر واسين پاران پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دوڙ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي ثقافت ڏينهن نهايتُ جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

دوڙ (ن ع) دوڙ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي ثقافت ڏينهن نهايتُ جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو جنهن ۾ شاگردن استادن ۽ معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جا هن پروگرام ۾ مهمان خاص ڊاڪٽر محمد طاهر سومرو صاحب (ميڊيڪل آفيسر دوڙ) پروفيسر عرفان ڏاريجو صاحب (ليڪچرار بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو هٿياربند اسڪول ويندڙ شاگرد کي موٽرسائيڪل سميت مبينا اغوا ڪري ويا

قمرالدين چانڊيو لڳ ڳوٺ نواب سابقي 15 ورهين جي هٿياربند اسڪول ويندي اغوا ڪري ويا

اطلاع تي وارث، علائقي جا معززين ۽ ڊي ايس پي راءِ آصف ڪرل وڏي نفري سميت پهچي معلومات ورتي

جلد اصل حقيقت تائين پهچي شاگرد بازياب ڪرايو ويندو ۽ ملوثن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو: پوليس

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو ويجهو قمر الدين چانڊيو ٿاڻي جي حد قمرالدين چانڊيو لڳ ڳوٺ نواب سابقي کان مورو اسڪول ويندي شاگرد عمران سابقي کي موٽرسائيڪل سميت مبينا اغوا ڪري بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

بوزدار وڏا پوليس پاران جوابدار کي شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا ٿاڻي جي ايس ايڇ او آغا عابد علي پٺاڻ سپاهه سميت گشت دوران ميرواهه ڪينال جي دهي پل وٽان جوابدار سليم پٽ پيرانو چنو کي 3 شراب جي بوتلن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ پوليس گرفتار جوابدار سليم چنو کي بوزدار وڏا ٿاڻي تي کڻي آئي ۽ ڪيس لاڪپ ڪري ڇڏيو ۽ سرڪار پاران سب بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڦلجي ۾ گرلس پرائمري اسڪول جو تعميرا ڪم رولڙي جو شڪار، احتجاج

تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ جي ڪري ٻارڙا پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور

تعليم کاتي جي آفيسرن کي بار بار شڪايتون ڪيون آهن پر تدارڪ ناهي ٿيو:مظاهرين

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن جي ڳوٺ حاجي پليءِ ڏنو پنهور جو گرلس پرائمري اسڪول جو تعميراتي ڪم گذريل هڪ سال کان وٺي رولڙي جو شڪار هجڻ خلاف اسڪول جي سوين ٻارڙن تدريسي عمل جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي جڏهن ته اسڪول جا سوين معصوم ٻارڙا توڙي نياڻيون تعليم جي بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن اسڪول جو تعميراتي ڪم مڪمل نه ٿيڻ جي ڪري ٻارڙا پٽ تي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڀٽائي جي درگاهه تان ٿيل چانديءَ جي چوري ۾ ملوث چور ۽ سونارو گرفتار

ڊي ايس پي هالا پنهنجي ٽيم سان ڪارروائي ڪري جوابدار انور ماڇي کي گرفتار ڪيو

جوابدار جي نشاندهيءَ تي پوليس شاهي بازار مان سوناري عبدالغفار کي به گرفتار ڪري ورتو

ڀٽ شاهه (ن ع) سنڌ جي معروف درگاهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مزار جي لڪي گيٽ مان ٿيل چانديءَ چوري وارو معاملو ميڊيا ۾ رپورٽ ٿيڻ بعد ڊي ايس پي هالا يعقوب ٻرڙو ايس ايڇ او ڀٽ شاهه ۽ درگاهه ڀٽائي جي سيڪيورٽي انچارج مٺل راهو پنهنجي پوليس ٽيم سان گڏجي چوري ۾ ملوث جوابدار انور ماڇي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته جوابدار جي نشاندهي تي پوليس پاران هالا جي شاهي بازار مان عبدالغفار نالي سوناري کي پڻ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نينگر ڦوهارن کي آخري ٽچ ڏئي رهيو آهي

راضيديرو پوليس پاران ٻن جوابدارن کي جعلي سگريٽن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

راضيديرو (ن ع) راضيديرو خيرپور لاڙڪاڻو باءِ پاس تي اڳڙا پوليس سميت راضيديرو چوڪيءَ تي مقرر پوليس جي ڪامياب ڪارروائي جعلي سگريٽن سان ڀريل اڇي رنگ جي ڪلٽس ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي اڳڙا ۽ راضيديرو جي پوليس کي خفيه اطلاع ملڻ جي صورت ۾ خيرپور—لاڙڪاڻو روڊ تي چيڪنگ دوران بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

ملير: ابراهيم حيدري ٽائون چيئرمين نظير احمد ڀٽو مختلف اسڪيمن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

معاشري ۾ خوشگوار فضا ۽ بهتر ماحول کي فروغ ڏيڻ لاءِ وڻ پوکيا وڃن: مٺل خاصخيلي

شاگرد ۽ استاد وڌ کان وڌ پنهنجن اسڪولن ۾ وڻ ۽ ٻوٽا لڳائين ۽ انهن جي سار سنڀال ڪن

ٿاڻوبولاخان جي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول 2 آشيانه پارڪ ۾ شجرڪاري مهم دوران خطاب

ٿاڻوبولاخان (ن ع) صحتمند ماحول ۽ انساني زندگي ۾ وڻ بنيادي اهميت رکن ٿا وڻ نه صرف فضا کي صاف رکن ٿا پر تعليمي ماحول ۾ بهتري آڻين ٿا . اهڙن خيالن جو اظهار تعلقي ايجوڪيشن سيڪنڊري آفيسر ٿاڻوبولاخان محمد مٺل خاصخيلي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول 2 آشيانه پارڪ ٿاڻي بولاخان ۾ شجرڪاري مهم دوران اسڪول ۾ ٻوٽا ۽ وڻ لڳائڻ وقت موجود استادن ۽ شاگردن کي خطاب ڪيو هن ان موقعي تي وڌيڪ چيو ته خوشگوار بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي سکر ريجن پاران شهرين ۾ بنيادي انساني حقن بابت آگاهي پيدا ڪرڻ جي مقصد سان بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ۾ انساني حقن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ميگا سيمينار منعقد

ميڪس گرين اسڪل ڊولپمينٽ آرگنائزيشن مختلف آگاهي اسٽال لڳايا، پينل ڊسڪشن پڻ منعقد

راجوير سنگهه سوڍو شاگردن پاران حقن جي حوالي سان شاندار تقريرون ۽ دلڪش ٽيبلو پيش ڪري خوب داد حاصل ڪئي

محڪمو انساني حقن جي انٽرن شپ پروگرام بابت هڪ تفصيلي دستاويزي فلم ڏيکاري وئي، اهم موضوعن تي گفتگو

مٺي (د ر) بين الاقوامي ڏينهن انساني حقن جي موقعي تي محڪمو انساني حق حڪومت سنڌ ۽ ميڪس گرين اسڪل ڊولپمينٽ آرگنائزيشن جي گڏيل سهڪار سان ڳهوڙي پٽ، مٺي ۾ هڪ شاندار انٽرايڪٽو بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر يونين پاران امڪاني نجڪاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ منشيات رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي عمرقيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ جي سزا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي منشيات جي روڪٿام جي خصوصي عدالت منشيات رکڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي عمرقيد ۽ 10 لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جي ٿرڊ ايڊيشنل سيشن ۽ منشيات جي روڪٿام جي خصوصي عدالت جي جج عبدالحق مگريو جي عدالت بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.